# پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول

Gul Hayat Institute

لوڪ ادب سلسلي جو ٻارهون ڪتاب

# پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

١٩٨٣ع

چاپو پهريون | آگسٽ ١٩٦٥ع | تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيون | آگسٽ ١٩٨٣ع | تعداد ٢٠٠٠


[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

[redacted]

Rs 45X.-00


ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو ڪ اسٽال،

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)


Gul Hayat Institute


هن ڪتاب جو ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٢ تائين مقدمو ۽ ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٣٢ تائين مواد عارف برقي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ باقي سمورو مواد سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

جن هن تجويز کي سن ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سچاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٻارهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي پين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌ يونيورسٽي — خادم العلم

حيدرآباد — نبي بخش

١٠- آگسٽ ١٩٦٥ع

# بابن جي فهرست


باب پهريون: ساديون پروليون ... ٣

باب ٻيون : ساديون منظوم پروليون ... ١٨

باب ٽيون : ڳوڙهيون پروليون ... ٣١

باب چوٿون: ٻول - پروليون ... ٥٦

باب پنجون: دستاب ... ٨١

باب ڇهون : هيماريون ۽ ڳوڙها ... ٨٩

باب ستون : ڏٽ پروليون ... ١٢٦

باب اٺون : روايتي ڏٺون ... ١٣٨

باب نائون : معمائون ... ١٥٥

باب ڏهون : ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون ... ١٨١

باب يارهون: ڳرو ڇيلو ... ٢١١

باب ٻارهون: سگهڙ پائي جا ٻول ... ٢٤١

باب تيرهون: عاقلاڻا قول ... ٢٧٠


Gul Hayat Institute

سنڌ وارن جي ذهانت ۽ ظرافت جو ڪمال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بياني وسعت جو معجزو آهي، جو سنڌي ۾ خود ’ڀرولي‘ جي گوناگون نمونن کان سواءِ، ان ۾ هن فن جا ٻيا قسم، مثلاً دستاگ، ڏٺ، معما، ڳجهارت ۽ عُقدن وارا سوال جواب ۽ قسمين قسمين عاقلاڻا ٻول ۽ گفتا موجود آهن. سنڌ جي ايراضي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري جي لحاظ سان، هن فن جو مجموعي سرمايو جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، اوترو دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته ’ڀرولي‘ هن فن جي مڙني قسمن جو مول آهي، يعني ته ڀريون ڏاڪو يا بنيادي باب آهي. ڀروليءَ جي هيئت ۽ قالب ۾ مختلف جزا سمايل آهن: فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت، ۽ نڪتن ۽ حوالن جي پروڙ ڀرولي جي پس منظر جا اهم اسباب آهن، تشبيهه ۽ استعارو ڀرولي جي جان آهن؛ ذهن جي تيزي، ظرافت جي چاشني ۽ بيان جي لطافت ان جي معنوي اثر جا صيقل آهن.

ونڊر ورونهه ۽ ريجهه رهاڻ خاطر ڀروليون عام طرح استعمال ٿين ٿيون، مگر ماضيءَ جي روايتن ۽ داستانن جي اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو ته عام توڙي خاص طبقي ۾ ڀروليون مختلف مرحلن تي مختلف مقصدن خاطر استعمال ڪيون ويون. سنڌ ۾ ڳجهن پيغامن موڪلڻ جو هڪ ذريعو جو غالباً گهڻو آڳاٽي وقت کان استعمال ٿيو، سو اهوئي هو جنهن کي نسبتاً پوئين دور ۾ ’ڳنڍ‘ يا ’موڙي‘ سڏيو ويو: يعني ته هڪ طرفان ڪي شيون ڳنڍ ٻڌي موڪليندا هئا، جن کي آڏو ٻيءَ ڌر وارا ڀڃي پروڙي ان موجب عمل ڪندا هئا. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي، اڪبر بادشاهه ڏي ’ٻڌ‘ ٻڌي ڏياري

Gul Hayat Institute

عنوان سان 'باب اٺين' هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي.

معماڻون. 'معما' معنيٰ مخفي راز يا رمز. سنڌ ۾ اهو لفظ، 'مام' جي عام اچار سان، ڳجهي اشاري يا ڳجهارت جي معنيٰ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج آهي. ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ شيخ لطف الله قادري جي چيل هڪ بيت جي سٽ آهي ته:

"پرين پاڻهي ڏني پاڻهجي، ڪا لوڪان ڳجهي مام".

'معما' يا 'مام' ڳوڙهي پروليءَ جو اعليٰ نمونو آهي. سٽاء جي لحاظ سان 'ڏٽ پرولي' ۽ معما ۾ هيءَ فرق آهي جو 'ڏٽ پرولي' اڪثر ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي بابت هوندي آهي، پر 'معما' ڏٺل کان سواء ڪنهن به اڻڏٺل شيءِ يا سٺل ٻڌل ڳالهه يا مذڪور بابت به ٿي سگهي ٿي. ڏٽ پرولي ۾ اڪثر هڪ شيءِ جو بيان هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ کان زياده شيون هونديون ته به بيان جي سٽاء سادي ۽ سولي هوندي. ان جي برعڪس 'معما' ڪنهن هڪ شيءِ بابت به زياده تفصيل ۽ وڌيڪ مبهم اشارن سان سٽيل هوندي. انهيءَ لحاظ سان سولي 'معما' ڏٽ جهڙي، ته 'ڳوڙهي ڏٽ'، معما جهڙي لڳندي. ان جا مثال 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ پيٿي جي ڏٽ (ص ١٢٨) ۽ ساڳي 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ لاڙڪ جي معما (ص ١٦١)، يا رڍي تي چيل چتي سوڻپار جي ڏٽ (ص ١٣٠) ۽ رڍي تي چيل سگهڙ طاهر جي 'معما' (ص ١٦٧) مان ظاهر آهن. 'ڏٽ' ۽ 'معما' ۾ ٻيو خاص فرق هي آهي ته 'ڏٽ' ۾ اڪثر ڪنهن هڪ شيءِ جي ٿورن آهجاڻن جو بيان هوندو، پر معما ۾ يا ته هڪ شيءِ جي گهڻن اهجاڻن جو تفصيلي بيان هوندو يا اڪثر هڪ کان وڌيڪ شين جو مذڪور هوندو. ڪي 'معماڻون' پنهنجي انوکيءَ سٽاء سان چڱ 'ڏور' واري حيثيت رکن ٿيون، مثلاً:

## مواد ۽ ان جي ترتيب

سواءِ 'ڪڇهارت' جي، پروليءَ جون ٻيون سڀئي مکيه صنفون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جي انفرادي خصوصيت ۽ موضوع جي لحاظ سان انهن کي تيرهن بابن هيٺ سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب جي آڏو مهاڳ طور هر صنف بابت مختصر سمجهاڻي ڏني وئي آهي، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ کي ان صنف جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن جلد جو مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو ۽ مختلف صنفن جون اندازاً ڇهه هزار کن روايتون مليون، جن کي پيٽي زياده عام مقبول ۽ معياري روايتون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون، جن جو عدد ۱۳۰۵ آهي. پروليءَ جي مختلف قسمن جي ايڏي ذخيري کي سهڻي نموني سان سموهي سلسليوار مرتب ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو هو جنهن کي ڪافي محنت سان موجوده ترتيب ذريعي قدري حل ڪيو ويو آهي. ضخامت ۾ نسبتاً هن ننڍي جلد کي مرتب ڪرڻ ۾ لوڪ ادب سلسلي جي ٻين گهڻن ڪتابن کان وڌيڪ وقت لڳو، پر هيءَ محنت اميد ته آئينده تحقيق لاءِ راهه روشن ڪري سجائي ثابت ٿيندي.

ن. ب.

Gul Hayat Institute

# متن

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# باب پهريون

## ساديون ٻروليون

[ هن باب هيٺ اهي ساديون ٻارائيون ٻروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيڻي' اڪثر ننڍين جملن يا ننڍين موزون فقرن تي مبني آهي ۽ 'پڇڻي' ۾ اهي شيون آهن، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن جي ٻارڙن کي ڳولهڻ ڪري پوري پروڙ آهي.]

**آر (چيٽ)**

١. هيڏڙي ٿير جيڏڙي، وڻن ۾ ٿي واڪا ڪري.

**آسمان ۽ تارا**

٢. باغ ٿڙيو پيو آهي، پر ميڙڙي ڪونه.

**آڳريون**

٣. ويهن جو سر لٿو، نڪي مئا، نڪي رت وهيو.

Gul Hayat Institute

**آڱيلو**

٤. اوندو نه هڪ، سنئون نه ٻه.

٥. هو منهنجي هٿ ۾، آءٌ اُن جي پيٽ ۾.

٦. تون ڏس مون ڏي، نه مان ڏسان توڏي.

**اَٽ جو پيڙ**

٧. ٻرپٽ ۾ لولو پيو آهي.

**اخبار**

٨. گهر ويٺي گهوٽ، خبرون ڏئي پرديس جون.

---

١. ٻي روايت: هيڏڙي پڇڻيءَ جيڏڙي، جهنگل ۾ ٿي ريهون ڪري.

**آرٽي**

٩. سڪو ڍنگهر آنا لاهي.

**اڪ**

١٠. پڙهي پاڻي، ڏئي کير.

**آڪ جا ڦن**

١١. رڻ پٽ ۾ ڊگهڙ ڊوڙ.

**اڳڻ**

١٢. سوڙهي گهٽيءَ ۾ نانگ.
١٣. ٻن ٻرن ۾ هڪڙو نانگ.

**انب**

١٤. هيڏڙو پڻ، جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڙهي.
١٥. پيلو وڻ، ڪاري ٽوپي، تنهن کي تو ڇُهين!

**باهه**

١٦. گهرگهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.
١٧. ڳاڙهي ڳاڙهي ڳئون، ڳات واريو ٿي ڪاٺ چري.

**باهه ۽ دونهون**

١٨. ڳاڙهي ماءُ، ڪارو پٽ.
١٩. ماءُ کان پٽ وڏو.
٢٠. ماءُ ڄائي ناهي، پٽ ڪوٺا ٿو ٽپي.

**بصر**

٢١. مٽ جيڏو مڙس، گوڏي جيڏي ڏاڙهي.
٢٢. هيڏڙو پڻ، سڄي گهر کي روئاڙي.
٢٣. وڍين به پاڻ، روئين به پاڻ.

**بندوق**

٢٤. ڪاري ڪتي، ڏورانهون ڏاڙهي.

Gul Hayat Institute

### بندوق ۽ چېرو

٣٥. ڍڪي ڳئون، پڇي ڳابو.
٣٦. رنگي آٿ، ماري ڳونرو.

### بيضو، آنو

٣٧. اڇو اڇو کير جهڙو، جنهن کي دري نه دروازو.
٣٨. اڇو ڦبو پير جو، جنهن کي دري نه دروازو.
٣٩. اڇو ڪوٽ عمر جو، جنهن کي دري نه دروازو.
٣٠. هڪ رنگي شيشي، ٻه رنگو پاڻي.
٣١. ٻاهران سڪو، اندران آلو.

### ٻهارو

٣٢. گهر گهر ۾ لڏڙو ليٽي.
٣٣. گهر گهر ۾ اڇي وڃي.
٣٤. در در تي ڏنبو ليٽي.
٣٥. مٿ جيڏو مڙس، چچ جيڏي ڏاڙهي.

### ٻير (وڻ)

٣٦. چٽي ٻه ماهه، مارجي ٻه ماهه.
٣٧. ٻچن ساماڻي، ماءُ مار ڪاڏهي.
٣٨. ماءُ ڪُتجي، پُٽ بازار گهمن.

### ٻير ۽ ڪنڊو

٣٩. هٿ لايان لال ڪي ته ڏنگو پيو ڏنگ ماري.

### ٻيڙي يا ناڏنگ

٤٠. هلي هلي، پير نه ليهي.

### ٻيڙي

٤١. جيئن چڪ، تيئن چوٽي.

---

٣١. ٻي روايت: منجهه سائو، ٻاهر سُڪو.

٣٩. ٻي روايت: هٿ لايان لال کي ته ڏيو پيو ڏنگ هڻي.

Gul Hayat Institute

### پنيوري

٤٢. ڇوليءَ، ڦرموليءَ، پَر نه لڳيس پيٽ ڀان.

### ٽماٽو

٤٣. ٽُڙ ٽُڪون جهلي، پن پُسا ڪري.

### ٽنڊو

٤٤. ڪارو گڏهه، اڇا آنڊ لاهي.

### ٽر ڪنڀيو

٤٥. ڏؤنرو ڏڪو ڏوڙ ۾، مٿي ٽنبارو.

### ٽوڏي

٤٦. ڏوڙ ڏَٻا سٽيهڙ ۾ ڪن.

### ٽيهَر

٤٧. ننڍ ڦٽل نينگري، رڻ ۾ رات رهي

### ٽڦڻي

٤٨. گهرگهر ۾ ٻوليي سائي.

### ٽوپي

٤٩. اونڌي وَڻي انگهه ۾.

٥٠. سنئين ته سڪي، اونڌي ته پريل.

### ٽوهه جي ول

٥١. رڻ پٽ ۾ روجهه وياڻي.

### ڍهڪڻ (نار جي)

٥٢. چور نه مونکي، نه ڪُٽيان نه ٽوڪي.

٥٣. هڪ ٽنگو همراه، چوڏهن ڪي چماٽون هڻي.

---

٤٥. ٽر جو ڪنڀ (جو ڪنڀيءَ کان وڏو ٿئي).

٤٦. يعني ڏوڙ ۾ ڏبيل آهي ۽ سهي وانگر ٻه ڪن اٿس.

Gul Hayat Institute

## پاڇو

٥٤. سيڪنهن ساڻ.
٥٥. هڻ هڻ نه ويجي ڏي نه.
٥٦. نه پورجي، نه ويجي.
٥٧. ڪٺان نه ڪچي نه، توريان نه تولو ڏي نه ٺئي.
٥٨. ڏينهن چڙهي نه نميو، ڏينهن لهي نه وڏو.
٥٩. هل نه هلي، ٻيهه نه ٻيهي رهي.
٦٠. ڳُهمي هڪ، لڳن ٻه.

## پٽن جي ڏاس

٦١. هڪ محلي ۾ چار گهر، گهر گهر ۾ تيرهن ياٽي.

## پڪو

٦٢. گهر گهر ۾ آندن ويڙهي.

## پڇ

٦٣. پاڙ مٿي، سنگ هيٺ.

## پکال، ساذدارو

٦٤. مٿو جانور پٽن پويان.

## پرڻ

Gul Hayat Institute

٦٥. ڪاڻي ٻه، ڏڪي ٻه، ڪليڪي ٻه.

## پکو (ڪرڙ جو)

٦٦. رتو ديو رنگ پريو، ٻيٺو لوڏا ڪاڻي.
٦٧. ڳڙ ڪائيي، ڳوتري ڦٽي ڪر.

## پيت

٦٨. گرانٺ جيڏو ڳنڊڙو، خرار ڪپاڻي.

٦١. ٻي روايت: چار رنگ، هر رنگ ۾ ١٣ پتا.

**پٻرون**

٦٩. ماس مِٺو، پر هڏي کوڙي.

ٻڻنگهه، ٻڻنگهو

٧٠. ٽِڪو ڏيان ته وري **وري** اچي.

٧١. مان ٽِڪ ٽِڪ، تون وَرِ وَرِ.

**جنڊي**

٧٢. انڌي ڪُتيءِ لوڙها لتاڙي.

٧٣. هلي **ته** ڏُکي، وِهي **ته** ڦٽندي.

**جنب**

٧٤. **گهر** گهر ۾ رِڍَ رڙي.

٧٥. **گهر** گهر ۾ گهُر ڪٺو.

٧٦. اوڳاري ٻه، ڏُکڻي ٻه.

٧٧. ڪائي وات ڪان، **اوڳاري** چئني ڪان.

٧٨. هڪ سڱي ٻڪري، **اوڳاري** واڙ پري.

٧٩. ٻري ٻڪري بادشاهه جي، **اوڳاري** پاڻو پري.

**جُئون**

٨٠. هيڏڙي، تير ڊيڏڙي، وڻن جا پٽڪا **لاهي**.

Gul Hayat Institute

**چانور**

٨١. گهر گهر ۾ نوڙها نچن.

**چاڻٺ**

٨٢. **گهر** گهر اڳيان مُئو مُردو.

**چلم يا حقو**

٨٣. هيٺان ڏنگ درياء، مٿان ٻوڪ **سڙي**.

---

٨١. ٻي روايت: در ڏي ته نوڙها نچن.

۸۴. درياءَ ۾ ڏهل وڄن، ماڙيءَ ۾ مڇ ٻري.
۸۵. ٻاھ لڳي مٽي کي، ڏونهون ڪن ٻير.

**چلهه ۽ مارنگ**

۸۶. گهر گهر ٽيه ـ ٽڪي

**چنڊ ۽ تارا**

۸۷. اڌ مانيءَ جو پيا سڀ ڏونرا.
۸۸. ڪڻ مانيءَ جو، پاٽ گترن جي.

**چوپڙ**

۸۹. هڪ وڻ ۾ چار ٽاريون، ٽاري ٽاري ۾ چار ميوا.

**چانهين، هنداڻو**

۹۰. وڻ پٽ ۾ مٺو مٽ.
۹۱. سائي پاٽ، ڳاڙهو پٽ.

**دروازو**

۹۲. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام.
۹۳. هڪ جوان، ٻه پٽر.

**درياءَ**

۹۴. هند وڇايو پيو آهي، سڄڻ وارو ڪوڃهي.

**ڏونهون**

۹۵. هٿ نڪو پير، مٿمن ماڙيءَ چڙهيو.

**ڏاڏو**

۹۶. گهر گهر ۾ ڪٻڙو (ڏُونڊو) چور.
۹۷. گهر گهر ۾ ڏنگو ڪايو.

**ڏاڙهون**

۹۸. هڪڙي مُٺ ۾ هزار داڻا.

۸۴. ٻي روايت: هيٺان ڏهل وڄن، مٿان ماڙي سڙي.

ڏنڊ

٩٩. آڇا ڇيڙ آڏ ۾ هاريل.

١٠٠. اڇا گهيڻا ڏنڊ ۾ پڏا پيا آهن.

١٠١. اڇن ۾ سُورن سان، وڇن ۾ سُورن سان.

ڏنڊ ۽ زبان

١٠٢. ٻٽيهن ماڻڪن تي بلبل نچي.

ڏندن ڀڳل وات

١٠٣. ٽوٽيون ٽپ نڪري ويا، متنهن سلامت رهجي ويو.

ڏوئي

١٠٤. ڪائي ٻوڙ پلاءِ، پر سدائين ڏٻري.

ڏيڏري

١٠٥. ڏيل وياڻي ڍوريءَ ۾، جنهن کي ٻاهٺ ٻچا.

ڏيو

١٠٦. ڏڙ مٽيءَ جو، سڀي ڪپهه جي.

١٠٧. ڏنڊ سڪي، ٽيٽو مٺو.

رات

١٠٨. شام جو اچي، صبح سان غائب.

رات، ڏينهن ۽ تارا

١٠٩. ماءُ ميڙي گڏ ڪري، پيءُ اچي ته هڪ نه بچي.

رڇيو

١١٠. اڇو اڇو، ٺُمڪن تي نچي.

١١١. اڇو اڇو ريوڙو، ديسئون ديس گهمي.

١١٢. اڇو اڇو ڪير جان، پوچانس پير جان، پڏانس چور جان.

---

١٠٠. گڏا= گهيڻا.

### رنبو يا ڏوئي

١١٣. ڪائي ڪاٺي پر نه ڏاڀي.

### ريل گاڏي

١١٤. هڪڙي ماڻ، سوين ٻار، ڪڇ ۾ ڪنيو ٿي وڃي.

١١٥. ڪالي ڪالي، ٻچان والي، ڪوڪان ڪندي وتي.

١١٦. ڪاري بلا ڪيٽ جهڙي، جيڪا ڏٺي نه ڪُسي.

١١٧. ڪاري مينهن قندار جي نه ڏهڻ جي نه ڪُهڻ جي.

### زبان

١١٨. واڙي ۾ ٽي پؤر ڪُڏي.

١١٩. وچ دريا ۾ وهڙي ڪُڏي.

١٢٠. ڪچ ڪوڏين جي مسيت ۾، بلبل ويٺي نچي.

### سال

١٢١. ٻڪر هڪڙو، ڪُرَ ٻارهن.

### ساهمي

١٢٢. هڪ ڪاٺ، ٻه لوهه، ٽوَ نوڙيون.

### سج ۽ تارا

١٢٣. ڏڻ آهي نه ڏنار ڪونهي ـ ڏنار آهي نه ڏڻ ڪونهي.

١٢٤. هٺا هزرين هزار، پر هڪڙي آئي هڪجي ويا.

١٢٥. ٻون پيءُ ڏٺو ته سڀ مري ويا.

### سج ۽ چنڊ

١٢٦. هليا آهن ته بيٺا نه آهن.

### سُره ٻداڏي

١٢٧. ٽيپي ۾ ٽنگ، چيلهه ۾ چار ٽنگون.

١٢٨. چار پير زمين تي، هڪڙي اک آسمان ۾.

Gul Hayat Institute

سنوڻ

۱۲۹. گهر گهر ۾ ماسي ميڻرو.

سوڻ يا واڙ

۱۳۰. رات جو ڏکي، ڏينهن جو ڦٽندي.

سنوڳو

۱۳۱. هنڊڙو پاڻ، جنهن کي پٽ ۾ لغام.

سئي ۽ ڌاڳو

۱۳۲. پاڻ تي آگر، پڇ تي پورهه.

۱۳۳. پاڻ ننڍڙي پڇ ڊگهو.

قطب تارو

۱۳۴. آيرو آهي نه لتو ڪونهي.

۱۳۵. تيو آهي نه چريو ناهي.

ڪپڙ جي مشين

۱۳۶. پويان ڪاٽي، اڳيان ڪاڍي.

ڪپهه پٽڻ

۱۳۷. نر نڪري ويو، ماديءَ تي پئي مار.

Gul Hayat Institute

ڪرڙ جي پسي

۱۳۸. رڻ پٽ ۾ ريٽو ٽنگيو پيو آهي.

ڪڙو

۱۳۹. در در تي ڊينگ نچي.

ڪڪڙ

۱۴۰. اول ڪنهي پاسا، پوءِ ڪري ٻرڙات.

---

۱۳۰. سوڙ (هند جي) ۽ واڙ (سال جي).

۱۴۰. ٻي روايت: اڳ ۾ ڪري ڦڦڙات، پوءِ ڪري ٻرڙات.

### ڪڪڙ ۽ ٻيضو

١٤١. ماءُ ڦٽندي، پُٽ ڏُڪو.

### ڪلف

١٤٢. گهر گهر ۾ ننڍڙو سپاهي.

### ڪلف ۽ ڪنجي

١٤٣. مڙس تنگيو پيو آهي، زال پٺي گهمي.

١٤٤. پٽ تنگيو پيو آهي، ماءُ وٺي شهر گهمي.

### ڪنجي

١٤٥. مڙس ڦاسائي، پاڻ هلي.

### ڪوڏر

١٤٦. زمين تي وهڙي نچي.

### ڪوئرو

١٤٧. گهر گهر ۾ ڪالُو ڪبُو.

### ڪهاڙي

١٤٨. هيڏڙي، هٿ جيڏڙي، وڻن ۾ واڪا ڪري.

### ڪڻ

١٤٩. جيئن ڪپينس، تيئن وڌي.

### ڪڙ ڪٻيٽو

١٥٠. هيڏڙو پاڻ، جنهن جي پٺيان باهه.

### ڪنڊر

١٥١. سُتي ته ڪُتي، جاڳي ته جِنُ.

### ڪنڀي

١٥٢. ٻرپٽ ۾ اڇو ڦبو.

١٥٣. جوان ته مٺو اڇو، ڪراڙي ته مٺو ڪارو.

Gul Hayat Institute

**کوهہ ۾ رسو**

١۵۴. پُڇ مڙس جي وات ۾، تاڻي وارو ٽِوڙ.

**ڪِنهون**

١۵۵. هٺان هيٺ، وچي مٿي.

**گاهہ**

١۵٦. رڻ پٽ ۾ سائي چادر.

**گِندي**

١۵٧. گهر گهر ۾ مِٺِڙ مائِي.

**گوگڙوُ**

١۵٨. ڪاڙهيِ گِڊِيُ، سائي ٽوپي.

**گهوڙي (سيِبِوين ٽاهڻ جي)**

١۵٩. هڪ ٽِمي ٻڪري، اوڪاري ٽڏا پري.

١٦٠. هيڏانهن ڪئي، هوڏانهن ڪئي.

**لٺ**

١٦١. پاڻ انڌي، ٻين کي وات ڏيکاري.

**لوڏيون (نار يا هرلي ۾)**

١٦٢. اچن ڪِلنديون، وڃن رئنديون.

١٦٣. هڪ جيڏيون هڪ سرتيون، گهمن هڪ بازار.

**ماچيس جي ڏٻلي**

١٦۴. هڪڙو مگ ڏريان، سارو گهر پريان.

**ماڪوڙيون**

١٦۵. رڻ پٽ ۾ رَيُون هار لي.

Gul Hayat Institute

١۵٧. ٿلهي مائي.
١۵٨. گڊي = گڏلي.

### ماکي

١٦٦. رني ٻڪري رڻ ۾ وياڻي.
١٦٧. جبل ۾ جتڙي، موتين سان متڙهي.
١٦٨. گهيتي، ٻه ٻيتي، جتي ويٺي اتي وياڻي.
١٦٩. مال ڀڙي ويو، واڙ ڀٽي ڏيي.
١٧٠. ڪاري ڳئون ڪاٺ ڪٺي، اڄ اهڙي جا اهڙي.

### مادي پاڇڻ

١٧١. گهر گهر ۾ ناڙيون وڇن.

### ماءَ جا ٿڻ

١٧٢. ڪيرُ حلال، ماڻهو مُردار.

### مٽو

١٧٣. اڇي زمين، ڪاري ٻوڪ.

### مرچ

١٧٤. ڳاڙهي گُندي: ڦِڪو ان.
١٧٥. هيٺو هيٺو پاڻ، جيڪو راڻا تو رُناڙي.
١٧٦. نجمل جي ڳوٺري، ماءَ ماءَ جو ٻچ.

### مکائي جو سنگ

١٧٧. ٻروچ کي ٻنڀاءَ ۾، منهن تي مرڪهڙا.

Gul Hayat Institute

### مک

١٧٨. هيڏڙي تر جيڏڙي، ميرن سان ٿي ماڻي ڪاڻي.

### مکڻ

١٧٩. اڇو ٻکي ڍنڍ جو، جنهن کي هڏ نه ڳنڍ.

### مکڙي، مانڊائي

١٨٠. گهر گهر ۾ ناڇو نچي.

---

١٦٠. مال ڀڙي ويو، وٺاڻ پيو وهي.
١٧٦. ٻي روايت: شيشم جي ڏبلي هاٿو هاٿو جا ٻچ.

**مڱهن رڪي**

١٨١. نه تنگي ٻڪري، نه ڏڙا ٻار ڏيکي.

**مڱڻ**

١٨٢. بانڪو هلي بازار ۾، جنهن کي چاليهه چيلا سان.

**موت**

١٨٣. ٻيا مرن، پاڻ نه مري.

**مور**

١٨٤. ٻن ٿوڻين تي باغ ٻترسيل.

**مورتون**

١٨٥. جاء ۾ ويٺل حاڪمزادا، نڪي کائين نڪي پيئن.

**موري**

١٨٦. پٽ ۾ ماڻي پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

**ميڙهن وساڙو**

١٨٧. رڻ پٽ ۾ رت ڦڙو.

**ميڻ بتي**

١٨٨. روئي نه ڏسي، مات ڪري نه اندي.

Gul Hayat Institute

**وات**

١٨٩. هيڏي هيڏي دٻلي، جنهن ۾ ٻٽيهه ٻاوا.

١٩٠. مٿهن هڪڙو، ٿوٽيون ٻٽيهه.

١٩١. هڪ کوٺي، لپ کوڏين جي.

١٩٢. دري ڪوڏين ڀري، اندر نانگڻ نچي.

١٩٣. هڏڙن جي مسجد، جنهن ۾ دلدل پيمي نچي.

**وات، پيچرو**

١٩٤. رڻ پٽ ۾ رسو وڇايل.

**وٽو**

١٩٥. ڌڪ هڻ ته دانهن ڪري - هٿ لاءِ ته ماٺ ڪري.

**وڙ**

١٩٦. پاڻي ڏي ته پي وڃي - ماني ڏي ته رکي هجي.

**وهاڻو**

١٩٧. جنهن ڪي هڏ نه ڳنڍ - سڀهي ٻه سيڪنهن سان.

**هفتي جا ڏينهن**

١٩٨. خلقيل خاوند جا - پنج نر ٻه ماديون.

Gul Hayat Institute

# باب ٻيو

## ساديون منظوم ٻُرڻيون

[ هن باب هيٺ ساديون منظوم پروليون شامل آهن، جن جي ’ڏيڍي‘ ننڍن موزون يا منظوم فقرن تي مبني آهي. هي پروليون اڪثر ٻن يا چئن ننڍين هم قافيه مصراعن تي مشتمل آهن. ٻيجيءَ جي لحاظ سان هي پروليون پهرئين باب ۾ ڏنل پرولين کان البت ڏکيريون آهن، مگر ٻيجيءَ ۾ اهي ئي شيون اچن ٿيون، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن کان ٻارڙا گهڻو ڪري پوريءَ طرح واقف آهن.]

**آسمان ۽ تارا**

١٩٩. سائي ول، اڇا پتا ـ اکين ڏٺا، وات نه چکيا.

٢٠٠. نيري آگڙي چانور ٻڌم ـ ڏينهن جو وڃايم رات جو لڌم.

**آگم ٻيڙن**

٢٠١. چار نر، سورهن ناريون ـ ٻيڙن لئي سڀ سينگاريون.

**اٽ ٻوڙ**

٢٠٢. جنهن کي ساهه نڪا سيسي ـ سا مون ڪاٺ چهندي ڏٺي.

٢٠٣. هيڏانهن ٿوڪي، هوڏانهن ٿوڪي ـ
جيڪو نه ٻجهي، ان جي ناني سوڙي.

**آرسي**

٢٠٤. ڪاري ڪکڙ ڏنبدار ـ آنا لاهي لک هزار.

٢٠٥. هيٺيون پڙ ڪاٺ جو، مٿيون پڙ لوهه جو ـ
جيڪو نه ٻجهي، سو پٽ گوهه جو.

### آڪ

٢٠٦. ڏَنڊَڪ ڏَنڊِي، اپڙ ڪَٽيِي - اڻم ڏني، نہ اڻم چٽِڪِي.

### اڪر

٢٠٧. اڇي ول، ڪارا پتا - اکين ڏنا، وات نہ چکيا.

### اڪيون

٢٠٨. شيش گل، شيش گل، توڙي ڏين هزار گل -
تہ بہ نہ ڏيان هڪڙو گُل.

### اوبرو (ڪوڙڪي ڪم جو اوزار)

٢٠٩. هيڏو هيڏو چوڪرو - پٽڏي بيٺو پوتڙو.

### ايٽ

٢١٠. ڳاڙهو مٽيو رنگا رنگ - بارهن متا تيرهون سنگ.

### باهہ

٢١١. ناناٽا لڏي ويا - ڳاڙهي ڪنوار چڙي ويا.

٢١٢. اوڙي وڃان پاڙي وڃان - گهر ۾ شيشو پوري وڃان.

### بصر

٢١٣. اڇو پلو، سائو پُڇ - توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.

٢١٤. هيترو هيترو پٽاڻ - جيڪو اچين مُڇن ساڻ.

Gul Hayat Institute

### بندوق

٢١٥. ڪاري ڪُتِي، ڏَر ۾ سُتِي - جيتي رَتي آئي دَتي.

٢١٦. ڪاري ڪڪڙ ڏنبڏر - جائي ٻچي، تاتي مار.

٢١٧. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهہ جو لغام -
پيچ ڙي گهوڙا سنئون ميدان.

---

٢١٠. رڱيل ايٽ جي چڪر جون بارهن ڇهنبڙيون يا ڏيونبا ۽ تيرهون هيو.

٢١٧. ٻي روايت: هل ڙي گهوڙا، اڳڙو ميدان.

٢١٨. اڌ ڪاني، اڌ لوهه- ساهي آهيس سڄو ڪوهه.

٢١٩. ڪاري ڳئون، ڳاڙهو ڳابو- رنڱي ڳئون، ماري ڳابو.

**ٻيضو، آنو**

٢٢٠. اڇي اڇي ماڙي- جنهن ڪي در نه تاڙي.

٢٢١. گول ڪول ڦُٻو- جنهن جي پيٽ ۾ آ دُٻو.

٢٢٢. ٻنان در جي هڪ مڪان- آن ۾ حلوائي جو دڪان.

**ٻَٻُر**

٢٢٣. مٿان ساڻو، هيٺان گرو- جيڪو نه ڀڃي ان ڪي چڙهي ٻرو.

**ٻهارو**

٢٢٤. ڪاري ٻلي، جهانئرو پُڇ- توڪي نه اچي ته ٻئي ڪان پُڇ.

**ٻت جو ڪنڍو**

٢٢٥. خان چڙهيوسي ڪيڙ ڳيوسي- خان لٿوسي ميڙ ڳيوسي.

**ٻنڀوري**

٢٢٦. ڳاڙهي ڳاڙهي ڪنوار- جيڪو نه ڀڃي آن ڪي مار.

**ٻڙو**

٢٢٧. سائي چاڻنگ، ٻاهتر ٻيڙا- هڪ هڪ ۾ سؤ سؤ ڪيڙا.

**ٽڙ**

٢٢٨. آٺ آنينگر، سورهن سينگر- چار چٽينگر، ٻه ٻُونگر.

٢٢٩. آٺ آنيلا، سورهن سيلا- چار چگيلا، ٻه البيلا.

**ٿوم، هوڙي**

٢٣٠. اڇي جهرڪي ساڻو پڇ- توڪي نه اچي ته ٻئي ڪان پُڇ.

---

٢٢٧. ٻي روايت: سٺيون ڪامون، سنوان ٻيڙا.

٢٢٨ ۽ ٢٢٩. اٺ ٽڙ ڪيٽيءَ جا، سورهن ٽڙ ڀُونڊڻ (سادي سوئر) جا، چار ٽڙ ڳئون، مينهن وغيره جا ۽ ٻه ٽڙ ٻڪريءَ جا.

ڏاندبو

۲۳۱. گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ ـ وٽي زور نه چڙهي چوٽ.

پاچو

۲۳۲. آس ڏسيو آسريو وڃي ـ چانوَ ڏسيو ڇيهو وڃي.

پِٽڙُڻ

۲۳۳. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي سؤ سوراخن ساڻ.

پسٽ جي ڏوڏي

۲۳۴. هڪ پکي جهنبولي دار ـ جنهن کي ٻچا نَوَ هزار.

پگهر

۲۳۵. آس ڏسيو آسريو وڃي، چانوَ ڏسيو ڇيهو وڃي ـ
واءُ کان پيهو وَنءُ وڃي.

پير

۲۳۶. ٻه ياڙ حصيدار ـ سڀهن گڏ هلن ڏار.

پيهسل

۲۳۷. هلندي هلندي بيهي وهي ـ سر ڪپي سان وري هلي.

پينگهو

۲۳۸. پاڻ هلي، مونکي هلائي ـ ان جو هلڻ مونکي سيباڻي.

۲۳۹. آٺ آنيلي، ٻارهن بيلي ـ چار ڪبوتر، پنجين چيلي.

جنڊ

۲۴۰. ور وڪڙ ڏڏي نانگ جان ـ گهمي پاي ڏاند جان.

جاهو

۲۴۱. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي سؤ سٽن جو ساڻ.

۲۳۹. اٺ پاوا (چارسنجي جا، چار گهوڙين جا)، ٻارهن سٽل، چار ٻوني، پنجين واڻيل منجي.

Gul Hayat Institute

**چاڏي، ماڌاڻي ۽ نيٽو**

٢٤٢. هيٺيون ڪنواري، مٿان ڏ ڪياڻي – چڪ ته چڪيون موچاڻي.

**چڀڙ ۽ ول**

٢٤٣. ٻٽيهنگو رن، ٻٽيهنگو چورا – مري وڃي رن، رُلي ويا چورا.

**چڇڙ**

٢٤٤. آٽ ٽنگون نائين ڪوڙي –
جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آکهه ٿوڙهي.

**چڙهي يا ڪوسُ**

٢٤٥. ڪاري ڪتي، ٻل ۾ ستي – سئو ڳئون ڏسي ڪٽڪي آئي.

٢٤٦. ڪاري ڪتي ڪُپر – ٻه متا ڏهه پير.

٢٤٧. ايندي روئي، ويندي روئي – باڻي ڏسي مُنهن ڌوئي.

**چنڊ ۽ تارا**

٢٤٨. ٻڪريون لک هزار – جن جو هڪ ڌنار.

**چوپڙ**

٢٤٩. هڪڙي رن، چار ڪن – سورهن سهيليون، سٺ چيليون.

**چيونٽي (هر جي)**

٢٥٠. هيڏي رني، ٻئون ۽ ۾ گتي – سون چاڪي رڌي رني.

Gul Hayat Institute

**چانهيون، هنڌاڏو**

٢٥١. سائي سيڪ ميٺو پٽ – ڪاٺو ڙي جيڏيون هٿو هٿ.

٢٥٢. سائي ٻيٽي، خانا گلابي – تن ۾ ويٺا ڪارا شيدي.

**حقو يا چلم**

٢٥٣. هيٺان ڊنڊ، مٿان ڪورو – جيڏانهن چڪ تيڏانهن پورو.

٢٥٤. هيٺان واهه، مٿان باهه – ميان جي! پڇ وڃي پيو ڏاه.

---

٢٤٥. چم جو رڇ، جنهن سان ڪوهه مان پاڻي ڪڍجي.
٢٤٦. ٻه ڪُڙانا (ڪانيون) ۽ ڏهه آڪا.

٢٥٥. مٿي ٻاهه، هيٺ واهه – ڏڙ ڏڙڪي، وچ ڪڙڪي.
٢٥٦. هيٺ ٿڌي وير، مٿي ڪوسي ٻاهه – ڪاڪو پائيٽي ڪي ڏاهه.

## خط

٢٥٧. اڇو پيٽ ڪارا پير – ساري دنيا جو ڪري سير.
٢٥٨. اڇي چُني، اڇو پيٽ – هلي چُني، ننگر نيٺ.
٢٥٩. اڇو پاڻ، ڪارو ويس – گهمي وڃي ديس پرديس.
٢٦٠. در وڃي، دربار وڃي – پاڻي ڏيک مر وڃي.

## ڏاٿو يا رنبو

٢٦١. اڌ ڪاٺ جو، اڌ لوهه جو – جيڪو نه ڄڃي سو پُٽ ڳوهه جو.

## ڏاڙهون

٢٦٢. هيٺرو هيٺرو پاڻ – جنهن کي سؤ موتين جو ساڻ.

## ڏندڻ

٢٦٣. غريب لڌي ويو – جهنڊولو پُٽ چڙي ويو.

## ڏونگهو

٢٦٤. هيڏڙو هيڏڙو پٺاڻ – ٽن ٽُنگن ساڻ.

## ڏيڏري يا ڏولهڙي

٢٦٥. ڪُجهارت ڪُجهڙي – جنهن کي ڪَنَ ناهي پُڇڙي.

## ڏينهو

٢٦٦. ڳاڙهو ڪُڪڙ، ڳٽمڻ گوهي – پٽ ڄار ٻچ ڄڻيو آهي.

## ڏيو

٢٦٧. ماءُ مٽيءَ جو – ساهه سرنهن جو –
لڳيس واءُ – وڃيس ساهه.

---

٢٦٤. ناريل جو کوپو جنهن ۾ ٽي اکين وارا ٽنگ.
٢٦٦. ٻي روايت: امن گوهي، چمن گوهي، چاٺ مريندا نڪال گوهي.
٢٦٧. ٻي روايت: (١) ساس سرنهن جو، ماس مٽيءَ جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.
(٢) ڪنڌ ڪپهه جو، ساس سرنهن جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.

Gul Hayat Institute

٢٦٨. مڙس مٺڙو جو، ڪنڌ ڪپهه جو – لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

٢٦٩. دڙي تي ڏڙو، جنهن تي لعل ڪڙو – لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

## رات، تارا ۽ سج

٢٧٠. ڪاري ماءُ، اڇي ٻچي – آوي ٻيءُ نه هڪ نه ٻچي.

## رمضان جو روزو

٢٧١. رات جو ڪونهي، ڏينهن جو آهي – ٻارهين مهيني اچي ڪاهي.

## رنڊو

٢٧٢. هيڪ چيڙائي هڏو منگي – هيٺان ڪاٺي، مٿان هنگي.

## ريل گاڏي

٢٧٣. هيٺ باهه، مٿي پاڻي – ڪري جهٽ وڃي ڪاڻي.

٢٧٤. ڏکڻ ڏکهوڙي، پاسن سوڙهي –
إئين وڃي جيئن تاجل گهوڙي.

## سارنگ (ڏنهه چڙهيل چانور)

٢٧٥. هيڏڙي ننهن جيڏڙي – پُٽ پيٽ ۾ اچا اُميڏڙي.

## سال، ورهيه

٢٧٦. هڪ صندوق، ٻارهن خانا – خاني خاني ۾ ٽيهه داڻا.

## ساهمي

٢٧٧. اٺ ٽنگون، ٻه پير – پُڇ پٺيءَ تي آهي ڪير؟

٢٧٨. آٺ نوڙيون، نائين ڪام – نه اچي ته ڪر سلام.

## سٽڻ، سلوار

٢٧٩. ٻه چنگهان، چار ناسان – ٻارهين مهيني ول آسان.

٢٨٠. ڏوڻ ٽنگان، چار جهرڪيان –
جيڪو نه پڇهيسي، آنڌهي ڪئون ڪاسان.

---

٢٧٤. ٻي روايت: هرڪو چوي منهنجي گهوڙي.

٢٧٩. يعني ٻارهين مهيني ورو ٿئين ولبي.

٢٨٠. ٻه پانچا، چار چٽيون آنڌائي جون.

Gul Hayat Institute

### سج ۽ چنڊ

٢٨١. ٻه ٽيٽ ڦِکي، گهڻ ساري پٽي-
نہ موٽ مارين، نہ ڪاتي ڪُٺين.

### سُئي

٢٨٢. ننڍڙو **غلام** - جنهن جي مٿي ۾ لغام.
٢٨٣. اچي ٻلي، اچو پُڇ - تو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.
٢٨٤. هيڏڙي هيڏڙي پاڻ - پڇ آسمان ساڻ.

### سبٽاهم

٢٨٥. ڪاري ڪُڪڙ دنبدار - هڻ هٿ هڻ پار.

### شرناء

٢٨٦. ڳهه پائي تہ ڳوٺ کي ڀڏائي - ڳهہ لاهي تہ گونگي آهي.

### ڦُنڌي (گوگڙي مان نڪتل)

٢٨٧. اچي اچي ويٺي - مٿو پنهنجو ڦاڙي ويٺي.

### قرآن شريف

٢٨٨. هڪ ٽڙ، ٽيهہ ڏار - پن تہ جنهن جا لک هزار.

### قرآن شريف (رحل تي)

Gul Hayat Institute
٢٨٩. مٿان درياءُ هيٺان موري - جيتر نہ ڏسان، جيءُ ۾ جهوري.
٢٩٠. هيٺان ٻيڙي، مٿان درياهہ - ڪاٺ وارو هڪ ملاح.
٢٩١. ڪاٺ جو گهوڙو، ليهہ سوار - جيڪو پهچي سو برخوردار.

### ڪانڊيرو

٢٩٢. گل گلاب جو، پن ميندي‍ءَ جو -
جيڪو نہ پڄي، پٽ مگيندي‍ءَ جو.

---

٢٨٦. شرناء وڄائڻ جو ڪَـک.
٢٩٠. ٻي روايت: هيٺان ڪاٺ، مٿان درياء، هلائڻ وارو هڪڙو

### ڪڇون يا ڪڇي

٢٩٣. هيٺان ٿالهي، مٿان ٿالهي – وچ ۾ سيڻ موالي.

### ڪريلو

٢٩٤. هيڏڙو هيڏڙو پٽاڻ – سؤ ڏندين ساڻ.

### ڪکر يا ڪرڙ

٢٩٥. ڦٽي، چيٽ ۾ وٺي – پتن ناهي، چانئو گهٽي.

### ڪلف

٢٩٦. لڏيندڙ لڏي ويا – ڪارو ڪتو ڇڏي ويا.

٢٩٧. ننڍڙو ننڍڙو چوڪيدار – رهي در تي خبردار.

٢٩٨. اوڙي وڃان پاڙي وڃان – ننڍڙو سپاهي ويهاري وڃان.

٢٩٩. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان – ڇڙڪ سوپاري چاڙهي وڃان.

### ڪلف ۽ ڪنجي

٣٠٠. ٽيچڙڪ ٽيچڙڪ ٽي لڙاڻي – ناني آئي، تنهن ڇڏائي.

### ڪنجري جو پرت

٣٠١. ڳاڙهو ونڍي، چيٽ ۾ گهٽي – ساهه ڪونهي سونهن گهٽي.

### ڪنو

٣٠٢. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽن ٽنگن تي – ڪاٺ ڪلهي تي، ٽوپ مٿي تي.

٣٠٣. ٽي گهوڙا، هڪڙو سوار –
ڪاٺ ڪلهي تي، هڙ هڙ جي ڪار.

### ڪوريئڙو

٣٠٤. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ – تارن جو خزانو ساڻ.

### ڪونرو

٣٠٥. ٻه ٽنگ ٽيو ڪنڙو – جيڪو نه ٻجهي، تنهنجي آڪهه ڏڙو.

### ڪنگو

٣٠٦. لڏيندڙ لڏي ويا – ٻه ڏندو ڏاند ڇڏي ويا.

## ڪُوڏي يا ٻُوڏي

٣٠٧. نيري ندي، ڇَل ڇَل پاڻي - خوب تري ٿي سُندر راڻي.

## ڪيلو

٣٠٨. اندران ماڻو، ٻاهران ساڻو، ڪنڊو ڙي ڪاڻو.

## ڪِتِ

٣٠٩. اٺ ڪاٺ نائين نوڙي - جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آکهه نوڙهي.

٣١٠. اٺ ڪاٺ نائين ڇاڙي - جيڪو نه سلي تنهن جي ناني پچاري.

## ڪُنڀي

٣١١. آڏي، ڏوڙ ۾ گڏي - ڏوڙ ٻرائي، آئي هاڻي.

## ڪوهه

٣١٢. ٻاهران گول، وچ ۾ پاڻي -
جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آکهه ڪاڻي.

٣١٣. لڏيندڙ لڏي ويا - پريل گُندي ڇڏي ويا.

## گُجِي (ٻڪِيءَ جي)

٣١٤. ڏس قادر جي ڪَل - ٻاهران گوشت اندران کل.

## گُندي

٣١٥. لڏيندڙ لڏي ويا - دُنبي ڪتي ڇڏي ويا.

## گوگڙو

٣١٦. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي ڳاڙهي ڳِڏي ساڻ.

٣١٧. ڳاڙهو ڪُنو، ساڻو ٻُچ - نو کي نه اچي ته ٻڌي کان پُڇ.

## گهُگهي

٣١٨. بيٺ تلهو، منهن سنهون - پاڻي پئي ٿي گهٽو گهٽو.

---

٣٠٧. ڪوڏيءَ جي ول ۾ گل، جي پاڻيءَ جي سطح تي ترن.
٣١٥. ٻي روايت: لڏيندڙ لڏي ويا، پيٽ وڏيون ڇڏي ويا.

Gul Hayat Institute

لغز

۳۱۹. ڪاغذ جو ڪڪڙ، ڏاڳي جو لغام.
چڙ ڏاڳو نہ ڪري سلام.

۳۲۰. جيستائين وَلِ تيستائين راند - ٽٽي ول تہ پوري ٿي راند.

لوڙهہ

۳۲۱. ڪارو ڪارو جُوجرن وارو.
جڪو نہ ساهي تنهنجو پيءُ پڄارو.

لونگ

۳۲۲. هڪ چنگهہ، چار ڪن - جنهن کي سياڻا ڪي سمجهن.
۳۲۳. چار سڱ، رنگ ڪارو - هڻ چڪ تہ لڳي ڪارو.

لوڻ

۳۲۴. آڇي آڇي پار - جتي جهرڪي ناهي جهار.

ماچيس

۳۲۵. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي سؤ لٺين جو ساڻ.

مارنگ

۳۲۶. لڏيندڙ لڏي ويا - تي ڪبوتر چڙي ويا.

ماڪ

۳۲۷. رات سمي ۾ موتي آيا - ڏوپ جي آئي، واپس جاياہ

ماکي

۳۲۸. هيڏو هيڏو ڏڙهو، موتين مڙهيو -
ڏونگر جو پاڻي پيي مٿي چڙهيو.

۳۲۹. جهنگ جي ڏاچي، جهنگ ۾ وياڻي -
ٺوڏو چڙي وڙهڻ آئي.

---

۳۲۱. پاڻيءَ ۾ سڻال جي ول جو ٿڙ.
۳۲۴. جنهن تي مک ڪانہ وهي.
۳۲۹. ٻيون روايتون:
(۱) انڌي ڏاچي ٻر ۾ وياڻي - پڇهي جي هڏي جا ٺو ورائي.
(۲) ٻري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي - گونرو چڙي وڙهڻ آئي
(۳) ڪاري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي - توڏو چڙي وڙهڻ آئي.

٣٣٠. ڪاري ڪيني هڏ هلائي - هندو مسلمان هرڪو کائي.

مانڌاڏي

٣٣١. جيان تہ جتر پيان - صبح سان سڀئي ٿيان.

٣٣٢. مواڙ رن، چار ڪن - چيلهہ ۾ نوڙي، پاڻي ڦيري.

ماءُ پيءُ

٣٣٣. گلن جي ڪاري - ڪنهن کي اڏ ڪنهن کي ساري.

ميڙ

٣٣٤. مڙس زرو - لنگهي ڪوٽ مان هٿي چرو.

مرچ

٣٣٥. ڳاڙهو ڳاڙهو پناڻ - سائي ٽوپيءَ ساڻ.

٣٣٦. سائي ٽوپي ڳاڙهو رنگ - پلي آيو پرديسي سنگ.

مڪائي جو سنگ

٣٣٧. پٽ پنيو پناڻ - ستن ولين ساڻ.

٣٣٨. هٿ جيڏو پناڻ - جنهن کي ست ڪپڙا ساڻ.

٣٣٩. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ - جنهن کي سؤ رلين جو ساڻ.

مکڻ

٣٤٠. هيڏو هيڏو هر - جنهن کي هڏو ناهي چم.

موري

٣٤١. آچي ڪُڪڙ، سائو پُڇ - توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پڇ.

٣٤٢. اچي ٻلي سائو پُڇ - توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پڇ.

ڪنگريون (ٺار يا هرلي جون)

٣٤٣. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون -
هڪ گهاڙوءَ گهڙيون - سي ڪيئن آڙيون.

ناريل

٣٤٤. ڪٺوري ۾ ڪٺورو - پٽ پيءُ کان گورو.

Gul Hayat Institute

**نٿ، ويڙهو**

٣٤٥. ڏِنگ به ڏنگي تارڙي — موتين جڙيل سارڙي.

**نماز**

٣٤٦. ڇهن پهرن ۾ پنج پيرا پريد — پوپان پاڻهي اڳيان هيد.

**نماز ۽ روزا**

٣٤٨. پنج پتنا، تيهه گهتنا — دل نه ڇوي هڪڙو پڇان.

**ڏِنگهه (ڇاڏورن ڇڙڻ جي)**

٣٤٨. لڏيندڙ لڏي ويا — ڪنڊو وتو ڇڏي ويا.

**وات**

٣٤٩. هڪڙي دري موتين جڙي — سڀ سوناراڇون اسان نه گهڙي.

**واگڻ**

٣٥٠. پارڻون آيو مڙس ملنگ — سائي ٽوپي ڪارو رنگ.

٣٥١. پهريائين سائو، پوءِ ڪارو —
جيڪو نه پڇي تنهن جو عقل آڏارو.

**وڃ، ڪنوڻ**

٣٥٢. هُل ڪري، هيٺ ڪِري — ڪنهن سان نٿي هِري مِري.

**وِڇون پتنون**

٣٥٣. هيڏڙو هيڏڙو ٻار — جنهن کي پِڪي تلوار ساڻ.

٣٥٤. مين تيل جيڏا، تون تنب جيڏا —
مين ڪيل ڏِتا، تين رو ڏِتا.

**هر**

٣٥٥. آڏو لٽڪڙ لڳ پڳ — ٽي ڇٽا ڏهه پڳ.

٣٥٦. هامڙ هُوهڙ هئي — ڏهه ڇنگهون، مُنڍون ٽي.

**هوائي جهاز**

٣٥٧. پکي آڏي پيٽ — جنهن کي ڪنپ ناهي پيٽ.

---

٣٥٥. لٽڪڙ= هر. ٽي ڇٽا= ٽڪ ماري ۽ ٻه ڏگا؛ ۾ انهن جا پير ڏهه.

Gul Hayat Institute

# باب ٽيون

## ڳُوڙهيون پروليون

[هن باب ۾ ڏنل پروليون ڏيٺي ۽ پيچٽي جي لحاظ سان البت ڳُوڙهيون آهن، مگر ٻهرين ٻن بابن ۾ ڏنل پروليون وانگر ٻارائي ماحول ۾ مقبول آهن. ڏيٺيءَ جي لحاظ سان هن باب واريون پروليون ٽن قسمن جون آهن: هڪ آهي جي ننڍين جملن يا موزون فقرن ۾ سمايل آهن. جيئن ته:

”ٻه مايون، گڏ سامايون، پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو“ (سيپ)

ٻيون آهي جي ٻن هم قافيه مصراعن تي مبني آهن. مثلاً:

”جر ۾ ڄائي، جر ۾ نپني، جر ۾ ڪيائين وهانءُ،
جنهن ڪرِ هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ٿئي مانهه“ (جونءِ)

ٽئي قسم جون پروليون وري ٻن مصراعن واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن، جيئن ته:

”ڏڙ جن جو ڏوڙ ۾، ٻاڏر جهنا ڪن
اما ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾“. (ٽُوڻي)

جيتوڻيڪ هنن پروليين ۾ پيچٽيءَ واريون شيون يا وٿون روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، مگر ڏيٺيءَ ۾ شامل اهڃاڻ اهڙيءَ ته رمز سان رکيل آهن جو آسانيءَ سان انهن شين ڏانهن ڌيان نه ويندو ۽ انهن کي پروڙڻ لاءِ قدري غور فڪر جي ضرورت ٿيندي.]

آڏيري (وَل)

٣٥٨. سائي سائي رن، جنهن جا ڪنڊن وارا ڪن—
ٻرپٽ ۾ پڙو پڪيڙيو ويٺي آهي.

### آڱريون ۽ آڱوٺا

٣٥٩. سورهن آهن سلڇڻيون، چار آهن چريا-
ٻه ته آهن ٻاوَن جهڙا، ٻه ته آهن ڪَريا-
جي ڏيکار ٻين کي، ته پريان ٿي وريا.

### آنَ، واهي

٣٦٠. ڏيکھ ڏکهي، وڃي سڌي- موٽي جي واٽي نه ڪري.

### آرٽي

٣٦١. اڌ پاسياري ٻھڙي، ڦر ڦر لڳهي واءُ-
آهيرُ ويٺو سڻو ڪٽي، پنڻَ جڏي ماءُ.

### اِسرافيل

٣٦٢. ٻيٺو آهي ته ويٺو ناهي.

### آڪُ

٣٦٣. جان وڃان واٽ وٺيو ته گل بڪاولي ٻيٺو آ-
آسي پار جٺيا اٿس، اڇا ماريو ڍُڪو آ.

### آکري مُهري ۽ آنَ

٣٦٤. هيٺان نِڪر، مٿان ڪاٺ- وچ ۾ ممڙو مار ڪاٺي.

### اکيون

٣٦٥. ٻه پيئرون وچ ۾ پنڻ- چون ڪڏهن ملنديونسين؟
٣٦٦. ٻه ڪبوتر ٻن ڪنڌڙين ۾- ذري آسمان تي، ذري زمين تي.
٣٦٧. ٻه دربون ٻه دروازا، جن ۾ ويٺل صاحبزادا-
نڪي کائين نڪي پيئن، ته ٻه تازي جا تازا.

### اڳٽ وڇهي

٣٦٨. ننڊ مٿي ۾ نار کي، پنڌ اڳي منهن پوءِ-
ڪڙي هٿي تي سڪ ۾. پاٽي هوءِ نه هوءِ.

---

٣٦٦. يعني اکين جا تارا هيٺ مٿي ٿين.

ڪَم اچي ٿي ڪُلفي ڪي، مڙس هجي ڇا جوءِ،
”لاڙڪ“ ٻيٽ سنڌوءِ، سالڪ لهندا سوچ سان.

**اذب**

٣٦٩. اندران ڦِڪو، ٻاهران ڦِڪو، ٻر ميهي ذات پاين جو سالار.
٣٧٠. حان وجان بازار ۾ عجب ڏٺم يار،
ماس ڪاٽو ماڻهن، ٻجيا هڏي مٿي وار.

**داهم**

٣٧١. ٻري ٻڪري بادشاهه جي، ڪک پن چري ته جيئي،
پاڻي پيئي ته مري وڃي.

**ٻرش**

٣٧٢. پُٺي اٿس ڪاٺ جي، پيٽ ٿئي وار،
ڪم ڪري صفائي جو، نالو ٻڌايو يار!

**ٻُسري**

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٻارهين مهيني جو پيٽ،
چئن پهرن جو ڇوڪرو، آئي تنهن جي هيٺ.

**ٻصر**

٣٧٤. ڏڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، لامون جنهن جون اُس،
اما پرولي ٻڌري مير اڀچندا مس.

**ٻصو، آنو**

٣٧٥. آنڊ ويائي، گوُنرو ڄائو،
نه آنڊ کي اوهه، نه گوُنري کي پائو.
٣٧٦. ماءُ ويائي ڪيڏائين پُٽ پڪو،
اِها خبر نه هُيس ته پٽ به آهي ڏُکو.

٣٦٩. يعني ميون ۾ مُک.
٣٧٣. ڇهين مهيني جي چاول = ڪٽڪ. ٻارهين مهيني جو چاول = ڪمند مان نهيل گُڙ. ۽ چئن پهرن جو چاول ڇوڪرو = مکڻ.

Gul Hayat Institute

٣٧٧. ڳئون وياڻي، ڏنائين ڳابو ڏُڪو،
ڳابو اندران آيو ته ٻاهران سُڪو.

ٻار (ڏئون چانور)

٣٧٨. گهر آيو مهمان، ڪُئوسين حلواڻ،
نه مهمان کي ڏند، نه حلواڻ ۾ هڏ.

ٻاڏهڻ

٣٧٩. ڪَچ مان پڇي سِنڌ ۾ آئي، پنج ٻار ڄڻائين.

پٻڙي

٣٨٠. لَٽ تــه لٽا لٽا، لَٽ تــه لٽا لٽا،
هيٺئون آبا، مٿئون اما،
آما ڇانري ٻال ٻچڙي، آبي ڇانيي آما.

ناڇيءَ جون ٽندون

٣٨١. سوين هزار هرڻيون، ويهو وڳ چرن،
تنگ پڇي هڪڙيءَ جي ته ٻيهو سڀ رهن.

٣٨٢. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون، هڪڙي چال چلن،
چگهه پڇي هڪ جي ته ٻيئيون ٻيون ڪيلن.

ٻرار

٣٨٣. ماري لک هزار، ڏڙ ڪري ٿي ڏار،
سدائين جيئري، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٣٨٤. اڇي آهي، ڪاري ٻير ۾ رهي،
وڄ جو پاڻي پيئي، مردن مان جهٽا هٽي.

ٽنڊڻ

٣٨٥. پير ٻڌا، فقير ٻڌا، ٻڌا الله جا اولياء،
وڃي پُڇو قاضيءَ کان، اسين پاڻ ٻڌا.

---

٣٧٨. مهمان = ٻارڙو. = حلواڻ = ناڙو.
٣٧٩. يعني: ڪَچ = جسم جو حصو. سِنڌ > سنڌ پنج. ٻار = پنج آڱريون
٣٨١. يعني ناچيءَ جي تندن مان هڪڙي نه ٽُٽي ته ان جي نهوڙ تائين اُٿت نه ٿئي.

**ٽُنڊ (ڪپڙي اُڻاوت جي)**

۳۸٦. ذات جو ڪير، چئي: ٽنڊ والي،
ڪم ڪهڙو ڪرين؟ چئي: اُڻوج جو.

**ٽڳو، ٻاهر ۽ ماڻهون**

۳۷۷. ڪارو گهوڙو، ڳاڙهو لغام، هڪ لهي ٻيو چڙهي.

**ٽڙ (مينهن يا ٻڪريءَ جا)**

۳۸۸. چار گهڙا قدرت ڀريا، ريءَ ڍڪڻي اونڌا ته ٻه نه هارجن.

۳۸۹. چار نارَ، وهن ڌار، آڏ مڙني جي هڪڙي.

**ٽوڏي**

۳۹۰. ٽڙ جنهن جو ٽوڙ ۾، ٻادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾؟

**ڏوهه**

۳۹۱. شڪل جو سهڻو، اندر جو ڪارو،
وجهه ڏرو پيٽ ۾، ته ڏڪائي ڏينهن سارو.

**ٽيليفون**

۳۹۲. هڪڙوهٿ ڪن تي، ٻيوهٿ وات تي، سڏ ڪيم ولايت تي.

**ٻاچو**

۳۹۳. وڏيان ته وڏجي نه، توريان ته تري نه، چيلان ته چجي نه.

۳۹۴. وڏيان ته وڍجي نه، ڪٽان ته ڪجي نه.
اڇلايان ته اڇلجي نه، جهليان ته جهلجي نه.

۳۹۵. الله جي آس ڪري، آيربو سائيهه مٿان سج،
ٻارهن هٿ گدرو، تيرهن هٿ ٻج.

**ٻنڪال، ساذداري**

۳۹٦. ٽنگون چار، سيسي وڍيل، سهڪندي وڃي.

۳۹۷. سسي وڍيل، ٽنگون وڍيل، ڪاري ڪاري صورت،
جيئري مٿي مُردو چڙهيو، ڏس مئي جي مورت.

### ٻلهٽي، هڏو، قبر ۽ ڪوڙ

٣٩٨. ناهي پاڻي ۾، ناهي زبان ۾، ناهي آسمان ۾، ناهي قرآن ۾.

### ڦٽو ۽ ڦڙهڪڙ

٣٩٩. اڇي زمين، ڪارو ٻج، ڇهن سان ٻيا چوندين.

### ٻور (ٽڪڙي ڇُرڻ جو)

٤٠٠. ٻڏي ٽيھ ورهيه، سڪي ٽيھ سال،
ڏس ٻلهي جا ٻال، جو آڻ ڦٽهي ٿو ڦرڪري.

٤٠١. ڇاپٽڪ ڇُوپڪ ڇا ڪري، آپٽڪ ٽُپڪ ٽپنگ چلي،
ٻيهر جنهن ڪسي پيٽ ۾، ٿٿون مُڪ جهلي.

### ٻيرون

٤٠٢. رڻ پٽ ۾ رودهه وياٽي، جنهن ٻاهتر ٻچن جي ڄاڻي،
ڪي ڪارا، ڪي ڳاڙها ته ڪي اڇا.

### ٻيلڳهو

٤٠٣. آهي گهوڙي، چم نه چوڙي.
هيٺان سوار، مٿان گهوڙي.

### ڄُمن ۽

٤٠٤. ڪارو پڪي، ڪاري وڻ تي وهي، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٤٠٥. ڪاري آهي، ڪمري آهي، ڪاري وڻ ۾ ويٺي آهي،
لال پاڻي پيئندي آهي.

٤٠٦. ڪالي ڪالي شيءِ، ڪاهي وڻ وچ ڦهندي،
ليندي ڏاڪڙي نال، ٿردي ٿُهن نال.

---

٣٩٨. يعني پاڻيءَ ۾ ٻليتي ناهي، زبان ۾ هڏو ناهي، آسمان ۾ قبر ناهي ۽ قرآن ۾ ڪوڙ ناهي.

٤٠٠. ٻي روايت: وڏسي ٽيا ورهيه، سڪي ٽيا سال،
اڃان ڏسان ڪالهه ته ڪانيءَ ٻئي گل جهليا.

٤٠٧. ڪاري آهي ڪمري، نُور خان ڏني،
چَپَٽ خان جهَلي، نَهري خان ماري.

٤٠٨. ڪاري آهي ڪمري، ڊيڊري خان ڏني،
چَپٽي خان ورتي، نهي خان ڪُٽي.

٤٠٩. جهنگل پور ۾ شينهن ساماڻو، اڪڙپور ۾ ڏنو،
چپٽ پور ۾ چاٽ ڪيائون، ناهرپور ۾ ڪُٺو.

٤١٠. جَر ۾ ڄائي، جَر ۾ نِپني، جَر ۾ ڪيائين وڻهانءُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ڻثي مانءُ.

## چاهو

٤١١. ونيو وڃان واٽڙي ته ڏٺم ڪندن جو ڍير،
هٿ لايان ته هٿ ڦٽجي، پير لايان ته ڦٽجي پير.

## ڇيڙ

٤١٢. ڪارڙا ڪپڙا، نيڊري ٻڌا تيترڙا، ٻاڙ مڙني جي هڪڙي.

## ڇيڙ ۽ ول

٤١٣. ماءُ مري ويئي، پيءُ پرديسي، پُٽ پينگهي ۾ لُڏي.

٤١٤. جان وڃان واٽ ونيو ته گلبدن ويٺي آهه،
آسي پُٽ ڄڻيائين، اڃا ڏيولي ڍُڪي آهه.

٤١٥. ماءُ چاڙهيو هو پُٽ کي ٿاهي ۽ ڦاهي،
سڀني ماءُ سان پُٽ اوسيڙو نه لاهي.

## ڇُغل (چلم جي ٿوڻي ۾ پوي)

٤١٦. شهر سڄو ڏُنگ ڏُنگ، ڇوري ڏُنگ نه ڪو،
تنهن جا ڪم ڏسو، جو ڏيهو پئي ٿو ڏُنگ ۾.

٤٠٧. يعني اڪين ڏني، چپٽيءَ سان جهلي ڏُنهن سان مُٿي
٤١٥. يعني ماءُ = ول. پُٽ = ڇيڙ. ٿاهي = ول وٽ نسي چڙهي.
سڀني ماءُ = سڪل ول.
٤١٦: چلم ۾ ان جي سيني عضون ۾ سوراخ ٿين.

**چڪ (ڪنڀار جو)**

٤١٧. هٿ جيڏي ڪاني، ڦيڙهي جيڏو گُل،
سؤ پيا چئي، هر ڪنهن پنهنجو مُلهه.

**چلم**

٤١٨. هيٺان دم درياءَ جي، مٿان ٻري باهه،
اهڙي رن آڇاٽري، ادي! ڪا اِتي آهه؟

٤١٩. درياهه ۾ ٻڙ ٻڙ، ماڙيءَ لڳي باهه،
ننڍيءَ ڪي چڙهي، ويهي وڏي چڪي ڏاهه.

٤٢٠. هڪ ڪوٽ ۾ باهه لڳي، ٻئي ڪوٽ ۾ دونهون،
ٽئين ڪوٽ ۾ شور ٿئي، چوٿين ڪوٽ ۾ ڪُوهه.

٤٢١. در تي ٿا دهل وڄن، ٻنگلي مٿان باهه ٻري،
اهڙي رن طلاقڻ، جا پوڪ پئي چري.

٤٢٢. هيٺان دولي، مٿان درياءَ،
درياءَ ۾ درخت، درخت تي جانڪي،
جانڪي جلي، من جي آسا پلي.

**چنڊ**

٤٢٣. ڄمي نه سڱ جوان نه نوڙهو.

٤٢٤. ري مٽيءَ جائو، ري پاڻيءَ پيدا ٿيو،
لامن ۾ ''الله'' چئي، ڏس قدرتي ڪئو.

٤٢٥. سڱن سان جائو، وميءَ منجهه ويس،
پوريءَ ۾ پيدا ٿيا، ماڳيا سڱ سنداس.

**چوپڙ**

٤٢٦. ٽي پٽ، سورهن ڏيون، ٻاءُ، پيئون ذري ماريز ذري جيئرون.

٤٢٧. ڪاله ويس اوطاق ۾، ڏٺم توبه زاري،
سورهن پٽ، ٽي ڏيون، پاڻ اڃا ڪنواري.

**چيچڙو**

٤٢٨. ميان سندي ملڪ ۾، مون مٿي مٿندي ڏٺي،
نه ساهه نه سِر، مون گاهه چرندي ڏٺي.

Gul Hayat Institute

چانهيُن

٤٢٩. ننڍڙي ننڍڙي گهڙي، ٻنان درياهه جي پاڻيءَ ڀري.

٤٣٠. ڪوري ڪوري دِلي – نه چِڪ چڙهي، نه ڪنيار گهڙي.
پِئي آهي پٽ تي، پاڻيءَ سان ڀَري.

حضرت عيسيٰ

٤٣١. چاڙو آهي، پر مُئو ڪونهي.

حُقو

٤٣٢. حوض هيٺ، حوض مٿي، حوض هوائي.

٤٣٣. گهر مٿي گهر ڌري – پيٽ ۾ پچي، نار ڀَري.

٤٣٤. سانوڻ سلطان آيو، ڪاريگر ڪاٺ سلي،
پاهه ڏنائينس برهه جي، چپن سان پيو چلي.

٤٣٥. آيو ڊورو ڊِنڊي پر، ٽينگ نچي ٽنگ پر،
ادا ڙَي ٻٽينگ! ڪو ٽينگ ڏٺي ٽنگ پر.

خط

٤٣٦. اڇو اڇو ٻڪلو، ڪاري مٿس رِيهه،
پير نه اٿس پَڳڙو، گهمي گهڻو ڏيهه.

دهل

٤٣٧. هيٺ ڪٺائنس آهه، مٿ ڪٺيس ابو،
پر ولي پير ڏَمڻ جي، سڄي ٿئي دبو.

ڏَڪڙِ طبلو

٤٣٨. نه ماريوس نه مري وڃي، ماريوس نه ڳالهائي،
عجب انهي ڳالهه جو نه مُردو نو آنو ڪائي.

ذات تعاليٰ

٤٣٩. هرهنڌ حاضر، ڏسڻان ڏور.

---

٤٣٥. ٻي روايت: سچ ڙي ٻٽينگ! تو ڪو ٽينگ ڏٺو ٽنگ پر

## ڏندڻ

۴۴۰. پنجن کنيس پاڻ سان، ٻنهي تي سوار،
واڻڻ سان واپار، جن ويندي ڇڏيس واٽ تي.

## ڏوئي

۴۴۱. ايچ خاتون، ميچ خاتون، جهنگل سندي جوءِ،
ٿول کائي، مال کائي، سا ڪهڙي ڏيري هوءِ.

## ڏيڏر

۴۴۲. هيڏڙو هيڏڙو مڇو، جيڪو نچي ٽپي لچو،
تڪر ليڪ ڏهندو اچي.

۴۴۳. آڪ جيهي جهوڪ، هرڻ جيها چال،
اهو مرون ڏيکار، جنهن کُون پُڇ نه وال.

## ڏينهو

۴۴۴. اڳيون ٻه ٽلها، پڇيون ٻه ٽلها، وچ سڳي جيها،
هلي اڳيون، کاوي پڇون، هي تماشا ڪيها.

۴۴۵. ڪاٺ ڪيو شهر اوندو، تنهن ۾ هٽ نڪو بازار،
جنهن کي ڪڍن مار، تنهن جو منهن ڏهو ٿئي.

۴۴۶. پکين پوکي پوک، پکي پاڻ ٿي پير،
لڳي اتر هير، پکي پٽين پوک کي.

## ڏيو

۴۴۷. تلاءُ ۾ پاڻي، پاڻيءَ ۾ نانگ، نانگ تي مور،
تلاءُ سڪي ويو، نانگ مري ويو، مور آڏامي ويو.

---

۴۴۰. ٻي روايت: اهڙو ڪيائين واپار، جو وائڙي ڇڏيس واٽ تي.
۴۴۳. ٻي روايت: پينا ته آڪ پينا، هلي ته هرڻ واري چال.
۴۴۶. ٻي روايت: پکين پوک پوکي، پوک مان ٿيا پير،
ڪا جا لڳي هير، جو ويا پٽيندا پوک کي.
يعني اتر جو واءُ لڳندو ته ڏينهو سانارا ڇڏيندا.

Gul Hayat Institute

## ڏاڪ

۱۴۴۸. پـرولي پير ڏمڻ جي، وچي لڳي نار،
گل ڪندي هڪڙو، ڇڱا ڪندي چار.

## ڏيپ، ڪپ

۱۴۴۹. ٻاڙون جنهن جون پاتال ۾. لامون جنهن جون اس،
اهـا پـرولي پڌري، جـا سيهر بـ، پڄـنـدا مـس.

## ڊيڊو

۱۴۵۰. ۾ پٽ، اٺ پيٽون، سورهن پائي سچا،
هلن چلن بـازار ۾، ٻئيهه آن جا بچا.

## ريل گاڏي

۱۴۵۱. صاحبلوڪ لاٿس روڪ، ڇوري ڇمڪندي وئي.

## زال ۽ مڙس

۱۴۵۲. اڪي هئيامي ۾ ڇڏا، هاڻي وڏي ٿياسين گهڻا،
سچو گـڏيا سچو سان، اسين آهيٺي ٻـ ڄڻا.

## ساري (ٿُهر چڙهيل چانور)

۱۴۵۳. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ڏيکيل ته ضائفان، اگهاڙو ته مرده

## سال

۱۴۵۴. هڪ ٻڪري، ٻارهن ڄيرا، ٽي سؤ سٺ سڱ،
سـڱـ سـڱـ تي پـنـج ٿڌونـر،

۱۴۵۵. ايڪ حويلي، ٻارهن ٿنڀي، تنهن جا اٺيتاليهه طاق،
انهيءَ جي اوطاق، ٽي سؤ سٺ ڪڙڪيهن.

---

۱۴۴۸. ٻي روايت: پرولي پير ڏمن جي وچي لڳي آنگاس،
گل ڪيائين هڪڙو، ڇڱا ڪيائين چار.

۱۴۵۱. ريل گاڏيءَ جي اوائلي زماني ۾ ڊرائيور انگريز هوندا هئا.

۱۴۵۴. يعني سال جا ٻارهن مهينا، ٽي سئو سٺ ڏينهن، ۽ ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا.

۱۴۵۵. ’براد‘ شاعر جي ڏاهيل پرولي.

Gul Hayat Institute

## سال ۽ صدي

۴۵۶. ٻارهن ڏِلا، هڪ سئو ٺهن ـ سؤ سڄهرا، هڪ نٺهن.

## سانڀو يا ڪباڇُرڙو (ڪبعُون)

۴۵۷. آءٌ مٿو آهيان تنهنجي ڪاڻ، تون نہ مر منهنجي ڪاڻ،
جو يار بيٺا آهن تنهنجي ڪاڻ.

## سانگَر يا سِهڻو ر

۴۵۸. ٻہ ڄڻا ٻيڙي چڙهيا، چڪڻ وارا چار.

## ساهہ

۴۵۹. ٻنهل تہ پيارو آهہ، پر پرديسي ٿي پيو.
۴۶۰. گهر ۾ ويٺو تہ خوش، ٻاهر نڪتو وري نہ موٽيو.

## سيپ

۴۶۱. ٻہ مايون، گڏ ساماڻيون پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو.
۴۶۲. ٻـہ ڀينرون ٻـاڻ ۾، ٻنهي وڏا ٻڪ.
هڪڙيءَ ڄايو هڪڙو، ٻيءَ ڄايو لک.

## سج ۽ چنڊ

۴۶۳. ٻہ ٻگا ڏاند، وهن ڏارو ڏار، پر ٻيڙُ ٻنهي جو هڪڙو.
۴۶۴. ٻـــہ ڀـــائـــر وات هـــڪـــڙي،
هڪڙو هلي ڏينهن جو، ته ٻيو هلي رات جو.
۴۶۵. ٻہ شهزادا، مٽرن ٻہ روز، چمن ٻہ روز.
۴۶۶. ٻاهرئون آيا ٻہ ڄڻا، ٻاهہ ۾ پائيوار،
آڏ ٻنهي جي هڪڙي، وهن ڏارو ڏار.

## سُرميداڻي

۴۶۷. چؤ چنگهي چوغان ۾، آئـي لاٿـائـون،
نر هٺس پيٽ ۾، مٿان مـادي وڏائـون.

۴۵۷. مڇي مارڻ جي ڪنڍيءَ ۾ ٻڌل سانڀو، مڇيءَ کي خبردار ڪري

Gul Hayat Institute

٤٦٧. جار ٻير چوغان ۾، ڦِري ٽي ميدان ۾،
پُٽ اٿس پيٽ ۾، ڏيءَ ٻيٺي ڳهُري.

٤٦٩. چار ٽنگون ڇيلهه ۾، مٿي ۾ ڪُهي،
اهڙي سگر جوءِ، سڀڪنهن جي گهر هئي.

سِڱهڙ

٤٧٠. ڏِڪ ڏِڪ دِلوڙي، ٻَچ ٻَچ ڀاڻي،
پنج جڻا ٻوڙي آيا، ٻِن جهلي تاڻي.

سواري (ڪورڪي ڪم جو اوزار)

٤٧١. ٽنو ڪاٺ جو، ڇيلهه چم جي، ٻير ڪڪن جا.

سَتوڙ

٤٧٢. هڪڙي رَن، چار ڪَن، ٻچڙا ٻار لڪائي.

٤٧٣. هڪ رن، چار ڪن، جيترا ماڻهو ڏسي.

سيڙاهه

٤٧٤. جيتري هٿي جوءِ، مٿي ڪياڻين مڙس،
اها ڳالهه درس، ٻئي پوءِ ٻار ۾.

٤٧٥. نندي نندي نينگري، دلي جيڏو پيٽ،
وڃي پئي پرديس ۾، سواريءَ سميت.

Gul Hayat Institute

ڦيڻو

٤٧٦. ٽِپڙ ۾ ڏُنگ ڳچيءَ ۾ رسو، هلي ٿو بازار ۾ ڏسو ڙي ڏسو.

طاق (دروازي جا)

٤٧٧. ٻه ڀائر، ڏينهن جو جدا ٿين، رات جو گڏجن.

عزرائيل

٤٧٨. آيو آهي نه خالي نه ويو آهي.

٤٧٩. چوري آءٌ نه ڪريان، شيءِ ڪنهن جي نه ڇڏيان،
سات آئن جا سَنَمڌا نيان.

## عورت

۴۸۰. آڻ لڳيي اوهه، لاهي، لڳي ته وياءِ،
ماس جنهن جو مڪروه، ڪير سڪوڻي ڪاءِ.

## ڦار، هر جو

۴۸۱. هو جو مُڪڻي ڦتر سان، ڳهاري نٿو ڳهر سان،
پاڻ ته ڪريو پر پيا به ڪاري.

## ڦٽي

۴۸۲. جان وڃان ته ٻيٺو ڏي، ڏٺي ته سو ڪو نه ڏيندو،
نه ڏٺي ها ته ڏٺي ها.

## قبر

۴۸۳. جيڪي ناهين تا انهن کي ڪم نٿي اچي،
جن لاءِ ناهين ٿا، آهي ڏسن به نٿا.

## قرآن شريف

۴۸۴. ڏڙ ڏلهو، ڏار ڳهٽا، هڪڙا واسيا وڃن، ٻيا واسجن پياءِ

## قرآن شريف، رحل ۽ پڙهڻ وارو

۴۸۵. سمنڊ ڪاٺ تي، ويٺي وارو هيٺ.

## قرآن شريف، اسرافيل، حضرت عيسيٰ ۽ بهشت

۴۸۶. آيو آهي ته ويو ناهي، ٻيٺو آهي ته ويٺو ناهي،
جاڳو آهي ته مئو ناهي، پاڪ جاءِ تي نماز ناهي.

## ققنس پکي

۴۸۷. نڪي پڪو نڪي ڪچو، نڪي ڪُوري ۾ ڪاڙيو،
جڏهن ساڙيو، تڏهن ڪار ڪري پيو پيءُ جي.

## ڪاغذ، مس قلم

۴۸۸. اڇي ٻني، ڪارو ٻج، ڪاڻي جو هٿ وهي.

---

۴۸۷. يعني ته ققنس پکي ٽانڊا پيو چڳي.

## ڪانڊيو

٤٨٩. استري کي اوڏي نہ وڃي، نر کي سُونهي نار،
خاص پرولي ”ڪتي“ چئي، تون نيڪميوت نهار.

## ڪانڊيرا

٤٩٠. گهٽا ۽ گهاٽا، وه جني جي وات ۾،
گل تني ڇاٽا، ڪهني ورن ”ڪتي“ چوي.

## ڪاوڙ

٤٩١. آهي حرام، پر ڪاهُ تہ حلال.

٤٩٢. آيري تہ اوندهہ، لهي تہ سوجهرو.

## ڪتي (نکت)

٤٩٣. آمر ساڻ آتي تيي، آها ناز پري نينگر،
گهمي تي گهٽن سان، آها ناز پري نينگر،
والي ڪيس ور، انهي جاء ”جمعو“ چوي.

## ڪوٽ

٤٩٤. چار ڪاٺ چڙهڪ، پنجون پدرو لوهہ،
پير انس پوشيدا، ستر کي سنو،
سالڪ اوهين سمجهو، ڳوليو انهي ڳالهہ کي.

Gul Hayat Institute

## ڪرڙ

٤٩٥. قتر بہ ڪري، گل بہ ڪري، ڪري ڪين پن.

## ڪڙهي (مڇي مارڻ جي)

٤٩٦. ڇهہ جنگهون ڇهل باز کي، مٿي ۾ ڪُهڙي،
ڪالهہ ڏٺيسين مڙس کي ڪلهي تي هٽي.

٤٩٧. آئي تہ چم چم، وڃي تہ ڪم پانار،
ماري لک هزار، پر ڪاڻي ڪجهہ بہ نہ.

---

٤٩٧، ٻي روايت: هلي تہ چم چم، بيهي تہ سؤ خون ڪري.

## ڪفن

٤٩٨. جنهن کي گهرج هئي، تنهن ورتو ڪونه،
جنهن ورتو، تنهن پاتو ڪو نه،
جنهن پاتو، تنهن ڏنو ڪو نه.

## ڪڪڙ جو مور (چوٽي)

٤٩٩. نڪي ڪوريءَ آڻيو، نڪي ڪتيءَ رڱيو،
اچي ڏسو ماڻهئا! هيءَ ڪهڙو رنگ رتو.

## ڪڪڙو ۽ ڪُڪي

٥٠٠. پوکيم نر ته ڄائي مادي،
ماديءَ جو مٿو ڪوڙ ته ساڳيو نر.

## ڪلف ۽ ڪنجي

٥٠١. پاتي ۾ پاتو، تنهن ۾ وري پاتو،
ماڻس وڃي نڪري، پڻس اچي ڦاٿو.

## ڪم

٥٠٢. سپ ۾ پوي.

## ڪنڊو

Gul Hayat Institute

٥٠٣. پرهتو پرهتوءِ گهر ڪري ويٺو، هٿ لاءِ ته هاءِ.

## ڪنڍي (مڇي مارڻ جي)

٥٠٤. آءُ آهيان ڏنگي، تون ٿي ڪرين خوشي،
جي ڪائين تي مون ته مرين ٿي تون.

## ڪيڪڙ (پاڻيءَ ۾ پيڏل)

٥٠٥. منهن ڦاٽل موالي، چڪر ٿي چڙهيا،
دانهون ڪري درد جون وڃي ڪڏ ڪريا.

## ڪينگري (ماڻهوءَ بدران)

٥٠٦. اڇي به سرتين سان، وڃي به سرتين سان،
تنهنجو منهنجو سڏ آجايو.

## ڪنو

٥٠٧. ٽن تي چڙهيو تينچ ڪلو، توپ پاڻي تينچ ڪلو،
پنج تورو تينچ ڪلو.

## ڪکڙي پکي ۽ ڪکڙي ٿانءُ

٥٠٨. هڪڙي ساهه سرير ۾، ٻئي کي ساهه نه ماهه،
پر نالو ٻنهي جو هڪڙو.

## ڪوڙڪي (پکين ڦاسائڻ جي)

٥٠٩. آءٌ آيس تو لاءِ، تون آئين مون لاءِ،
جي ڪائينداين مونکي ته ڪٽيندا توکي.

٥١٠. ڏنگڙي جوانڙي، جنهن کي مٽي تي مانڙي،
چور ڪري چوري ته هڪري وٽ پکڙ.

## ڪاري هيٺان ڪکڙ جا ٻچا

٥١١. ڏس ڪاريگر جا ڪم، ڪائين ۾ تو ڪيچ واڙي.

## ڪانياڏي

٥١٢. نر چڙهيو نر تي، نر جي هٿ ۾ نار،
گهوٽ ويونڪري، دانهن ڪئي ڪنوار.

## ڪنولو

٥١٣. چار چٽا چوڳان ۾، آٺ پڻ اوءِ،
هڪڙا نير پيا اتن نيهن جا، ٻيون پيئي پڇاڙيون پوءِ،
آهن گهر هرڪنهين، توڙي هندو مسلمان هوءِ،
سو ڪو سگهڙ هوءِ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

---

٥١٢. ٻيهي تي چڙهيل هاري جي هٿ ۾ ڪانياٺي، ۽ ان گهوڙهو.

Gul Hayat Institute

ڪاڇي (وڻ)

۵۱۴. ايڏي ايڏي لنبي اي، ماڙي ڪنون وڏي اي،
شمڪي جيڏا وال اي، سونـي تو ڀي نال اي.

۵۱۵. هڪ مائي، سدا سائي، پٽ ڇڄيندي ريهان ڪيهان،
الله جي مهر پيئي، ته مرڳو ڏيان ڏي ڏيان.

ڪنڀي

۵۱۶. ٻج به الله جو، زمين به الله جي،
تو جا پٽـي، سا ڪنهن نه پوکي.

۵۱۷. ڀهـرئـين ڏينـهن صغـير، ٻئـي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪُراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نه قبولي.

ڪير ڏهڻ

۵۱۸. ڇـَمُ وَرُ، ڇيچ وَرُ، هيٺان گهـُگهـُ جو گهـر،
مٿان گهـُو گهـُو.

ڪينهون

۵۱۹. مٿي وڃي، هيٺ وڃي، هڏ گسائي پير نه ڪٺي،
هيـڏانهن ڏڪيو، هـوڏانـهـن ڏڪـي.

گـراهه

۵۲۰. پنجن ڄڻن پنوڙو ڪنيو، ڏي ڏڙنـگ منجهه،
مٿان هيٺان ريـنگ ريـنگان، ڏي گڙنگ منجهه.

گراهه چٻڻ

۵۲۱. پنج ڄڻا پٽڻ تي، ٻٽو ٻٽيهن ڳـاهه،
حليما مـائـي هڪڙي، ڀـئي ڪري پـاهه،
سالڪ سنجهه صُباح، ڳُوڙها ڳولج ڳالهه ڪي.

گـراهه کائڻ

۵۲۲. پنج وٽڻ وٽيا اچـن، ٽيهه ڪـُٽـو ڪـُٽـيا اچن،
زُهرا گـنجي نچـندي اچي، خير مٿو وڇندو اچي.

---

۵۱۵. ڪجيءَ جا ڏگها پن ۽ پيلا ٻُهارا.

## گوگڙو (ڪپهہ جو)

۵۲۳. لٽڏي لڏي لٽڏڻ ڇانئو، تنهن سان ڇاڻي مائس،
مائس مٿو ڪوڙايو تہ پيدا ٿيو پٽس.

۵۲۴. ڀهرين ڇانئو ڇورو، پوءِ ڄائي مائس،
مائس منڊيا ڇوڙيا، پوءِ ڄائو پٽس.

۵۲۵. اوڻ ڳيا، ڏوڻ ڳيا، مٿا تنهن دا قاڙ ڳيا،
مال خزانا ڪس ڳيا، تلهي نڪر ڇوڙ ڳيا.

## ڳَڙو

۵۲۶. اڇو موتي جهرڪٽو، هٽ نہ بازار، ڪٿان آڻيان؟

## ڳڻون يا مينهن

۵۲۷. چار مڪڙيون، ٻہ سيڪڙيون، هڪ نوريٽڙو.

۵۲۸. چار هيٺ، چار بيٺ، چار چاڙهيڪي چڙهيا،
عجب آهي الله جو، جنهن اهڙا گهاٽ گهڙيا.

۵۲۹. چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٿي ماڪي،
ٻہ چنيسر لڏن ڪڏن، ٻہ چنيسر مڪي ڪاني.

## گهاڙو

۵۳۰. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رڙيون ڪن ٻيا، رت ڏين ٽيا.

۵۳۱. ياڙي مٿي پڻون، بج پيڙي جي وات ۾، ٽانئين ويٺو تون.

## گهڙا منجهي، راڄي ۽ ڏڪ

۵۳۲. نار مٿان جا نار ڏنيسون، تنهن جي مٿان نر،
ڪامل ڪنيو ڪر، ڪري عرض الله کي.

---

۵۲۵ ٻي روايت: اوڙ ڳيا، ڏوڙ ڳيا، مٿا تنهن دا قاڙ ڳيا، خزانا تيڏا
ڪس ڳيا.

۵۲۷. يعني چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ هڪ پڇ.

۵۲۸. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ ٻہ ڪن.

۵۲۹. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ ڪن ۽ ٻہ سڱ.

Gul Hayat Institute

## گھڙيال

٥٣٣. اندر ۾ اوزار، ٻاھر اٿس ٻار، سارو ڏينھن ٿو سيرُ ڪاٽي.

## گھونگو (جيت)

٥٣٤. جھوڪ آٿ جي، ٻيرانگ ٿيئھن جي،
ٽپڪي ڏيڏر جي، سڱ ھرڻ جا.

## لٺو ڏارو ۽ لٺڙو جانور

٥٣٥. ٻھڳڻ ھُڏم ٻه چٺا، ٻيچ ٻنيءَ وات،
ھڪ جو جاڳ جر سان، ٻئي جو ڏونڻ رات،
آھن ٻئون واٽي ذات، پر نانءُ ٻنھي جو ھڪڙو.

## لغڙ

٥٣٦. نہ ڪاٺي، نہ ٻيئي، نہ پہ چڙھي وڃي آنڪاس،
ڏٺوسين رنگ راس، تہ پير پکيءَ جو ھڪڙو.

## اوٺ

٥٣٧. جتڙ ۾ جالارو، ٻر ۾ بيشمار،
جڏھن ٿئي طعام ۾، تڏھن ٿئي تيار.

٥٣٨. سيرجهي سنڌو نہ ٿئي، پوکئي ڪري نہ ڪن،
تنھين سنڌو ان، وڪامي وچ بازار ۾.

٥٣٩. نڪو ھيو ٻج ٻنيءَ ۾، نڪو ھاري اڙھو ھر،
نڪي لٿيس لاھيارو، نڪي ھاري ڪتريس ھلر،
انھيءَ پوک سنڌو ٿر، وڪامي وچ بازار ۾.

## ماڪ

٥٤٠. آٿ وھنجي نڪتا، گھڙا ڪين ٻُڏن،
پرديسي پکيئڙا، ويٺا آچ مترن.

---

٥٣٦. ٻي روايت: نہ ڪاٺي نہ ٻئي، نہ وڃي ڀاٽي پاس،
ڏٺوسين رنگ راس تہ چڙھي ويو آنڪاس.

## ماهه (هرلي ۽ نار جي)

٥٤١. سمو ڏيءُ سمي جي، پنجاهي پٽن،
کريو آس الله جي، ٻهريو ٻون ٻٽن.

## مادارو (ڏينهن جو)

٥٤٢. ماني جيڏي ماڳ ۾، ڪڏن جا هزار،
ڪي دربارن درن تي، ڪي چڙهن چوڪيدار،
اهڙي نامدار سرڪار، ڪٿي ڏٺيسون ڪانه ڪا.

## مانڌاڻي، منڌي

٥٤٣. پوڙهي رَنُ چار ڪنَن، چيلهه ٻڌيو پئي نچي.

٥٤٤. انڌي رن، چار ڪنن، چيلهه ٻڌيو پئي چڪر هڻي.

## ماءُ جو ٻچو

٥٤٥. هيڙو هيڙو، ليڙ ٻه ليڙو،
هٿ سان ڪري، پيٽ ۾ ڀرو،
پيٽ ٻه ڀريو، اندر ٻه ڀريو.

## ماءُ پيءُ

٥٤٦. هو جي آيا ۽ ڇڏا، ماڪيءَ کان مٺا،
تو ڏٺا، مون ڏٺا، خدا ڪين ڏٺا.

٥٤٧. رهبر وٺو راهه، آيا ۽ ڇڏا،
ڪنهن ڏٺا، الله سائينءَ نه ڏٺا.

## مُڇ

٥٤٨. سچ لهي سانجهي تي، آيو هرجائين،
هر ڪو منهن مٿو پٽهي؛ ڊور ڊگهي تائين.

٥٤٩. منهن جنهن جو مرونءَ جهڙو، ٽنگون جنهن جون سڳا،
ڪايو ڊور ڊگها، ليکيو وچي لتن ۾.

---

٥٤١. سؤ ڏيون = اڙڏيون. پنجاهه پُٽ = لوٽا، ڪنگر.

Gul Hayat Institute

٥٥٠. مُنهن مروُنءَ جهڙو، پٽر پکيءَ جهڙا،
هـٿ نـہ هـٿـڊ ويـي نـہ لـڳـي.

٥٥١. نکي ڇهنب ترار جيئن، ڇنگهون جنهن کـي چار،
ڏکهي ڪنهن کـان ڪينڪي، ڪري شوق شڪار.

## مرچ

٥٥٢. چـِـپ ڪـتـتـِ ڪـتـتـِ، هــا پـتـتـِ، هــاءِ هــاءِ.

## مڪائي (سنگ)

٥٥٣. آڙي آ، ٻڙي آ، موتين سان جڙي آ،
ليلى جي باغ ۾ ڇلهه ٻڌيــو ڪتڙي آ.

٥٥٤. آتر ڪان آپني، نالي چڱي نار،
پاڻ ويٺي گدڙ ۾، ڇون تيس ٻهار.

٥٥٥. پالڪيءَ ۾ ڏڪـي سائي چوليي،
پيريءَ ۾ پائي موتين جو هار.

## مڪڙ

٥٥٦. ڇريو چانجوسي نہ ڏي، ڪڙ ڏرتيءَ تي نہ ڏي،
متئون پيو چڙي ڦري.

٥٥٧. ڇهه ڇنگهون ڇهلباز کي، نتو ورهيون ناهيتن،
ڪاچ جنين جو ڪڙڪڻو، پـاڻي مـُور نہ پيــن،
دعا ڪــريـو ڙي جيڏيون، ڇپر شال وڃــن.

## مڪڙي

٥٥٨. ٺيڪرين دامين ڪوٽ ٻڌايا، لاڪڙ ٻڌم ڳاهہ،
حاضري ميوا پڪ ڪـڙا، تلهي رهہ ڳيا درياهہ.

## مڱ (ٻوڙو)

٥٥٩. پٽن تــہ جنهن جــا پير جهڏا، پيلي ۾ پهڪڙ،
وچي پُڇ ڏبهہ دارن ڪان، تہ آن ڪهڙو ڪـتن؟

Gul Hayat Institute

مرچ

۵٦٠. جان وچان بازار ۾ ته ناڻگو ڏنم نر،
چاليهه چيلا چيلهه سان، سؤسٽ نو ڪر.

۵۰وو (جنهن اندر گهڻا ٻج هجن)

۵٦١. ڳنڊيءَ ۾ داڻا، پاڻي ۾ پُرڪار ٿيا،
نڪرن جي نڪونجهه مان، ته سڀلا ساماڻا،
محب نه ڪر ماڻا، سمجهه ته پوءِ سرهوٿئين.

انار يا ڏاڙهون

۵٦٢. ڪاٺ مٿان ڪاٺ گهڙيو، تنهن تي گل ٻيگ چڙهيو،
واهه ڙي واڍا وهه، تو ڪيئن ڪاٺ گهڙيو.

۵٦٣. ڪاٺ چڙهيو ڪاٺ تي، ڪاٺ ڪري ريهان،
چئي: دوزخ مان نڪري، بهشت ۾ بيهان.

۵٦٤. هڪ ڏڪ جيئرن کي، ته مٿا پيا ڌانهون ڪن،
اونهي ڏيهه الله جي ۾، اُن مٿيا پيا مٿئين.

۵٦۵. ڏڪ لڳا جيئرن کي، ڌانهون ڪن مئا،
سي ويچارا روئندي بهشت ۾ ويا.

۵٦٦. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رانيٽ ڪن ٻيا،
آئيا جي ٿيا، سي لُڙڪ هاريندا ويا.

Gul Hayat Institute

ناريل

۵٦٧. ٻرپٽ ۾ ٻڙيو ٿانگو، ريءَ ڪنيار گهڙيو ڀانڊو،
ريءَ سڀاڻيءَ کير ڄمڙيو.

۵٦٨. ٻه ڪوٺ قابو آهن، جن کي دري نڪو در،
نڪو پيو پٽرو پاڻي، نڪو وٺو مجهس ڪڪر،
جوان تنهن ۾ جر، ڪهو ڪامل ڪٿان آئيو.

۵٦١. مولوي احمد سيمڻ جي ناهيل پرولي.
۵٦٤. جيئرا= ڏاند. مئا= ڏر جو ڪاٺ. اڻ ميا= ڪڻگر.
۵٦۵. ٻي روايت: پاڻي پرڻ اهي، جيڪي دوزخ ۾ هئا.

**نماز**

٥٦٩. هڪڙي ٻوٽي ۾ پنج گُل، ٽي ڇانو ۾، ٻه اُس ۾.

**نَنڊ**

٥٧٠. آئي سميلا، وئي سميلا، سميلا ڪنهن نه ڏٺي.

**نيرُ (ٻوڪ)**

٥٧١. ٻوڪين ٻوڪ ٻريت سان، سا سڪي ٿئي سوڪ،
ماڻهو مرون ڪاٺيس ڪون، ته ٻه پئسا ڪري روڪ.

**وات**

٥٧٢. ڏکي ڏکي چادر، هنڌائيجي ته نئين، پيئي آهي ته پراڻي.

**واڇوڙو**

٥٧٣. ٻروليءَ پير ڏمڻ جي، وڃي لڳي آپ،
جيڪو نه ٻجهي، تنهن جا ٽوڙها ٽيندا سپ.

**واڳُڻ ۽ ٻصر**

٥٧٤. تنڪيو چوي ٻوريل کي ڪڏهن ملنداسين.

**وڄڻو**

٥٨٥. سياري ۾ لڪي رهي، اونهاري ۾ جام،
اهڙا حڪيم عام، وڪجن پيا بازار ۾.

Gul Hayat Institute

**وڇون، ڀڙون**

٥٧٦. بندرو بروهي، هٿ بندوق، ڪري گوهي.

٥٧٧. رهي زمين تي، آڀري آسمان ۾،
نالو اٿس نعوذ بالله، پُڇ سان تو ڪاڏهي.

**وڻ ويڙهي**

٥٧٨. نر ٻرائي نار کي ٻيلو ٻاڪر پائي،
نار آگهي ڏکي، نر پيو آنا لاهي.

---

٥٤٤. ٻي روايت: هيٺ نه آهي، مٿي به آهي.

٥٨١. سڱڪي ڦان نہ هيروين، رڏو ڦان نہ ڪاھ،
ري منڌائتي مارئي ٿي ورڪي وڪڙ پاءِ.

## هاٿي

٥٨٠. چار ٿنڀا، ٻہ ڏيا، ٻہ وڃڻا، هڪ ترار.

٥٨١. ڏوهيون پکيءِ جهلنديءِ آون، ڏيئي مٿي ٻلنديءِ آون،
ڪالا نانگ ليٽندا آوي، لوڪ تماشا ڏيکندا آوي.

## هوائي جهاز

٥٨٣. پورو سان پنيور جو، اچي ٻہ رڙندو، وڃي ٻہ رڙندو.

Gul Hayat Institute

٥٨١. پڪ= ڪنن. ڏيئا= اکيون. ڪارو نانگ= سونڊ.

الف

۵۸۳. آپ' راڪائي ڏيو.
هڪ ڏيکي ٻه ڏوڪريون، آپ راکين، چوکريون.

۵۸۴. آپ مان ترڪاري ڪيائي ڏيو.
هي مهينو سرڪاري، ڪيان آپ مان ترڪاري.

۵۸۵. ٻڪر ڪنهائي ڏيو.
'نازو' ويو رسي، ٻڪر ويو ڪسي.

۵۸۶. ٻليءَ کي ٻندڙا پارائي ڏيو.
ايت پيت گندڙا، ٻليءَ پاتا ٻندڙا.

۵۸۷. ٻليءَ کي پڻيو پهرائي ڏيو.
چلهه متي منيو، ٻليءَ پهريو پڻيو.

۵۸۸. ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.
ٻلي ويٺي لنگهڻ، پاتي آئي ڪنگڻ.

۵۸۹. ٻليءَ کي گهنڊڙي ٻڌي ڏيو.
ڪانئو ن ڪنئي ٽنڊڙي، ٻليءَ ٻڌي گهنڊڙي.

۵۹۰. ٻوڙي ٻاٽ پرائي ڏيو.
ڪرڙي هنئي چاٽ، ٻوڙي پري ٻاٽ.

۵۹۱. ٻولڙيءَ کان پاپڙ پچارائي ڏيو.
ٻاپڙي ويٺي ٻاهه مچائي، ٻولڙي ويٺي پاپڙ پچائي.

۵۹۲. ٻوليءَ کي برقعو پارائي ڏيو.
سر ۾ تيو سرڪو، ٻوليءَ پاتو برقعو.

---

۵۸۳. ٻي روايت: آپ اٽائي ڏيو. ڏوڪري = ٺلهي ماني.
۵۸۶. ٻي روايت: شينهن کي ٻندڙا پارائي ڏيو.
۵۸۷. پڻيو = انگرکو.
۵۸۸. ٻي روايت: شينهن کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.

Gul Hayat Institute

٥٩٣. ڀوليءَ کي ڀِتَ ڪارائي ڏيو.
روهيءَ مٿان رت ـ ڀوليءَ ڪاڏو ڀِتَ.

٥٩٤. ڀوليءَ کي ڀَڙي پارائي ڏيو.
ڀيرڙين منهنجي ڪَڙي ـ ڀوليءَ ٻاتي ڀَڙي.

٥٩٥. ڀوليءَ کي گَجَ پارائي ڏيو.
حاجِي سنپريا حج ـ ڀوليءَ ٻاتو گج.

٥٩٦. جُونءِ کي جُتي پارائي ڏيو.
ڪُور ڪُور ڪُتي ـ جُونءِ ٻاتي جُتي.

٥٩٧. چار جهماڻي ڏيو.
ڪوڏار، ڪتپ ڏار ـ هڻ ڏڪ، جهمڻي چار.

٥٩٨. چنبڙ کي چولو پارائي ڏيو.
١. دانگيءَ ۾ لولو ـ چنبڙ ٻاتو چولو.
٢. اڱڻ تي اولو ـ چنبڙ ٻاتو چولو.

٥٩٩. ڏيڏريءَ کي پوتي پارائي ڏيو.
ڏڪڻيءَ ۾ موتي ـ ڏيڏريءَ ٻاتي پوتي.

٦٠٠. ڏيڏريءَ کي چهر پارائي ڏيو.
سونارڙي پريا پير ـ ڏيڏريءَ ٻاتي چهر.
Gul Hayat Institute

٦٠١. ورڻ روئاڙي ڏيو.
آڪريءَ ۾ چِنو ـ رڻ ويٺي رُنو.

٦٠٢. رڻ کي راڳ ڳارائي ڏيو.
آڪريءَ ۾ ساڳ ـ رڻ ڳايو راڳ.

---

٥٩٣. ٻيون روايتون: ١. شينهن کي ڀِتَ ڪارائي ڏيو.
٢. هاٿي کي ڀِتَ ڪارائي ڏيو.

٦٠٢. ٻيون روايتون: ١. شينهن کان راڳ ڳارائي ڏيو.
٢. ڪيول کي راڳ ڳارائي ڏيو.

٦٠٣. رڍ ميڙي ڏيو.
١. سائو سڱو سيريان — رڍ ويهي ميڙيان.
٢. ڍيري وٽي ويڙهيان — رڍ ويهي ميڙيان.

٦٠٤. سٽن شينهن جا ڪنڌيلا لهرائي ڏيو.
فتح پور جا گهوڙا ٽٽا — سٽن شينهن جا ڪنڌيلا لٿا.

٦٠٥. سٽر مان نانگ اٺاري ڏيو.
هٽر مٿان هٽر — چڙهي نانگ سٽر.

٦٠٦. سيرڻ کي پڙو پارائي ڏيو.
ڪُوهي ۾ ڪتڙو — سرڻ پاتو پڙو.

٦٠٧. سيرڻ کي سهرا ڳارائي ڏيو.
لنگهو بيٺو ڍهل وڄائي — سيرڻ ويٺي سهرا ڳائي.

٦٠٨. سٽهي کي ٻڪو ٻڌائي ڏيو.
ڍُهل ڪيو ڌڌڪو — سهي ٻڌو ٻڪو.

٦٠٩. سهي کي سُٿڻ پارائي ڏيو.
١. ٻڪريءَ جا ٻه ٿڻ — سهي وڌي سٿڻ.
٢. چُپ چپاتي — سٽهڙ سُٿڻ پاتي.

٦١٠. سٽهي کي سنگهري پارائي ڏيو.
واڙ کي ڍنگهري — سهي پاتي سنگهري.

٦١١. سهي کي سنوڙ اوڍائي ڏيو.
١. حڪيم پيتا چنوڙ — سهي اوڍي سوڙ.
٢. آنران ٿي گوڙ — سهي اوڍي سوڙ.

٦١٢. سهي کي کهاڙي ڪڍائي ڏيو.
پڪيي نہ آڙي — سهي ڪڍي کهاڙي.

٦٠٣. ٻي روايت: هرڻي ميڙي ڏيو.
٦٠٦. ٻي روايت: شينهن کي پڙو پارائي ڏيو.
٦١١. ٻي روايت: شينهن کي سنوڙ اوڍائي ڏيو.

Gul Hayat Institute

٦١٣. شيطان جو منهن ڪارو ڪرائي ڏيو.
ڪاريءَ ڪُڪڙ ڪيو آرو - شيطان جو مُنهن ڪارو.

٦١٤. شينهن کي پاڻي پياري ڏيو.
رات آئي راڻي - شينهن پيتو پاڻي.

٦١٥. شينهن کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
ٻير مٿي مٽڪو - شينهن ٻڌو پٽڪو.

٦١٦. شينهن کي جامو پارائي ڏيو.
اَڪريءَ ۾ آمو - شينهن پاتو جامو.

٦١٧. شينهن کي روٽڙي ڏيو.
پٽ ۾ ڏوٽي - شينهن ڏنو روٽي.

٦١٨. شينهن کي ڪِلائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪِلي - شينهن ڏنو ڪِلي.

٦١٩. شينهن کي ماني کارائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪاني - شينهن کاڌي ماني.

٦٢٠. فقيرن کان ٻولڙي ڇڏائي ڏيو.
فقير کي ڇڏيو آڏي - ته ٻولڙي ڏئي ڇڏي.

٦٢١. ڦُوسڙيءَ کان ڦرُ ڇڏائي ڏيو.
١. نانگ ڪنيو ڪر - ڦوسڙيءَ ڇڏيو ڦر.
٢. وات ڪاڏو وڙ - ڦوسڙيءَ ڇڏيو ڦر.

٦٢٢. ڦوسڙيءَ کي ڦيري پارائي ڏيو.
ڏهڪڙيءَ ۾ ڏيري - ڦوسڙيءَ پاتي ڦيري.

٦٢٣. ڪانءَ جو مٿو ڪوڙائي ڏيو.
ڏکيءَ ۾ ڏوڙ - ڪانءُ جو مٿو ڪُوڙ.

٦٢٤. ڪبر کي ڪانچ پارائي ڏيو.
اتر لڳي وانچ - ڪبر پاتي ڪانچ.

٦١٨. ٻي روايت: هرڻي کي ڪِلائي ڏيو

٦٢٥. ڪنچ مان پٽ آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رَت- ڪنچ مان آيو پٽ.

٦٢٦. ڪيچ مان ٿانڊو آڻائي ڏيو.
ٻيلو ٿيو ٻانڊو- ڪيچ مان آيو ٿانڊو.

٦٢٧. ڪنچ مان وَهُڙو آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي وَهڙو- ڪنچ مان آيو وَهُڙو.

٦٢٨. ڪترو پرڻائي ڏيو.
’سچڻ‘ ڪي آيو ٻرو- ڪالهه پرڻيو ڪترو.

٦٢٩. ڪُڪڙ کي وٽ لهرائي ڏيو.
گدڙ ڏني پُٽ- ڪڪڙ لاٿي وٽ.

٦٣٠. ڪُنھي جي ڏاڙهي ڪوڙائي ڏيو.
غريب پوکي واڙي- ڪُوڙ ڪُنھي جي ڏاڙهي.

٦٣١. ڪودو، ڪُوهه ٽپائي ڏيو.
لغڙ ڏني لُوهه- ڪودو ٽپيو ڪوهه.

٦٣٢. ڪُوهه تان ڪٽ ٽپائي ڏيو.
ٻه ٻانيڻ، ٻه پٽ- ڪوهه تان ٽپي ڪٽ.

٦٣٣. ڪوهه مان ڏيرا ڪڍائي ڏيو.
ماڙي ڪاڏا ڦيرا- ڪوهه مان نڪتا ڏيرا.

٦٣٤. ڪوهه مان ڳيرو ڪڍائي ڏيو.
آنڊ آيا ڏيرا- نڪر ڪوهه مان ڳيرا!

٦٣٥. ڪُوهي رت مان ڀرائي ڏيو.
ڏڳيءَ هڻي لت- ڪُوهي ڀري رت.

٦٣٦. گدڙ کان مڇي مارائي ڏيو.
ماڻي، ڏاڏي جو ڀاڻي هاري- گدڙ بيٺو مڇي ماري.

٦٣٧. ڳوهه کي جُتي پارائي ڏيو.
ڳنڍيءَ ۾ جهاني- ڳوهه جُتي پاتي.

٦٣٨. ڳوهہ کي ڪتسي ٽپايو.
لوڙي ۾ لسي- ڳوهہ ٽپي ڪتسي.

٦٣٩. ڳوهہ کي ڳانو پارائي ڏيو.
١. ٻت تي ڪانو- ڳوهہ پاتو ڳانو.
٢. آڪريءَ ۾ آنا- ڳوهہ پاتا ڳانا.

٦٤٠. موليهي اٽ ميڙاي ڏيو.
ساڪرو ڏورو ميڙيان- موليهي اٽ ميڙيان.

٦٤١. وچ درياهہ ۾ ماڙي آڏائي ڏيو.
ادي وڃائي ڏاڙي- وچ درياهہ ۾ آڏي ماڙي.

٦٤٢. هالن مان حقا آڏائي ڏيو.
هٿيا شڪارين جهنگ ۾ ڏٺا- آيا آڏامي هالئون حقا.

## ب

٦٤٣. آپ مان سونو ويڙهہ لاهي ڏيو.
ٻاٻي جو ٻچو، آما جو ڏير- آپ مان لاٿم سونو ويڙهہ.

٦٤٤. آپ مان سونهي ٿالهي ڪڍڻ ڏيو.
آما جي پيڪي، ٻاٻي جي سالي-
ڪيان آپ مان سوني ٿاليهي.

٦٤٥. آپ مان سوني سرائي لاهي ڏيو.
ماسو پنهنجو، ماسي پرائي- لاٿم آپ مان سوني سرائي.

٦٤٦. آپ مان سوني متنجي لاهي ڏيو.
ٻکڻ مٿو، ٻکائي ڳنجي- آپ مان لاٿم سوني متنجي.

٦٤٧. آڏ چانور مان ڇڇ ڪارائي ڏيو.
ڇوڇا ميڙيان، ٺٿو ٽپايان- آڏ چاور مان ڇڇ ڪارايان.

٦٤٨. آڪ هيٺان پاڏو اٺاري ڏيو.
هنيم گز، ڇتيا پڙ- آت ڙي پاڏا! پٺياه ڪڍن.

---

٦٤٤. ٻي روايت: کوه مان سوني ٿالهي ڪڍائي ڏيو.

٦٤٩. ٻٻر تي پيلو چاڙهي ڏيو.
ميهن کيا وسڪارا، ڏيکجي ويا تارا —
رتيهو ڏيکو پيلو، ٻٻر چڙهيو پيلو

٦٥٠. ٻلي ڏهي ڏيو.
هيڏانهن به ڪِلي — هوڏانهن به ڪِلي،
ويٺي ڏهي ٻلي.

٦٥١. ٻليءَ کي ميڪائي ڏيو.
ڪاٺ پنو ليڪي، چٽون وٺو چيڪي.
مٿان ٻلي ويٺي ميڪي.

٦٥٢. ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.
١. چٽون، ڇهن رٽون، ڪاٺي ڪٺوري، اوڪي پٽن
ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.
٢. آٺ دريون، اٺ دروازا — جن ۾ ويهن راوت راڻا،
پيچي سوپاريون ڪاٺن پٽن — ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.

٦٥٣. ٻوڙيءَ کي تکو هلائي ڏيو.
فقير هجي ٻهڙو — ماڻهن جو هجي ميڙو،
چيلهي جي ڏيکار ڪل — ٻوڙي! تون تکي هل.

٦٥٤. ناريءَ تان تندڻ لاهي ڏيو.
ڪارو ڪتو، ڳاڙهو ڪتو — ناريءَ مٿان تندڻ لٿو.

٦٥٥. پاتارڻون پاڻي چاڙهي ڏيو.
هرٽي، چار پير چرٽي، پنجو پير چڙيو،
پاتارڻون پاڻي چڙهيو.

٦٥٦. پاڏي ڏهي ڏيو.
آڏي نانڪان، پاڏي نانڪان پاڏي روپڪ وڏي نانڪان
آڏي آچليان، پاڏي آچليان، پاڏيءَ جو پير وڏي [چلمان]
توهي پاڏي پيئي ڏجهي، ته به پاڏي پيئي ڏيي.

---

٦٥٢. ٻي روايت: ٻن شينهن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

٦٥٧. چنڊ کي لاٽي چاري ڏيو.
چنڊ کي لڳو مٽنڊ — پيٽئين پاٽي، ڪاڏائون لاٽي.

٦٥٨. چنڊ مان سونو ٿالهه ڪيڻ ڏيو.
ٻارهن مهينا، پورو سال — چنڊ مان نڪتو سونو ٿالهه.

٦٥٩. رڍ کي رُسائي ڏيو.
آڪري پُسهي، مُهري مُسهي، آن ڪُسهي، رڍ رُسهي

٦٦٠. ستن شينهن جا متا ڦاڙي ڏيو.
١. ڪيرڙ ڪو ڪو، آڪ ڳهاٽا — ستن شينهن جا متا ڦاٽا.
٢. نيڪراٽو، وڻ ڳهاٽو — ستن شينهن جو متو ڦاٽو.

٦٦١. ستن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو ڪرائي ڏيو.
١. پهڻ ڦاٽو، پڪڙيو چاٽو — ستن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو.
٢. جهنگ ڳهاٽو، ڦڳڻ ڦاٽو — ستن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو.

٦٦٢. ستن شينهن کي ڍؤ ڪرائي ڏيو.
سنهون پيهان، سوڪ پچايان — ستن شينهن کي ڍؤ ڪرايان.

٦٦٣. سرڻ کي ويندو پارائي ڏيو.
نيڪر ۾ نينديو، ڪٿي اچ پيينديو،
ڊپ ڪان سرڻ پاٽو ويندو.

٦٦٤. سڱ ڏهي ڏيو.
ڳئون ڪاڙي ڳاٻو ٽڳ — آڻيو سيلهي ته ڏهي سڱ.

٦٦٥. سوپاري ڏهي ڏيو.
١. لونگن ڏاري، نوڪي چاري، ڏٿي سوپاري.
٢. عدن ڪٽوري، مدن ڪٽوري،
پئون ۾ ٿاري ڏهي سوپاري.

---

٦٥٩. ٻي روايت: آڪريءَ ۾ پُسي رڍ ويٺي رُسي.
٦٦٥. ٻي روايت: انگل ڪٽوري، سنگل ڪٽوري،
ڪٿ پاري، ڏيي سوپاري.

Gul Hayat Institute

٦٦٦. سونو پکي پرٽائي ڏيو.
هٿ کپڙ جو، ڏونري ڊکي- رات پرٽيو سونو پکي.

٦٦٧. سهڻي کان سون گهڙائي ڏيو.
آڪ نه ٻيري، ڏيو ٻيري- سهو ويٺو سون گهڙي.

٦٦٨. سهي کي سٿڻ پارائي ڏيو.
ميڏهان به کاني، هوڏهان به کاني،
سهي سٿڻ پاتي.

٦٦٩. شينهن کان کنڊلا چوڙائي ڏيو.
رڻين رڻين رکي بيهي ويٺي کٿهن،
ميان چڙهيو گهوڙي- شينهن کنڊلا چوڙي.

٦٧٠. شينهن کي سمهارڻ.
چنگ چور، يتر پور، چمٽو پٽو، شينهن وچي سمٽو.

٦٧١. شينهن کي نماز پڙهائي ڏيو.
هيڏانهن به هٿيو، هوڏانهن به هٿيو،
شينهن نماز پڙهي آئيو.

٦٧٢. شينهن تي کتڙيو رکي ڏيو.
هڏانهن کڙيو، هوڏانهن کڙيو،
شينهن مٿي رکيو کڙيو.

Gul Hayat Institute

٦٧٣. طوطو تلاءَ تان آٿاري ڏيو.
لوهه جي لٺون، رٻڙ جي تار-
آٿي ڙي طوطا، تلاءَ آهي تار.

٦٧٤. کانهه پياري ڏيو.
ڳابي کيو گهه، ڳئون کيو بان،
ٻيڙي چڙهيو کان.

٦٧٥. کتو کلائي ڏيو.
ڏنڊ پيري، چوهو چيلهي- ڏونر تيلهي، کتو کيلهي.

٦٧٦. ڪُپڙيءَ ۾ ڪتڪ ميڙي ڏيو.
اُث مٿو، اوجهه تيڙيو- ڪُپڙيءَ ۾ ڪتڪ ميڙيو.
٦٧٧. ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.
هيڏانهن به چاڻي، هوڏانهن به چاڻي،
ڪُڪڙ پيتو پاڻي.
٦٧٨. ڪلر ۾ ڪوٽ ڪڙڪائي ڏيو.
پاڻي ٻڙڪي، لڏڙو لتڙڪي- ڪلر ۾ ٿو ڪوٽ ڪتڙڪي
٦٧٩. ڪوٺ ڏُهائي ڏيو.
ڳئون ڪُرڙي، ڳابي ڪوٺ-
کٿي آهه ونگ ته ڏهون ڪوٺ.
٦٨٠. ڪيو ل ڪان لڏ ڪٿائي ڏيو.
هيڏانهن به آڏ، هوڏانهن به آڏ، ڪيو ل ڪٿي لڏ.
٦٨١. ڪدڙو ڪٽ تا آٽاري ڏيو.
روپي ڪاني، سوني سراڻي- اٿي ڙي ڪدڙا ڪٽ ٻراٽي.
٦٨٢. ڪُدڙي سان اَٽ آڏائي ڏيو.
آچو ناٺو، ٻڳو ناٺو- ڪُدڙي سان اَٽ آڏائو.
٦٨٣. ڪڳو ڪيلائي ڏيو.
مهاڻو به پيو تيلهي، مهاڻي به پٽي تيلي، ڪڳو وٺو ڪيلي.
٦٨٤. ڪودو ڪوهه تپائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٿوهه، هوڏانهن ٻوهه، ڪودو تپيو ڪوهه.
٢. هيڏانهن گدرو، هوڏنهن ٿوهه، ڪودو تپيو ڪوهه.
٣. گابا چرن آڙي واڙي ڳئون ويـــون جُوءِ،
ڪودو تپيو ڪوهه.
٤. اَنيون چرن اوڙي ٿوڙي، مينهون چـرن جُوءِ،
ڪودو تپيو ڪوهه.
٦٨٥. ڪُوهي، تيل سان ٻرائي ڏيو.
هيڏانهن به ريل، هوڏانهن به ريل، ڪُوهي ٻري تيل.

Gul Hayat Institute

٦٨٦. ڪُوهي ڪنڊ سان پرائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه جنڊ، هوڏانهن ٻه جنڊ، ڪُوهي پري ڪنڊ.

٦٨٧. ڪُوهي ڪير سان پرائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٻه هير، هوڏانهن ٻه هير ڪُوهي پري ڪير.
٢. واهه ۾ تيو ڪتڙڪو - ڀڪين ڪاڏو پڙڪو،
ڪُرڙي سنڻين سير - ڪُوهي پري ڪير.

٦٨٨. ڪيڙيءَ ۾ ڪوهه ڪٿائي ڏيو.
آلـــي ڪـــانـــي، چوُ پـــڙانـــي،
پڇي نه پڇي، ڪيڙيءَ ۾ پيو ڪوهه ڪڇي.

٦٨٩. گانگٽ گِڏ نان اٿاري ڏيو.
ستر سنڪو، پٽڻ سائي، آئي ڙي گانگٽ، گِڏ پرائي.

٦٩٠. گدڙ ڀيڪائي ڏيو.
پـاڏي ڪـارو، ســڪـين جهينگاريو،
مڪيون وٺون ڀڪي، گدڙ ويٺو ڀيڪي.

٦٩١. گدڙ ڦاهيءَ چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن ٻه واهي، هوڏانهن ٻه واهي، گدڙ چڙهيو ڦاهي.

٦٩٢. گدڙ ڪان گاهه ڪرائي ڏيو.
ڏُها سڪا، پريو واهه - گدڙ ٻيهي ڪيو گاهه.

٦٩٣. گڏهه وات نان اٿاري ڏيو.
هڪ مٺ آتو، ٻه مٺ ٻات - اٿي ڙي گڏهه هيءَ پرائي وات.

٦٩٤. گنڊڻ گنديءَ ۾ نچائيو.
واڻيو پيو اچي، باهه پيئي مچي - گنڊڻ گنديءَ ۾ بيٺو نچي.

٦٩٥. گُوهو هٽائي ڏيو.
ڳئون پوڙهي، گابو چُوهو - وڃهي نُوچڻ هٽان گُوهو.

٦٩٦. ڳوهه ڪي هٽس پارائي ڏيو.
هيتان ٻه گٽس، هُتان ٻه گٽس، ڳوهه پاتو هٽس.

Gul Hayat Institute

٦٩٧. گهوڙو، ڪوهه مان ڪڍائي ڏيڻ.

١. راهه اٿڙڪي، اوڙا چوڙا - چار ڇهڪ، نيڪر گهوڙا.
٢. آٽر ڪيڙا، پيچ ڪٽيڙا - ڇتهو ڇهڪ، نيڪر گهوڙا.
٣. ڇتهي ڇيڪي، وَچ ڪٽورا - اُپُڙ ڪِلا، نيڪر گهوڙا.

٦٩٨. لومڙيءَ کي لاٿون ڏيارڻو.

ڪانگ ڪيو ڪان ڪان، ٻليءَ ڪيو مياٿون،
لومڙيءَ لڏيون لاٿون.

٦٩٩. لوها لڏون گڏرائي ڏيو.

چاو دريون، چار دروازا - اندر ويٺا صاحبزادا،
صاحبزادا لٿڙيا - لوها لڏون گهٽڙيا.

٧٠٠. ماڙي مٿان مرچ اڏائي ڏيو.

١. اکڙيون، ٽِڪڙيون، پوش پُراڻا - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻا.
٢. ايچر گهيچر پڙچ پُراڻو - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻو.

٧٠١. ماڙيءَ تي مينهن ليٽائي ڏيو.

١. آرت تاڙيون آٺ، نائين ٻيٺي - مينهن ماڙيءَ تي ليٽي.
٢. چار چور، پنجين ٻيٺي - مينهن ماڙيءَ تان ليٽي.

٧٠٢. مِصري مٿي چاڙهي ڏيو.

ڏڪ لڳو، ٿمو ستگو -
ڳاهه ويٺي وسري، مٿي چڙهي مصري.

٧٠٣. ستر تي ٻوري چاڙهي ڏيو.

هيڏانهن ٻه ڍوري، هوڏانهن ٻه ڍوري،
ستر تي چڙهي ٻوري.

٧٠٤. ستنجو ڏهائي ڏيو.

ڳنئون ڪراڙي، ڳابو ڳنجو -
ڪٿي آهه ڍنگ ته ڏهي ڏيانءِ منجو.

٦٩٩- ٻي پڙهڻي: ست دريون، ست دروازا، جنهن ۾ ويٺا خانزاد

Gul Hayat Institute

٧٠٥. ميهن کي ڏيڪائي ڏيو.
١. چار چار، پنجين ٽڪي-پيپر هيٺان ميهن ڏيکي.
٢. ڏيڍو ٽنو، ميهن ونو-
دانگي ۾ ٽڪي، ميهن آئي ڏيکي.

٧٠٦. نانگ ڏهي ڏيو.
اڌ ڪپڙو تانگهه ٿي تانگهه- ڪڻ سيلهي ته ڏيي نانگ.

٧٠٧. وچ درياهه ۾ پڳڙا متهتائي ڏيو.
توم، بصر، لوڻ لهٽيون، وچ درياهه ۾ پڳڙا مهٽيون.

٧٠٨. وچ درياهه ۾ تاني ڪيائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪاني، هوڏانهن به ڪاني،
وچ درياهه ۾ نڪتي تاني.

٧٠٩. وچ درياهه ۾ ٽويو ٽلائي ڏيو.
هتر هتلي، پاڻي چٽلي- وچ درياهه ۾ ٽويو ٽلي.

٧١٠. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪُونهون، هوڏانهن به ڪُونهون،
وچ درياهه ۾ دکيو دُونهون.

٧١١. وچ درياهه ۾ ساڳ پچائي ڏيو.
وڏي واڙي، لڳي پاڳ- وچ درياهه ۾ پچي ساڳ.

٧١٢. وچ درياهه ۾ سوني سڙڪ ٺهرائي ڏيو.
هوڏانهن به ڪٽڪ، هوڏانهن به ڪٽڪ-
وچ درياهه ۾ ٺهي سوني سڙڪ.

٧١٣. وچ درياهه ۾ نار چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به تار، هوڏانهن به تار-وچ درياهه ۾ چڙهيو نار.

٧١٤. وچ درياهه ۾ هٽ آڏائي ڏيو.
هيڏانهن به مٽ، هوڏانهن به مٽ.
وچ درياهه ۾ آڏيو هٽ.

Gul Hayat Institute

٧١٥. وڻ مٿان واري آڏائي ڏيو.
آبو هاري، ادو ڪوڏاري- وڻ مٿان آڏائي واري.

٧١٦. هالن مان آرٽ آڏائي ڏيو.
١. اپچر گهيچر، پڙيچ پراڻا- هالن مان آئي آرٽ آڏاڻا.
٢. آٿر گوندر لٿا پُراڻا- هالن مٿان آرٽ آڏاڻا.

٧١٧. هرڻيءَ تي هنو چاڙهي ڏيو؟
هيڏانهن به پنو، هوڏانهن به پنو، هرڻيءَ تي چڙهيو هنو.

٧١٨. هرڻيءَ کي سينگار ڪرايو.
ڇم ڇم باجا، ڇم ڇم هار، هرڻي ڪيا سينگار.

٧١٩. هرڻيءَ کي هار پارائي ڏيو؟
مٿن ٽدو، مٿن ڪوسو، من مٿي بار، هرڻيءَ پاتو هار.

٧٢٠. هرڻيءَ کي هس پارائي ڏيو.
هيڏانهن به گٽس، هوڏانهن به گٽس، هرڻيءَ پاتو هس.

## ج

٧٢١. آپ مان سوٽي لاهي ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، پيي چڙهيو تار،
تاري ڪئي هير، پيي چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، پيي چڙهيو ڪرڙيون،
ڪرڙين ڪئي راڙ، پيي چڙهي ترار،
ترار جو متو، پيي چڙهيو ڪٽو،
ڪٽي جو پلاند، پيي چڙهيو ڏيو ڏاند،
ڏيي ڏاند جو ڪُر، پيي چڙهيو حر،
حر جي چوٽي، آئي آپ مان سوٽي.

٧١٦. ٻي روايت: ماڙيءَ مٿان ارٽ آڏائي ڏيو.

Gul Hayat Institute

٧٢٢. آٽ ڪي پاڻي پياري ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هنئين منڊ، ٻي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنيو پلاند، ٻي چڙهيو ڏهو ڏاند،
ڏهي ڏاند هنيو پڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي تراڙ،
تراڙ هنيو ولو، ٻي چڙهيو گلو،
گلهي هنئين مُٺ، ٻي چڙهي آٽ.

٧٢٣. آٽ ماڙيءَ تي چاڙهي ڏيو.

مينهن موڪون، لٿيون روڪون،
پريا پاڏا، پرتا پاڏا،
پڪي واڙي، آٽ چڙهيو ماڙي.

٧٢٤. ٻارن کي پاڻي پياري ڏيو.

ميرن ڪيون ڪرڙيون، ٻيو چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين هنيو پڇ، ٻيو چڙهيو رڇ،
رڇ هنيو مٿو، ٻيو چڙهيو ڪٿو،
ڪٿي ۾ ڪانا، ٻيو چڙهيا آنا،
آنن ۾ وار، ٻيو چڙهيا ٻار.

٧٢٥. ٻانيڻ جوسي ڪڍائي ڏيو.

هڪڙو هو راجا، ان جي سر ۾ ڏاگهو،
تو چڪيو، مون چڪيو، تي پيو دروازو،
دروازي سان ست پٽون، نڪتي ڳوري ڳئون،
ڳوري ڳئون لاتي ڦوسي، نڪري آيو ٻانيڻ جوسي.

٧٢٦. ٻلي کي وڻ تي چاڙهي ڏيو.

ڪٺو هو ٻر ۾، ٻلي هئي پر ۾،

٧٢٥. جوسي= جوتشي.

ڪنو نڪتو آئي لاءِ، ٻلي آئي چٽي لاءِ،
ٻلي هئي زور، ڪٿهي ڪئي ٻوڙ،
ڪنو ويو نڪري، لڳي ٻنهي جي چڪري،
ڪتهي ڪئي اڙي، ٻلي وڻ تي چڙهي،

٧٢٧. پولڙو پرچائڻ ڏيو.

پولڙو آيو بازار ۾، ناچ ڪري شهر ۾،
فقير ڏنو سنهن، پولڙي ڦيرايو منهن،
قسم توکي ساليءَ جو، ٻيو ملڪ واليءَ جو،
ساليءَ ڪيو پيار، پولڙي ڏنو آر،
جڏهن نڪ مان ساليءَ ورتو، تڏهن پولڙو پرتو.

٧٢٨. تارو پرڙائڻ ڏيو.

ڪرڙ ڪاٺ، لئي ڦوڙاٺ،
جهڏو گدام، پر سلام،
هيٺ ترار يون، مٿي پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرٿيا ويڙ،
گولا مليا لڪ، گولي پڳو ڪڪ،
ڪڪ تي ويئي ماڪي،
ماڪي ڪيو آرو، تڏهن پرڙيو تارو.

٧٢٩. ترار کي ٻاڏي پياري ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ منارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ٻي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي گرڙي، ٻي چڙهي ڪرڙي،
ڪرڙي لاتا آنا، ٻي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير، ٻي چڙهيا مير،
ميرن ڏني پئي، ٻي چڙهي آئي،
آئي ڪئي راڙ، ٻي چڙهي ترار.

Gul Hayat Institute

٢. لاڪڙ هلي، لاڪڙ چلي،
لاڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري ڏني هڏي، ٻي چڙهي ڳڏي،
ڳڏيءَ جو پلاند،ٻي چڙهيو ڏ ڀوڏاند،
ڏ ڀي ڏاند جو ٻچ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي تراڙ.

٧٣٠. پتلي کي پاٽي پياري ڏيو.
آڏ لڪڙ، آوي لڪڙ،
لڪڙ ۾ منارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏني پٽ، سامهون آيو آٽ،
آٽ ڪئي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور تي تاڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙيءَ تي ڪتلو، پاٽي پيئي پتلو.

٧٣١. چنڊ پرڙائي ڏيو.
ڪنڊا چام، ڏي سلام،
مٿان تراڙيون، هيٺان پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرڙيا پيڙ،
پيڙن ڪيو منڊ، تڏهن پرڙيو چنڊ.

Gul Hayat Institute

٧٣٢. خنجر ڪوهه ڪٽائي ڏيو.
آنب ڪٽو، لتنب ڪٽو، ڪٽو متيرو،
چندن ڪي چاڪ ڏيئي، اڏاٽو ڳيرو،
ڳيرا ڙي ڳيرا! ڪاڏي تو وڃين،
وڃان ٿو نبيءَ جي ديري،
بادشاهه جو پٽ باغ ۾ هرڻ نچائي،
هرڻ سندا ٻچڙا، چيڻن ۾ چڱائي،
چار ڪوڏاريون ڪلهن تي، خنجر ڪوهه ڪٽائي.

٧٣٣. ڏر مان سيڙھہ ڪيائي ڏيو.

ٻانيڻ جوسي پٽي پوتي، نڪري آئي ڪاري ڪوتي،
ڪاري ڪوتي لاٿي لڏ، نڪري آئي مائي تڏ،
مائي تڏ ڇڏيو ٻچو، نڪري آيو لوھار ٻچو،
لوھار ٻچي ٺاھي آر، نڪري آيو ڪالو ڪنڀار،
ڪالو ڪنڀار ٺاھي دانگي، نڪري آيو مراد سانگي،
مراد سانگي وٺيو واڻ، نڪري آيو جوسب ڊڪاڻ،
جوسب ڊڪاڻ ٺاھيون ڪليون، نڪري آيون ڪاريون ٻليون،
ڪارين ٻلين لاٿي ويڙھہ، ڏر مان نڪتي ڏاڏي سيڙھہ.

٧٣٤. سج ٿي مانيون پچائي ڏيو.

آڏي لا ڪڙ، پاڏي لا ڪڙ،
پاڏيءَ ۾ پاھوڙا، کھاٽو چڙھيا گھوڙا،
چڙھي آيا چور، اونناري اٿور،
چٽن ھنئي چاڙي، لڳي وئي تاڙي،
تاڙيءَ ڪيو ٺا، چورن ڇڏيو ھا،
'ھا' مان ٿيو ھل، چوري ٿي ويو گل،
گل ڏنو چنڊ، وڃي ويو گھنڊ،
گھنڊ ڪيو گھان، چورن ڪئي پان،
پان پيڳيا پيلا، آيا آڏي ليلھا،
ليلھن لاٿيون انڙيون، سج ٿي ڪيون مانڙيون.

٧٣٥. سوني ڪُڪڙ کي ٻاڻي پياري ڏيو.

تج ٻيبي، تاج ٻيبي در لاھہ،
ڏيو ھار، ڪر سينگار،
سوني ڪڪڙ کي ٻاڻي پيار.

٧٣٦. سوني ڪڪڙ کي ٻاڻي پياري ڏيو.

ڪيرڙ ڪاٽ، لٺي قوڙاٽ، ڪنڊو چام، ٻر سلام،
ٻيبي فاطمه! ڏيو ٻار، سوني ڪڪڙ کي ٻاڻي پيار.

Gul Hayat Institute

٧٣٧. سُئيءَ کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏي ۾ سانڊارو، ٻيءِ چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ٻيءِ چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنئي اور، ٻيءِ چڙهيو چور،
چور هنئي تاڙي، ٻيءِ چڙهي ماڙي،
ماڙيءَ ڏنو ڪنڀ، ٻيءِ چڙهيو انب،
انب ڏني ٻُٽ، ٻيءِ چڙهي آٽ،
آٽ وچي مُئي، ٻيءِ چڙهي سُئي.

٧٣٨. صاحب جو مٿو ڦوڙائي ڏيو.
انتر ڪوتا، ٻنتر ڪوتا، جيڪي مين رَمين نَنڍيا وڏا،
[انتر ڪوتو جنتر ڪوتو، جنهن ۾ راند ڪن ننڍيا وڏا]
ننڍي وڏي هنيو ڪنڪرو، ڪنڪرو لڳو ٻاويءَ ري ٻڪري نان،
[ننڍي وڏي هنيو پٿر، پٿر لڳو ٻائي جي ٻڪريءَ کي]
ٻاوي ري ٻڪري ۾ ڏُڌ ٿوڙو، صاحب رو مٿو ڦوڙو.
ٻائي جي ٻڪري ۾ کير ٿورو، صاحب جو مٿو ڦوڙيو.]

٧٣٩. ڪاٺيءَ جي پونگي ڪانئي ڏيو.
ڪُڪڙ ڪتو، پٽن ۾ سُتو، پٽن پُراڻي آئي هاٺي،
پيچ ٽڙي ڪاٺي، پونگي ڪاٺي.

٧٤٠. ڪنگ کي پاڻي پياري ڏيو.
لڪڙ هلي لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ سانڊارو، ٻيءِ چڙهيو تارو،
تاري ڪئي هير، ٻيءِ چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، ٻيءِ چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين لاٿا آنا، ٻيءِ چڙهيا ڪانا،
ڪانن جهليا سنگ، ٻي چڙهيا ڪنگ.

---

٧٣٩. ساڙائي.

Gul Hayat Institute

٧٤١. مـَڪ ٻرٽائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٽ، لـٿي ڦـوڙاٽ،
ڪنـڌو چـام، ڏي سـلام،
هيٺان تـراڙيون، مٿان ٻالا،
ٻالي لڳي هيـر، ٻـرٽيو ٻيـر،
ٻيـر ٻڳي اڪ، ٻرٽجي وئي مڪ.

٧٤٢. نانگن کي ٻاٽي پياري ڏيو.
آڏي لـڪـڻ، ٻـاڏي لـڪـڻ،
ٻـاڏي ۾ ساندارو، ٻيي چـڙهيو تارو،
١. تـاري ڏنـي پُٽ، ٻيي چـڙهيو آٽ،
٢. آٽ هنيو دڙهو، ٻيي چـڙهيو مـڙهو،
مڙهي ڏنـي ٻـانگ، ٻيي چـڙهيو نانگ.

٧٤٣. هاٿي کي ٻاٽي پياري ڏيو.
آڏي لـڪـڻ، ٻـاڏي لـڪـڻ،
ٻـاڏيءَ ۾ سـاندارو، ٻيي چـڙهيو تارو،
تـاري هنيو سـنـڌ، ٻيي چـڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪٿي گـوڙ، ٻيي چـڙهيو چـور،
چور هنئي ڪاتـي، ٻيي چڙهيو هاٿي.

Gul Hayat Institute

ٻ

٧٤٤. آپ ني آٽ چاري ڏيو.
تيلي اچئي، تيلي وڃئي، تيلي وئي آنڪاس،
آٽ چـاريم اپ تـي، ابـي ڏني شاباس.

---

٧٤١. ٻي روايت: ميرن ٻٽي اڪ، ٻرٽجي وئي مڪ.
٧٤٢. ١. تاري ڏني سنڌ، ٻيي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڏني ٻانگ، ٻيي چڙهيو نانگ.
٢. ٻيي چڙهيو سُرغو.

٧٤٥. اڌ پيتر مان ماڙي جوڙائي ڏيو.
تيلي ڪَچي، تيلي پڪي، تيلي وٺي آنگاس،
اڌ پتر مان ماڙي جوڙيائون، رازن کي شاباس.
٧٤٦. آٺ کي گاهه چارائي ڏيو.
ٿيهه ٻُوٽا ٻنيءَ ۾، تيٿيهون لاهه،
هاري هليو هٽر تي، آٺ چَري ٿو گاهه.
٧٤٧. اڌ ڪٽي مان ڇڄ ڪارائڻ.
ڇُوڇا ميڙيان، ٿئو ٽپايان، ٿئي ڏنو تاهُه،
اٺي ڙي ڇڄ، اڌ ڪٽي مان ڪاهُه.
٧٤٨. ٻتهاتو پاڻي پيئارڙو [وهندڙ پاڻي پياريو].
جوسائي سين جَوسي هليو، نام اوٺي رو جيئو.
[جوسائي کان برهمڻ هليو، نالو جنهن جو جيئو]
سسي ري تو سانداري لايو، ٻهاتو پاڻي پيئو.
[سهي جي پخال آندائين، ۽ وهندڙ پاڻي پيتائين]
٧٤٩. ٻليءَ کي هار پارائي ڏيو.
هيٺ ويٺا سيرمتان پـبن بـار،
سونارا سپ مڙي ويٺا، ٻليءَ پاتا هار.
٧٥٠. ٽنبڙيءَ کي ٽوپلو پارائي ڏيو.
ڪيئل کي پيرن ۾ پيچ سيرو ڪٽلو،
ٽنبڙيءَ پاتو ساڙ مان ٿيهه سيرو ٽوپلو.
٧٥١. پٽ کي گهاٽي ۾ وهائي ڏيو.
جُمعي سندي جُوءِ ۾ آئيون ڏنم آٺ،
اچان جي اوطاق تي ته ڇئي گهاٽي وهي پٽ.
٧٥٢. پپر هيٺان ڪودو آٽاري ڏيو.
پـپـر پـُراڻي جـو ڇٽيو پن،
آٽي ڙي ڪودا، پٽيانءَ نه ڪن.

Gul Hayat Institute

٧٥٣. جونءِ کي نماز پڙهائي ڏيو.
١. ٽيٽيهٽر جي ٽنگ ٻڳهي، جهڙي ورتي باز،
کيل ڪٽيو ڪؤنرو، جونءِ پڙهي نماز.
٢. ٽتيهاري ٽنگن ٻڳهي، ٽنگون ڇوٽيون باز،
ڪرو ٽنگي ڪرڙ ۾، جُون پڙهي نماز.
٣. ٽي ٽنگون ٽتيهر کي، ڇوٽين ٻڳهي باز،
ڪرو رکي ڪرڙ پٺيان، جون پڙهي نماز.
٧٥٤. چار هيٺان سهو آٿاري ڏيو.
ڏُنبي ڏُنبي چار، ڏُنبا دنبا پن،
آٿي ڙي سها، ڪُتيانءِ نه ڪن.
٧٥٥. چار لٿيُون ڇوراڻي ڏيو.
بهادر چڙهيو پيٽ تي، آغا ڏنس آر،
ڳُل ڇنائين هڪڙو، لٿيُون ڇورائين چار.
٧٥٦. چار وڻ ڇوري ڏيو.
ٻرڪُو ويٺو پيٽ تي، ڇڪيائين نار،
ڳُل ڪريو هڪڙو، وڻ ڇُريا چار.
٧٥٧. پٺاڻ ٻچائي ڏيو.
هُن ٻر جون موريون سچيون، هن ٻر جا ڪڳا،
ڪلهوڙن سوب ڪئي، پٺاڻ پٺي ٻڳا.
٧٥٨. دهلي ۾ ڏڻ چارائي ڏيو.
مولي مينهن وساءِ، ڦٽن ساوا گاهه،
ساٿو گاهه پٽن تي آيريو، دهلي ۾ ڏڻ چريو.
٧٥٩. ڏيڏري ڏُهائي ڏيو.
سياري جو سيءُ، اونهاري جو سهان،
ڏاڏي ڏي ڪُپڙي ته ڏيڏري ڏُهان.

---

٧٥٤. ٻيون روايتون: ڪير ڪير ڪنديون، ڪير ڪير پن،
ڇڏي ڇڏي چار، ٿورا ٿورا پن.

Gul Hayat Institute

٧٦٠. ڏيڏريون ڏهي ڏيو.
آڪ ٽڙ، نم ٽڙ، ٽوٽڙيون وڄن،
ٿيا ٽيپون ڪٽي اچو ته ڏيڏريون ڏين.

٧٦١. راڻيءَ کي روزو ڇوڙائي ڏيو.
ٻنهيون ۾ پهٽيون ڏاڍي ڏونگر هيٺ،
راڻيءَ روزو ڇوڙيو، جهنبولي وڻ هيٺ.

٧٦٢. ريڇ روئاڙي ڏيو.
مرچ ترياسين ماني لاءِ، ته مٿان آئي نيچ،
سونٺو هنيوسين سيڪ کي، ته روئي ڏنو ريڇ.

٧٦٣. شينهن کي توپ پارائي ڏيو.
آڌيلي جي ڪچٽي، آڌيلي جو پوپ،
جان وچان بازار ۾ ته شينهن پاتو توپ.

٧٦٤. ڪُڪڙ ڪان ڪانهن لٽائي ڏيو.
هالائيءَ ۾ هل، ٻهلائيءَ ۾ دانهن،
ڪُڪڙ ڏاتو پُڇ ۾، لٽي ويٺو ڪانهن.

٧٦٥. گڏهه ڪان گوهي چڏائي ڏيو.
ڪٽي ويس لوهار ڏي رنبو ۽ روهي،
ڏنبو لڳو ڏاگهي کي ته گڏهه چڏي گوهي.

٧٦٦. لُنڊيءَ کي لوڏ ٻڏائي ڏيو.
سُپ ٻڌن ڇُهڙا، ميٺي ڪُٽن اوڏ،
اچو وڃو ماڙهُوئا، لُنڊيءَ ٻڏي لوڏ.

٧٦٧. ماٽيءَ مان پلو ڪيائي ڏيو.
دڙڪو ٻُڌي دشمن جو، هنيم ڪتر کي ڪتلو،
مٿو لڳو ماٽيءَ کي ته نڪري آيو پٽلو.

٧٦٨. مينهن کي مُنڊي پارائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه چڪر، هوڏانهن ٻه چڪر، وچ ۾ لڳي باهه،
سڏي آڻ سوناري کي ته مينهن کي مُنڊي پاءِ.

٧٦٩. وچ درياهہ ۾ دونهون دکائي ڏيو.
چار گابا آڙي واڙي، پنجون گابو سونهون،
پاڻي کي جوت لڳي، آڌ درياهہ ۾ دونهون.

٧٧٠. وَهندي وات ڪرائي ڏيو.
ڏَهہ اڳرڙا، ڏهہ پڇرڙا، ڏهہ ڪارڙا ڪاٺ،
آچو وَڃو چوڪرڙا، وهندڙي آڻون وات.

٧٧١. هاٿي ٽنگائي ڏيو.
ڪيول هٿلي ساهرين مٿي ميندي لائي،
آڻ پڏائين چيلهہ سان، هاٿي ٿي ٽنگائي.

٧٧٢. هرڻي نچائي ڏيو.
مَٿَن پٽ ماريءَ جو، ليمان ٿو چيرائي،
سائو ڇهبڪ هٿ ۾، هرڻي ٿو نچائي.

٧٧٣. هنجهہ هونگاري ڏيو.
ڪرڙن سنديون ڪاٺيون، ويڙهين سندا ونجهہ،
ليڏان لهرين وچ ۾، هونگاريا ٿي هنجهہ.

---

Gul Hayat Institute

# باب پنجون

## ڏستاڳ

[هن باب هيٺ ڏنل پروليون سنڌ جي لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏکڻ الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ "دستاڳ" جي نالي سان مشهور آهن. هنن پرولين جي ڏيٺي ڪهٽ ۾ ڪهٽ ٻن سٽن تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ سٽ ۾ 'پيچيٺي' واري شيء يا وٽ جو ڪونه ڪو اهڃاڻ، يا ڪنهن شيء سان تشبيهه طور ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح ڏيٺيءَ ۾ جيتريون سٽون، اوترائي اهڃاڻ، مثلاً "رپئي" جا اهڃاڻ هن طرح نروار ڪيا ويا آهن:

آنا اٺس پڪيءَ جان، پر پڪي به ناهي (يعني ١٦ آنا)
چار پير مرونءَ جان، پر مرون به ناهي (يعني ۴ پائليون)
ڪهمي ٿون ولائتون، پر جوڳي به ناهي (جتي ڪٿي هلي)

سنڌ جي مختلف حصن سان مليل انهي قسم جون پروليون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

Gul Hayat Institute

آڪ

٧٧۴. نڪ سبائي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار به ناهي
جبل جهاڳي ٿو شوق سان، جوڳي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ايٽ (چرخو)

٧٧٥. ڪوٽ وانگر ڪنگرا، ڪوٽ به ناهي
نانگ وانگر وَر وَر، نانگ بہ ناهي
ڪري ڳالهيون ڪنوار سان، گهوٽ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ٻڪ

٧٧٦. اڇي اڇي کير جهڙي، کير به ناهي
گهمي ڏي پاڻيءَ ۾، مڇي بہ ناهي
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## بندوق

٧٧٧. تاج اٿس سر تي، بادشاهہ بہ ناهي
اک اٿس هڪڙي، ڪاڻو بہ ناهي
ڪچي اٿس ڊگهي، پر مور بہ ناهي
ڦري ماري چورن وانگر، چور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ٻُوٽ

٧٧٨. ڪارو آهي ڪانءُ جهڙو، ڪانءُ بہ ناهي
پر گهُل ٿا لتوڪن، پر ٻوٽو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ٻولڙو

٧٧٩. نچي ٿو ناچو وانگر، ناچو بہ ناهي
پڙي پاڻي پار وانگر، پيار بہ ناهي
لٺ ڪڍي ڪلهي تي، مهار بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ٻُوذر

٧٨٠. ڪنب اٿس پٽاپٽي، پوپٽ بہ ناهي
رنگ جو ڪارو آهي، ڪانگ بہ ناهي
رهي ٿو ٻرن ۾، نانگ بہ ناهي
واس وٺي ٿو باغن ۾، ماڻهو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

## پينگهو

٧٨١. جهُولي تــو جِنَّ وانگر، پر جِنَّ ٻه ناهي
رينگٽ ڪــري نار وانگر، پر نــاو ٻه ناهي
ماڻهو مٿس سواري ڪري، پر وهٽ ٻه ناهي ـ
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٨٢. ڇــنــگــهـو ن اٿس ڇــار، پر جانور ٻه ناهي
جهولــي تــو نــانگـ وانگر، نانگ ٻه ناهي
ماڻهو تا ســواري ڪنس، پــر وهٽ ٻه ناهي ـ
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ڇوُر

٧٨٣. ڇنبڙي تو ٻــار وانگر، ٻــار ٻه ناهي
رت پٽي تو مڇر وانگر، مڇر ٻه ناهي
رهــي تــو پــاڻــيءَ ۾، مڇي ٻه ناهي ـ
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ڇپرو

٧٨٤. ڪن اٿس مــاڻهو وانگر، ماڻهو ٻه ناهي
اڪيون ڦـــاڙي ڏيڇاري، ڏائڻ ٻه ناهي
رهـــي مـــقـــامـــن ۾، جِنَّ ٻه ناهي ـ
ٻڌايو ته ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

## ڇنڊَ (ڪنڀار جو)

٧٨٥. ڦِري تــو ڀؤنر وانــگر، ڀؤنــر ٻه ناهي
لٽ ڪٽي تو هڪليانس، ته ڍور ٻه ناهي
ڦتر ٻه ملوڪ ڇٽي، پر جــانور ٻه ناهي ـ
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## چلم

٧٨٦. گوڙيون ڪري شينهن وانگر، شينهن ٻه نــاهي
دونهون ڪڍي گــاڏي وانگر، گــاڏي ٻه ناهي

ڦُوڪُون ڏئي نانگ وانگر، نانگ به نـاهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ڇهڙو

۷۸۷. آڏامي ٿـو پکيءَ جان، پر پـکي به ناهي
ڦر ڏئي جـانور جان، پر جانور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

۷۸۸. آڏامـــي آسمـان ۾، پـر پـکي به ناهي
چار پير چوکـا انس، پـر پـکو به ناهي
چارو چري رات جو، پر گهـوگهـو به ناهي
ڏينهن جو سـُڃي جاءِ ۾، پر چور به ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

۷۸۹. آڏامـي ٿـــو عـرش تي، پـکي به ناهي
ڪن پـيچ ڪـنهي جهڙا، ڪنو به ناهي
ڏينهن جو ويهي حجري ۾، ملـو به ناهي
رات سـجـي سهي نـٿو، فقير به ناهي
اونـده ۾ اُلـرون ڪـري، چور به ناهي
سـيـج ۾ اونـــارو سندس، سامي به ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

## چاپاڪو (پکي)

۷۹۰. چپي ٿـو چورن وانگر، چـــور به ناهي
ڪم اچي ٿو مريضن جي، حڪيم به ناهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

## چنڊي

۷۹۱. هـلي چلي سـاڌو مثان، ڪڪر به ناهي
چانئو ڪري چپر وانگي، چپر به نـاهي-
ٻڌايو ته چاهي؟

Gul Hayat Institute

دونهون

٧٩٢. آڏري تو آڪاس ۾، پر پکي بہ ناهي
رهي تو گهر ۾، پر ماڻهو بہ ناهي
جهلجيس تہ جهل نہ ڏئي، پر جانور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڏيڏر

٧٩٣. پٽلجي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي بہ ناهي
هرڻ جيان ٽپ ڏئي، هرڻ بہ ناهي
لڪي وڃي پيرن ۾، ڪئو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

رپيو

٧٩٤. آنا اٺس پکيءَ جان، پر پکي بہ ناهي
چار پير مرونءَ جان، پر مرون بہ ناهي
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٧٩٥. ٻہ پر پکيءَ وانگر، پکي بہ ناهي
چار پاوا کٽ وانگر، کٽ بہ ناهي
اٺ ڪنگرا مسجد وانگر، مسجد بہ ناهي
سورهن ساريون چوپڙ وانگر، چوپڙ بہ ناهي
ٻٽيهہ ڏند ماڻهو وانگر، ماڻهو بہ ناهي
چوهٺ چيلا پاڻ سان، پر گرو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٧٩٦. اڇو اڇو کير جهڙو، کير بہ ناهي
ڇُمانس پير جهڙو، پير بہ ناهي
ٻڌانس چور وانگر، چور بہ ناهي
گهمي ٿو فقير وانگر، فقير بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

### سائيڪل

٧٩٧. هلي پلي گهوڙي جان، گهڙو به ناهي
پير ماڻهو جان، ماڻهو به ناهي
نڪي ڪائي نڪي پڇي، مڱل به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### سؤ رپين جو نوٽ

٧٩٨. نوڪر اٿس ڏهه، پر سيٺ به ناهي
گاڏا اٿس ويهه، پر ريل به ناهي
هاري اٿس سؤ، پر زميندار به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪڪر

٧٩٩. ٻوڙي ٽو جهاز وانگر، جهاز به ناهي
چانوٽ ڪري وڻ وانگر، وڻ به ناهي
ڪارو ڪارو دونهين وانگر، دونهون به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪنگوڻ، وڄ

٨٠٠. ڳاڙهي ڇيٽي باهه وانگر، باهه به ناهي
ور وڪڙ نانگ وانگر، نانگ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### لاڏون

٨٠١. ڦيري ڦري ڦيرون پائي، فقير به ناهي
ڇهنب اٿس وات ۾، پکي به ناهي
رسو ٻڌل چيلهه سان، چور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

---

٨٠١. ٻي روايت: ڦيري ڦيريءَ دار جيئن، فقير به ناهي.

Gul Hayat Institute

لغڙ

٨٠٢. ڪٺن اٿس ڇـڄ وانگر، ڇڄ به ناهي
ڏاڪو پويس سڻيءَ وانگر، سڻي به ناهي
آڏامـي جهاز وانـگر، جهاز به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ماڪوڙو

٨٠٣. ڪارو ڪارو ڪانوَ جيان، پر ڪانءُ به ناهي
چـيـلـهـه اٿـس سنهڙي، پر مـندم به ناهي
رَهـي ستـهـي ٻـرن ۾، پر نانگ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٤. ٽـنگون اٿس ٻگهيون، پر اُٺ به ناهي
مـٿـو اٿـس وڏو، پر پاڏو به ناهي
پُـڇ اٿـس ٿـلهـو، پر دنبو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٥. مـٿو اٿس هاٿيءَ وانـگر، پر هاٿي به ناهي
ڪاروآهي ڪانگ جيان، پر ڪانگ به ناهي
رهـي ٿـو ٻـر ۾، پر نانگ به ناهي
چـڙهـي ٿـو وڻ تي، پر نولو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

## مڪڙ

٨٠٦. اُڏامي ٿـو پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
رهـي ٿـو سنگت سان، ماڻهو به ناهي
منهن اٿس گهوڙي جـان، گهوڙو به ناهي
اکيون اٿس ڏيڏر جهڙيون، ڏيڏر به ناهي
سڱ اٿس هـرڻ وانگر، هرڻ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ٽڙڻ (ٽور)**

٨٠٧. وڏو آهي آسڻ تي، سيٺ به ناهي
چـــار اٿس پيرَ، پر جانور به ناهي
چـاليهه چيلا ســـاڻ، گُرو به ناهي۔
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ڏار يا هرلو**

٨٠٨. رنگي ٿو چوڏيل وانگر، چوڏيل به ناهي
وسي ٿـو مينهن وانگر، مينهن به ناهي
ڦـــري ٿو ڦيرڻي وانگر، ڦيرڻي به ناهي۔
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ناريل**

٨٠٩. گول گول ڇاهي جيان، ڇاهو به ناهي
ڏاڙهـي اٿـس مرد جيان، مرد به ناهي
گيڙو اٿـس ويس، پر سنياسي به ناهي
پريل آهي پاڻيءَ سان، ساندارو به ناهي۔
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**وڇون، پڏون**

٨١٠. ڀـالو اٿس ســاڻ، پر سپاهي به ناهي
پُڇ اٿـــس ويڏو، پر ڪُتو به ناهي
آسڻ اٿس آسمان تي، پر وليي به ناهي۔
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ويڙهه منڊي**

٨١١. اڇـو اڇـو ڪـير جهڙو، پر ڪـير به ناهي
وَر وَر اٿس نانگ جهڙا، پر نانگ به ناهي
سمهي ٿـو ڪنوار سان، پر گهوٽ به ناهي۔
ٻڌايو ته ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

اڪ

٨١٧. ڊگ ميڪ ڏانڊي ڏالر پان، ڏسان پيٺي پڻ چڪيان نان؟
(ڏانڊي لچڪيدار، پن وڏا، ڏسان پٺي پر چڪيان نه).

٨١٨. ڳانء رو ڏوڌ، گلاب رو ڦول، مسور ڪي دال
جوار رو آن، اينهان سپيان رو گوڊ ايڪ.
(ڳئون جو کير، گلاب جو گل، مهري جي دال، جوئر جو
اَنُ، انهن سڀني جي ٻاڙ هڪڙي.)

٨١٩. ٻڙ جهڙا پـــن، ڪمند جهڙي سوٽي
موڪري جهڙا ڦل، آنب جهڙي گوٽيي.

اڪ

٨٢٠. ڪارو گهوڙو ڪيهرو، نتنگري ڏسند و وڃي
سوا لک ڏيو ته به نهن جو مُلهه نه ٿئي.

آنب

٨٢١. هينڊ هينڊوڙي هينڊتيي، مُڪڙي ميڙي لار
سرتـا هوئي تو سوجهه لو، چهڙي پيتر وار.
(ننيڙي ننيڙي هنڊي، جنهن جي منهن مان مٺي لار وهي.
ڏاها هجو ته ڳوليو، جو آن جي ڪل اندران وار ٿين.)

انب ۽ گُنڪلي (ڪوڏلو)

٨٢٢. ٻاپ چـائيي ٻيٺيي، ٻيٺيي چائو ٻاپ
هيءُ پرولي پرکو ته ٻيٺيي وڌ يا ٻاپ!
(پيءُ کي ڄائي ڌيءُ ۽ ڌيءُ کـي ڄائــو پيءُ، اِها پرولي
پجو ته ڌيءُ وڌ يا پيءُ!)

آيت (چرخو)

٨٢٣. رتو متيو رينگو رينڪ - ٻارهن متا، تيرهون سينڪ.
(ڳاڙهو مٺو چيچاٽ ڪري ٿو، سندس ٻارهن مٿا ۽ تيرهون
سڱ آهي.)

## ايٽ جي ڪوڪڙي

٨٢٤. اڌ ڀاماڙاي ۾ ڪهجڙيو، پُر پُر لڳي واءُ
آهير بيٺو پيٺڊا ڪٽڻي، ڏڪري جائي ماءُ.
(پيٽ جي اوٽ ۾ وڻ، 'ڦر ڦر' واءُ لڳي، ٻوڙهو بيٺو جوڙيون ڪٽڻي، ۽ پٽ جائي ماءُ.)

### ٻاهم

٨٢٥. پيرن بنا ڏونگر چڙهي، بنان مُک کائي ڪک
راجا پڇي راڻيءَ کي، هيءُ گهوڙو يا ٻڙڌ.
(پيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي، وات کان سواءِ کائي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته اهو گهوڙو يا ڍڳو؟)

### ٻنبو

٨٢٦. پڌري پٽ ۾، تيل جيڏي تلائي
هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، پيئي لوڪ لڳائي
هيڪ نه پيئي پکيڙو، جڪي رکي چونچ ۾ چترائي.
(سنئين ميدان ۾ تر جيڏي تلائي، جنهن مان هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، مرد ۽ عورتون پيئن، ان تلاءَ مان رڳو پکي ڪونه پيئي.)

### ٻصر (سائو)

٨٢٧. هڪ سؤ آنبا آنبلي، ٻه سؤ ٻيا جهاڙ
ڪور بنان پانڙو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هڪ سؤ انب ۽ انبڙيون، ٻه سؤ ٻيا وڻ. تاريءَ بنان پن، ڏاها! ڪريو ويچار.)

### ٻگي (گهوڙي گاڏي)

٨٢٨. پيتل پٿري پدمڻي، هينئڙي سڄيا سينگار
يا هجي شادي گهر، يا هجي دربار.
(پتل پاڏي عورت، دل وڻندڙ سينگار ڪري. يا هجي شادي وارن جي گهر يا راجا وٽ.)

Gul Hayat Institute

پٽڪر

٨٣٩. رنڍو ڏيکاري هنڌو گهتان، ککتر نو کاڻي
چمڙ جهلي پڇو تاٿان، ڳڙ ڳتپيو نو جاڻي.

(ڳاڙهو ڏسي هٽ وجهان ته ڏينهو نو کائي، چمڙ جهلي پوئتي ڇڪيان ته کنڊو چيهو وجي.)

## پوٺر

٨٤٠. آر کارو، سڪڻ سڙايي، رهنٽ کيهجهر بن مانڌهن
ليلاٽ بيچ تلڪ براجي، کتهو ڪرشن به نانهن.

(بدن ڪارو، وات وچٿو، رهي ٿو ڏيندن وارن پيلن منجهه، نراڙ جي وچ ۾ تلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ڪرشن به ناهي.)

## پوٺر جو گهر

٨٤١. نه وانسلو نه وينجهٽو، نه ڪاريگر نه سوٿار
آونڌي مٿي ڳنڊ چڙهي، سڙتا ڪرو ويچار.

(نه واهولو نه ورنجهٽو، نه لوهار نه واڍو. آونڌي هنڌ تي گهر آڏي، ڏاها ڪريو ويچار.)

## ترار

٨٤٢. ناري پدن نيپل نه، ڪاري پڻ نه ڪوڙل
وسهي ڏر ۾ سا پڻ نه، آدر آن جو بول.

(زال پر ڪمزور نه، ڪاري بر ڪوڙل نه، رهي ڏر ۾ پر نانگڻ نه، ان جو جواب ڏيو.)

٨٤٣. آڌ پاماڙي سيهن آونيري، ناري نام ڌري
چڱا پهري ڪپڙا، ناڳا ڪم ڪري.

(پيٽ جي پر مان لنئي، عورت جو نالو رکائي، چڱا ڪپڙا پائي پر خراب ڪم ڪري.)

Gul Hayat Institute

## ٽِرن جو ڀُوڙو

٨٤٤. آٽ سٽ ڪٽنُپلين، نتو سر نار
درهل ڪٽنُپليُن، تاربو نماڪ.

## ٽِٽڻ (ميٺهن يا ڳئون جا)

٨٤٥. چار گگريا آمرت ڀريا ـ آونڌا ڪَريا، ڪڏهن نه ڍريا
(چار ننڍڙا دلا آبحيات سان ڀريل، اونڌا ڪجن، تہ بہ نہ هارجن.)

## ٽُوهر

٨٤٦. آرهو پُرهو ڪيجڙيو، پيو پاسي ٽاڻ
رَتا پتڙي سوڙهيا، اچا جوڙ جُواڻ.
(اوربان پريان وٽڙو، پاسي پر پيو، ڳاڙهـا ہڏي ہٽڪا، اچان جوڙو جوان.)

## ٽاجـُوڳو (ماتا جو ٽڪو)

. ڳُوڙهي رنگ روپــو مُچو، تيرنيا وڏو چاس
پهرئي پيچهي آنـروي نهين، رهي ٻارهو ماس.
(گهاٽي رنگ ۽ سهٽي منهن سان، تير ڪان وڏو، پاڻي ڪان پـوءِ نہ لهي، ٻارهن ئي مهينا رهي.)

## ٽِيباهہ (ان واٽرٽ جي گهوڙي)

٨٤٨. ٽِہ پيرو تـوڏڙو، تـاپـيون ڏيـنـدو وچـي
رائي پڇي راجا ڪان، ڪهڙو جانور پيو اچي.

## ٽڪر جو ٽانءُ

٨٤٩. ڪانچي چانُ، ڪُنناري چانُ، سـر ٻـڙي ڇـي متنان[٨]
پَرنيا پيچي مــاري ڏيـو، تـو رنگـ وَڏاڙان[٨] تتنان.

---

٨٤٤. ڪٽنـپلين = مُڪڙيون.

(ڪچي آهيان، ڪنٺاري آهيان، سار پوي ٿي مونکي. پرڻي
ڪان پوءِ جي مار ڏيئي ڏيکاريو تہ اوهان ڪي وڏي آفرين آهي.
يعني جيئن پچڻ ڪان اڳ ٿانوَ ڪچو آهي، تيئن پچڻ
ڪان پوءِ ڪوبہ هن کي ڌڪ نہ هڻبو تہ متان ڀڄي پوي.)

پاجامو

٨٥٠. جان پيا ڌانان ري ڪوٺڙي، جان پيانڙي رو ماڻ.
(پا ٻن قسمن جي آئن جي ڳوٺڙي يا پيانڙي جو ماڻو.)

پاچو

٨٥١. هيماري ڪو تاري چاڙهان، ڪلهي ورهي پاري.
(پرولي مٿاهين ۽ ني چاڙهيان تہ وري اچي ڪلهي تي ويهي.)

٨٥٢. جتر نہ ڏوبي، آگن نہ جلي، ڪاٽي تليو نہ جاءِ
ڪتهہ ڳل ڪتهو ٺاڪران، طرف ڏکڻ نا جاءِ.
(پاڻي ۾ نہ ٻڏي، باهہ ۾ جلي، وڍڻ سان نہ وڍجي مکهي.
اي سردارو! اوهين هن کي ڪيترو بہ ڪٺي چئو تہ بہ ڏکڻ
طرف نہ ويندو.)

پاچوا ي (پاچو)

٨٥٣. جتمتي ڳنج تيس کي، پتر جوپتن ۾ ڳج چار
پڌاپي ڳنج سات ڪي، مٽي انت نہ پار.
(چمندي تيهن گزن جي، پرپور جواني ۾ چار گز، پڌاپي ۾
ست گزن جي پر مُٺي بعد ڪاٿوئي ڪونهي.)

پترنال (نارو نيسارو)

٨٥٤. هڪ ناري مٿي سٽيي، پيٽ سان پيٽي وات مان ڪڍي.

پکو (ڪرڙ جو)

٨٥٥. رتو رتو لانڊو پنو، لهر ۾ تو لڏي
پڇي گڏ ڪاٽي تو، درياهہ ۾ تو ٻڏي.

Gul Hayat Institute

(ڳاڙهو ڳاڙهو لاٽون، مزي ۾ پيو لُڏي، پڇي آن جو ماس
ڪاء تہ درياهہ ۾ ٽو ٻُڏي.)

## پير ڪڙي

٨٥٦. آنٽي ٽُونٽي لڪڙي، ڏهي جهڙو ويس
اي پرولي پڇي، آوئي نان^ اوڏاڙان^ ڪهيس.

(ڏنگي ڦڏي ڪاٺي، ٽونري جهڙو رنگ، هي پرولي جو
پڇي، ان کي ڪيس ڏيکاريان.)

## ڍڳيرون

٨٥٧. رتيڪي ڇاڙي رڻ ۾ بيهاڻي، چوپڙي هٿڻي ٻڙهي چڪاڻي.
(ڳاڙهي ٻڪري رڻ ۾ وياڻي، ويڪرن هٿن سان ٻڙهي
چڪايائين.)

## جُٽي

٨٥٨. ڪاري رن ڪندا ڪاڻي ـ جتل ڏيکي پڇي جاڻي.
(ڪاري زال ڪندا تہ ڪاڻي پر پاڻي ڏسي تہ پڇي وڃي.)

٨٥٩. رتي ڏهي رنگ پري، ڏني پيرن هيٺ
آونچو جُوٺان^ لچ مران، ڏسن ڏير ۽ جيٺ.

(ڳاڙهي ڏيلي رنگ پريل، ڏنم پيرن هيٺ، مٿي ڏسان
ڦِڪي ٿيان، ڏسن ڏير ۽ سهرو.)

## جنب

٨٦٠. گهر گهر ۾ ٽوڏيو پيو رڙي.
(گهر گهر ۾ ڪنوات پيو رڙي.)

---

٨٥٧. ٻڙهي= تازي وياڻل ڍور جو گهاٽو کير ٻرهي.
٨٥٩. ٿر ۾ عموماً زالون کو ڏاريون ماڻهو، سهرو يا ڏير ويٺل
ڏسنديون آهن تہ جُتي هٿ ۾ کڻي هلنديون.

سنڌ ڏانھن پنھرجي هلي، نيٺ نصرپور پھتي، پتڻ ۽ ڪنڍي ڏي آھيي، هن وقت دهليءَ ۾ سندس ٺڪاڻو آهي.)

## چيچڙ

٨٦٧. آٺ پڳو، نئون نرو، اوڙانئو آئي
راجا پڇي رانئي نان^، ڪهو جانور جائي.

(آٺ پيرو، نئون نرين وارو اورتي پيو اچي، راجا رائيءَ کان پڇي ته ڪھڙو جانور پيو وڃي.)

## چڙھي

٨٦٨. پُڇ پُسي، پاڻيو منجھه پون^
ويو پاڻي ۾، ناڻي ڪيد تون.

(سندس پڇ پيو ڏسجي، پاڻ زمين ۾ آهي. پاڻي اندر ويو آهي، هاڻي ڪيس تون چڪي ڪد.)

٨٦٩. ايڪ وڪڙي، سوھس قر، سوهيسي قري جدا نام
نوڙي پڇي پڇسين، ڪهو بيل ڪو نام.

(هڪ ول سوين قر، هرهڪ قر جو نالو جدا، توڙ تائين پڇندي، آن ول جو نالو ڪھڙو.)

Gul Hayat Institute

## چنڊ

٨٧٠. سگ سميت جنميو، جوين ۾ سيگ جائي
پڊاپڻي سگ وري ٿين، آرت ڪرو ڪوئي وائي.

(سگن سميت جائو، جوانيءَ ۾ سگ ڪم ٿين، پيريءَ ۾ سگ وري ٿين، تنهن جو مطلب ٻڌايو.)

---

٨٦٧. چيچڙ کي جيئن جيئن هنائبو، تيئن تيئن وري پيو ايندو آهي.
٨٦٨. کوهه مان پاڻي ڪيڻ جو نديڙو ڪوس.

## چنڊ ۽ تارا

٨٧١. ڪيسر پَريو واٽڪو، ڦولھي پَري، پَرات
سُومل ٻوچھي ميندرا، ڪيت ڳماڻي رات
آڏي ڳماڻي چؤواٽي، آڏي ڳانڊيڙي وي ھات
تِين جِڏين ڳورڙين ٻين رميا ساري رات.

(ڪيسر جو وٽو، ڳلن جو ٿالھ: مومل ميندري کان پڇي ته رات ڪٿي وڃايئي؛ چئي: اڌ وڃايم چؤ واٽي تي ۽ اڌ سُرھيي جي دڪان تي، ۽ تو جيڏين ڳورين ٻون سڄي رات راندڪئي.)

## چِٽوٽي

٨٧٢. آڏا ڳڌين سين آنري، ھلي شھر بازار
راڻي ٻُوٽي ڳھاڳھرو، ڪاجل رو سينگار.

(آڏن ڪوٽن تان ھيٺ لھي، شھر ۽ بازار ۾ ھلي، ڳاڙھي ٻُوٽي جو پڙو ۽ ڪجل جو سينگار.)

## چُوڙو

٨٧٣. ڳھي ڳُوڙھو، پڳ اوجرو، وھي ڏڙيندي سات
پَرناري سين نتر لڳو، چِٽي نه ڏينھن رات.

(رنگ ڳُوڙھو، پير اڇا، ھميشه ڳڏ رھي، پرائي زال سان مُڙس لڳو، چِٽي نه ڏينھن رات.)

٨٧٤. ڳج ڪارو، ڏنت اجرو، ھلي ڳنڀير چال
ساسُو وَھُو، ڏيڪري، تنھي جو ھڪ ڀرتار.

(ھاٿي ڪارو، ڏند اڇو، ھلي شينھن جي چال، سس، نُنھن ۽ ڌيءَ تنھي جو ھڪڙو مڙس.)

## چؤپڙ

٨٧٥. ايڪ ساس، سورھن بَھُوڻان، تين ٻيٽا، ڳھر چار
ٻين پاوَ رمي جھٽمي، سُرتا ڪرو وچار.

Gul Hayat Institute

٨٨٢. ول پٽريل سوا گنج ڏنندي، بنا ڪنپار گهڙي هنندي
بنا چمائڻ چميو ڏهي، پُرش جي پيٽ ۾ استري رهي.
( ول پکڙيل، سوا گز ڏنبي، ڪنپار کان سواء ٺانءُ گهڙيو،
بنا چمائڻ چاڙو ڏونرو، مڙس جي پيٽ ۾ زال رهي.)

## ڄنڊو

٨٨٣. وڏو پکي اُڙڻ، جنهن جي چُهنب چڙز
جنهن جو مٿو مُردار، ڍُونڊيُ وڏي خبردار.

٨٨٤. ڏڙ گنجهي، وڄ چمڪي، نر ناريءَ هيٺ
راڻي چوي راجا کي، هيءُ ڪنهن پڌي ديٺ.

٨٨٥. آنڌيو پڀر، مٿي ويٺو هولو
اِئي رو آرت نہ ڪنهي، آوئي رو باپ گولو.
(ڏنگي ٻيري تي ڪبوتر ويٺو، جيڪو نہ پڇي تنهن جو پيءُ گولو.)

## خط

٨٨٦. اڇو اڇو بگلو، مٿي ڪاري ريٽ
پکانُ پکيئو پار پيو، ڦري ڏيسانُ ڏيس.
(اڇو اڇو بگلو جنهن جي مٿي تي ڪارو ريٽو. پکن کان سواء
پاريهل جيڪو ديسان ديس گهمي.)

Gul Hayat Institute

## دونهون

٨٨٧. پکانُ پکيئو، ڏُنگر چڙهي.
( پيرن کان سواء جبل تي چڙهي.)

## ڍهل

٨٨٨. ڏوڏو لڪڙ ڏاڪي - سارو ڳوٺ ٻلهڪي.
( پورو ڪاٺ وڃي، سڄو ڳوٺ ڳونجي.)

### ڏَوَٽ (لوھارڪي ڪم جي)

٨٨٩. ٻين سانڍين سُپرين، ھڪڙي ٻگڙي چرين
اوناڙي تو آترِي، تو ٻنھي تين مرين.

(ٻہ ڏاچيون ڏُٺيون، ھڪڙي پير تي چرن، جت تو لھي تہ ٻئي ٽيون مرن.)

### ڏاڻو

٨٩٠. ڪارڙو متارڙو، جھنگ چري گاھڙو
لڪي نڪو ساھڙو، واھ ڙو واھ ڙو.

### ڏانگڙي (لٺ)

٨٩١. گترڏاپن ۾ چالٽو، ناريلن ۾ نام
سُرتا ھوئي تو سوجھہ لہ، مارواڙ ۾ آھي گام.

(پيريءَ جي ٽيڪ، ناريل ۾ نالو، سمجھو ھجين تہ ٻڌاءِ جو انھي نالي سان مارواڙ ۾ ڳوٺ آھي.)

### ڏنوٽي

٨٩٢. ٻوھتر ٻورڙي، ٻوھتر ڪتنا
ڪٺوڻ جاٺي تو پيس را ڏنتا.

(ٻاھتر ڦلڙيون، ٻاھتر مٺيا، ڪير چاٺي تہ عن جا سونا ڏند.)

### ڏوئي

٨٩٣. کھاتي جھنگ ۾ ڏنو نيزو، نمڙي مان ٿي نار تيار
ٽيپي پنٺي ٿالڻو ۾ آڏ پُچڙ ٻتھار.

### ڏونرو (ڪرڙ جو)

٨٩٤. ساڻو جھاڙ، پر ٻنن جو ڏڪار
ڦل آھي سھٹو، جھڙو سوپاريءَ جو پار.

(ساڻو وڻ پر منجھس پنن جو ڏڪار، ڦل سھٹو انس، جھڙو سوپاريءَ جو پاءُ.)

ذيڏر

٨٩٥. نڪا ڏاڙهي، نڪا مُونڇ ـ ڪڏهان پُڇو، ڪڏهان پونڇ.
(نڪا ڏاڙهي، نڪا مُڇ، ڪڏهن ٻنا پڇ، ڪڏهن پڇ سان.)

٨٩٦. ڪـن بـغـيـر ڪـُوچـلـو، پُونڇ بـغـيـر ٻـانڌو
اِيئي هماري وو آرت ڪرو، نہ تہ ڪتنب آيان رو گانڌو.
(ڪنن کان سواءِ ڪُرو، پڇ کان سواءِ ٻڌو، هن هيماريءَ جو مطلب ٻڌايو، نہ تہ اوهان جو سڄو ڪٽنب اڻ ڄاڻ آهي.)

٨٩٧. سياري ۾ ڪارو آهي، اُونهاري ۾ پيلو ڄاڻ
چؤماسي ۾ ساڻو رهي، هي ڪهڙو جيو سڄاڻ.

ڏيڏي جي وت

٨٩٨. ڪري ٿانيي ري ٿانيليي، نگر نـانـي نار
پتل پهري پدمڻي، سورهن ڪري سنگار
پگ جهبڪي پولڙي، هيئين جهبڪي هار
نـڪ ري نٿلڙي، ڦُـولان پـارو پـار.
(سڀئي تنيي جي ٿُوٽيي، سڄي شهر کي وڻندڙ نار، اها پدمڻي زيور ڍڪي ۽ سورهن سينگار ڪري، سندس پير ۾ مُنڊي تي چمڪي، ۽ ڇاتيءَ تي هار چمڪي ٿو، نڪ ۾ نٿ اٿس ۽ گلن سان جهنجهيل آهي.)

Gul Hayat Institute

پيرو (سٽ جو)

٨٩٩. اِڏو اِڏو گنئيو، جبل ڪـان ٻـہ وڏو.
(هيڏي هيڏي ڳنيڙي، جبل کان بہ وڏي.)

رات

٩٠٠. پتڙي پڙي پڳي نہ، تڪرا ٿيا ٻہ چار
بنا پنکي اُڏ گئيي، سُرتا ڪرو ويچار.
(پوندي پوندي پڳي نـہ، رڳـو ٻہ چار ٽڪر ٿيا، بنان کنڀن اُڏامي وئي، ڏاها ويچار ڪريو.)

### رپيو

٩٠١. چار ڀيڻيان چاڳليين، سورهن پاڻي سچا
هلڻين چلڻين بازار ۾، ٽيٽريئي جيرا پچا.

(چار ڀيڻون چاڳليون، سورهن پائر سچا، هلن چلن بازار ۾، ٽيهه جنهن جا پچا.)

٩٠٢. پير ڪونهي پر هلي گهڻو، منهن ڪونهي پر ٻولي جهيڻو
آڏائي ٿسو چيز ني نر ناري چاهي گهڻو.

(پير ڪونهن پر هلي گهڻو، وات ڪونهي پر ڳالهائي جهيڻو، آڏائي ٿسو ماپ واري شيء کي هرهڪ مرد توڙي عورت گهڻو گهري.)

### رستو

٩٠٣. لانٻو لانٻڙو لٻوهي نڪو چانٻڙو.
(ڊگهو ڊگهڙو، رت نڪو چمڙو.)

### روهيڙو

٩٠٤. ٽر چابو، ٽر آپنو، ٽر ۾ وڏا ڪوٽ
ڦريو ساريو سنڌڙي، ڦريو عمر ڪوٽ
وڻگي جي بازار ۾، چيهي ڏني چوٽ.

Gul Hayat Institute

### ريل گاڏي

٩٠٥. ڪارو ٻاڻو ڪيرڪير يارو راتو ٻاڻو راڻو
نيڻڙسين تونڌي چٽي، سامل گهوڙا پاڻو.

(ڪارو ٻاڻو آواز ڪندڙ، ڳاڙهو ٻاڻو راڻو، نيڻر وڌل اٿ هلي، سائس گهوڙا پڄايو.)

---

٩٠٤. وڻ جو قسم، جنهن جي ڪاٺي نهايت مضبوط ۽ ساڳ جهڙي ٿيندي آهي.

ٽي موسمون، سيارو، اونهارو ۽ برسات، ٽي سؤ سٺ رهڻيا = سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن، ۽ ٻارهن ٽنپ = ٻارهن مهينا.)

## ساهمي

٩١٠. هڪ ناري، ٻه ڳهاگهرا، ڇڪي ناڙا ڇهه
ڪـرڪ متي پڇڙي، اُن جو آرٿ ڇئو.
(هڪ عورت کي ٻه پتڙا، ڇهه اڳٺ ۽ پُٺن متي پڇ آهي.
اُن جو مطلب ٻڌاءِ.)

## سج

٩١١. وتو ڏهو رنگ پيريو، آيي مين نو جائي
راجا پڇي رائي نان، ڪهو جناور جائي.
(ڳاڙهو ڏهو ونگ پريل، آيو ۽ پيو وڃي، راجا رائيءَ کان پڇي تہ ڪهڙو جانور پيو وڃي.)
٩١٢. لالان ليو تو ڏس ڏيان، موتي ڏيان ڏس بيس
اِي تو ڪڙج ۽ ايڪ وسي، ڪانڪر ڪران بخشيش.
(لعلون وٽ تہ ڏهہ ڏيان ۽ موتي ڏهہ ويهہ ڏيان، پر اهو تہ گهرائي ۾ هڪ ئي آهي، سو ڪيئن بخش ڪريان!)
٩١٣. پتگ پاگوڙي، ڏڙ ڪوتڙي، ٻانهي ٻاهڙ مير
ڪينٺل ورن ڪچڙين، پالهي وي پاڪيڙ.
(پير پاڳوڙي ۾، ڏڙ ڪوتلي ۾ ۽ ٻانهون ٻاهيڙ مير ۾، وڻن ڌاران بہ ڪئو ميدان ۽ پکيڙ کان سواءِ بہ پالهي.)

## سرهيدائي ۽ سرهو

٩١٤. ڏڙ سينگي، ڪتو پاتري، ڪُڪڙ ڪنڌي نار
ناري نر ڦيڏڪيو تو سمُونڊران پيلي پار.
(ڏڙ سڱن وارو، پيٽ ويڪرو، ڪُڪڙ جهڙي ڳچي، زال، مڙس کي آڇليو تہ وڃي سمنڊ کان پار پيو.)

Gul Hayat Institute

٩١٥. چوٽائيءَ ۾ چار ڪٺ، ڌم ڏيئي پيسا
ٻارهن مهنا چئون ڪري، اڃان نہ ڪٺا.
(چوٽائي ۾ چار داڻا زور سان پيڻا، ٻارهن مهينا چئون ڪيم پر اڃا نہ ڪٺا.)

سڱر

٩١٦. ڀاڙ ڀنيري، جتر اونڌو، مٿي لانٿيا جهوڙا ڪيس
اهڙي ڀلي سوکڙي، سيڻان^ نان^ موڪلهان ڀيٽ.
(ڀاڙ سنهي، ڀاڻي اونهو، مٿي ڏگها وار، اهڙي ڀلي سوکڙي، سيڻن کي سوغات ڪري موڪليان.)

سڱري (ڪنڊيءَ جي)

٩١٧. ڀيتري ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميڻي
هيٺان بيسوڙي، اونچي ڏلي.
(سنهي ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميڻي، هيٺ لڙڪيل پر مٿي ڏسجي.)

سوپاري

٩١٨. ڊيبلو واٽيو، ڊيبلو پيٽ ـ جنهو ڪنڌائي پتر هيٺ.
(بندرو واٽيو، ٿلهو پيٽ، پتر هيٺ جسم پڇاڙي.)

٩١٩. ننگر ۾ ناگيي ڦري، ٻن ۾ ٻهري چيير
تنهن جا ڦنل اٺجو، سڀي ڏٺان جا وير.
(شهر ۾ آڳهاڙي هلي ۽ جهنگ ۾ ڪپڙا پائي، تنهن جا ڦنل آٺج، سڀي ڏٺان جا ياءُ. يعني زال، مڙس کي سوپاري آڻي لاءِ چيو.)

طوطو

٩٢٠. پڙهي تو پڻ پنڊت ناهي، پُوريو پڻ نا چور
چتر هجو تہ چئي ڏيو، متڌرو پڻ نا مور.

---

٩٢٠. متڌرو = سينو، سهڻو.

## قلم، پنو ۽ اکر

۹۲۱. هترَ هترُونٽا، پُونءَ پتيري، هاري چيتر سُجاڻ
سُڪان مـوتيي نيپچجين^، نيٺين ڪيڏيا لپيڏانڻ.
(هر آلـو، زمين برابر ٿي، هاري سياڻـو سڄاڻ، وات سان
موتي آپجن، اکين سان گڏ ڪيجي.)

## ڪاغذ، خط

۹۲۲. آڪڙڪڻ ڪڙڪڙ ٻيڙي، جنهن ۾ رهي ڪاري ڪُپڙي
ڏيس ڦري ڏيساور ڦري، راجا سان گڏ ڳالهيون ڪري.

## ڪپهه

۹۲۳. سُوپڙ ڪنو رُوپيو، وهـي ٽُورا ٽُور
مُوهر لڳـين^ ڪنڪڙين، پڇڙي لڳو ٻور.
(ڇڄ جهڙو رپيو هڪ تور ڪان ٻني تور ٽانئين هلي، جنهن ۾
ڦهرين ٿيون ڪنڪڙيون ۽ پوءِ ٿيو ٻُور.)

## ڪڙڇي (ترٽي)

۹۲۴. ايتليي او پيتلي، تـون پنڌاري ري ڏيءِ
ڪائين پيئين سيڪي، ڳرئين پوءِ تون ڪيئن؟

## ڪڪر

۹۲۵. ڦٽيي ڦٽيي چيتر گهٽي ـ ڪودَ پڪيٽيي، چانڊهه گهٽي.
(ڦٽي جنهن ۾ چيٽ گهٽا، ٽڙ ڪان سواءِ چانڊ گهٽي.)

Gul Hayat Institute

## ڪلف ڪنجي

۹۲۶. نپاليي ۾ نپاليو، تنهن ۾ ڪلنگي گهوڙو
چوڙيو نه چوڙيو، نه ته بيٺو ڪري ڦوڙو.

## ڪِلو

۹۲۷. مـٺ جيڏو مانٺيرو ـ سؤ گانٺين^ سيڪڙي.
(مٺ جيترو ماڻهو، سؤ ڳنڍون سميٽي.)

### ڪڪ

٩٢٨. آنـــر ري ڏيـنـاري، ڏکـڻ تـي جـاڏئـون^
ڪانٻان مـنـهـلـي ڪانٻڙي، لـُـوڪ لوڏا ڪانئُون^.
(آنر جي ڏيئڙي، ڏکڻ ڏي وڃان: سنهي لکڻ جهڙي بيلي لوڏا ڪان.)

### ڪوس

٩٢٩. ڪارو ڪارو گهيتو، لاڙهان^ ۾ تـو لـڏي
پڳ سين پڙهو ڪران^ تو درياهه ۾ تو پڏي.
(ڪارو ڪارو گهيتو لڙهن ۾ تو لڏي، پيرن سان پري ڪريان تہ درياهہ ۾ تو پڏي.)

### ڪوڪڙي (سٽ جي)

٩٣٠. اِڏي هـڏِي، ڏونگر سان وڏي.
(ايڏڙي هـڏي، جبل ڪان وڏي.)

### ڪونڊير

٩٣١. اِتڪي ڏُٻلي ـ ڏوڙ ۾ گُـتڪي
(هيڏڙي ڏٻلي، ڏُوڙ ۾ پوريل)

### ڪارو ُڙو ڳوٺ

٩٣٢. آمرڪوٽ ڪي اوڏڙو، تہ نـاميڙي نـام
ڪارونجهر جي ڪـور تـہي ڳولي وڏو گام.
(عمرڪوٽ ڪي ويجهو، مرداڻي نالي سان مشهور، ڪارونجهر جبل جي ڪناري تي ڳوٺ آهي، آهو ڳولي پڏايو.)

### ڪاهي (ڏاس جي)

٩٣٣. ڪارو ڪارو گهيٿيو، اوڻي مٿي ليٿيو.
(ڪارو ڪارو گهيتو، اگڻ تي ليٿيو.)

---

٩٢٩. ڪوهہ مان پاٽي ڪيڻ جو وڏو پوڪو.
٩٣٢. ڪاروڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ ڪان ٽي ميل آتر طرف آهي.

Gul Hayat Institute

۹۳۴. هيٺان مٿان رونچ وري، ڪوران رهين ڪچين
هڪ جاڙو ڳچي ڳيو، ٻه چٽا پيا نچين.
(هيٺان مٿان پڇندو ويو، ڪنارين ڪچيون رهيون: هڪ چٽو ڳچي ويو، ٻه چٽا پيا نچن.)

### ڪنولو

۹۳۵. چار پادي چوڪا، جگت ڪري بيٺا.
هيڪو ڪي ري ڪوني ۽ ٻه ٻه ٽي بيٺا.
(چار پاءُ چڱا، صلاح ڪري ويٺا، هڪڙي ڪوني ۽ ٻه ٻه چٽا ٽي ويٺا.)

### ڪنڊي

۹۳۶. ٻالاپڻ ۾ ڏورا ڪپڙا، ڳيرواپڻ ۾ لال
ٻيج بنا ايڪ چيج ڏني، ستا ڪرو ويچار.
(ننڍپڻ ۾ اڇا ڪپڙا، پيريءَ ۾ ڳاڙها، ٻج بنا هڪ شيءِ ڏنم، جنهن جو ڏاها ڪريو ويچار.)

### ڪنوڻ

۹۳۷. جهڙپ ڏيئي جمنا پائي جهٻڪ هلي وڃي
جنهن جي مٿان پوي تنهن کي ڀسم ڪندي وڃي.
۹۳۸. ٻ ڳهي نتم ري ڪونجهڙي، وياڻي بيڪانير
ٻچا چڏيا ڪوٽڙي، پنڳي جيسلمير.
(ٻ ڳهي ڳچيءَ واري ڪونجڙي بيڪانير ۾ وياڻي، ٻچا ڇڏيائين ڪوٽڙي تي، ۽ پاڻ وڃي جيسلمير ۾ پهتي.)
۹۳۹. اڏڪي ڏيڪي، رم جهم ڪري
رتنئي ري گوچار ۾ ڪيلي، ڪنوڙ ڪري
تري م تتشوئو، ڦري نه قالو
آڻ ونا ميهولا، لاڪيئو ملڪ.

(سچ لٿو، انب پوکيو، آڏيءَ رات جو آيريو، پرھ ڦٽيءَ جو ميوو ڇنيو، اھو انب آچي ذات وارو آھي.)

### ڪيري ڏونرو ۽ مکڻ

٩٤٥. ٻاپ ڪنا ٻيٽو پئلو، جھيرو ٻونڙو سردار
تيھني رات جڻميا، سُرتيا ڪرو ويچار.
(پيءُ کان پٽ پلو، جنھن جو پوڙو سردار، تيھي ھڪڙيءَ رات ڄاوا، ھاڻي ڏاھا ڪريو ويچار.)

### گدرو

٩٤٦. آڏي ڇيران، آپي ڇيران، ڇيران ٿاري پٽي
اِئي هيماري رو آرت ڪھو، نہ تہ ايھا پڙھو آتي.
(آڏي ڇيريان، آپو ڇيريان ڇيريان تنھنجي پٽي، ھي پرولي ٻجهي ٻڌاءِ، نہ تہ ھتان آتي پري ٿي.)

### گَڏي

٩٤٧. نگري نگري نار وٽي، ڪپڙا پھريو سَتو ڪري سينگار
نڪي ڏمر ڏيل ۾، نڪي لڳيس گار.

### گرانھ

٩٤٨. پنجن چٽن راند ڪئي، رينگ رينگان ۾
ڏي ڳڙيدان ۾، گار ناھي گويو آھي.
(پنجن چٽن راند ڪئي ڇيچاٽن ۾، وڏائون وات ۾، گار ناھي ٻر چرچو آھي. پنج چٽا = ھٿ جون آڱريون. واند ڪئي = گرانھ ناھيائون. رينگ رينگان = ڏندن سان چٻاڙڻ جو آواز. ڳڙيدان ۾ = پيٽ ۾.)

٩٤٩. پنجن چٽن گيند آپاڙيو، ڏي ڏلتھر منجھ
مٿان ٿي ڙرينڊان، ڏي ڳيڙينڊان منجھ.
(پنجن چٽن ڏڙھو کنيو، کڏ ۾ کٽي وڏائون، مٿان ڇيچاٽ ٿيا، پوءِ وڏائون پيٽ ۾.)

گيڻگهو ( جيٺ )

٩٥٠. ڪارو، ڳاڳن ڪوپارو – پيرن مٿي اوپارو.

٩٥١. ڪارڪي ڳڏهہ، ڪاريا ٽڙها–
هل ڙي مولهي، ايهيچ مڙها.
(ڪاري ڳڏهہ، ڪارا سنج، هل ڙي آٿ، اِجهي مڙها.)

گهڻيو ( نڏيو جنڊ )

٩٥٢. هيڪل سڱڱو هڙڻيو، چوهہ ۾ نو جائي.
( هڪڙي سڱ وارو هرڻ، تڪو ڀيو وڃي. )

لُڙڪ

٩٥٣. ڪارا ڏونگر، نتدي جهري، ندي آڇو نير
ٿيسيو پاڻي نہ پيئي، گوتي ليو پاونَ ويرَ.
( ڪارا جبل، ندي وهي، نديءَ جو آڇو پاڻي، آڇايل پاڻي نہ پئي، اها پرولي ڏاها ڳولي وٺن.)

لونگ

٩٥٤. رينڱ رينڱو، چار سڱڱو، آپ ڪارو، ماس ڪارو.
( چئن سڱن وارو جهڙو رڙهندڙ جيت، پاڻ ڪارو، ماهہ ڪارو.)

لوڻ

٩٥٥. سياري اونهاري نيپجي، وڃي چوماسي ڄڙ
سپ ورڻ تنهن کي ڪائي، نہ پن نہ ڏڙ.
( سياري توڙي اونهاري ۾ پيدا ٿئي، مينهوڳي ۾ ڳاڙ ڪان وڃي، هرڪو ان کي کائي، پر آن کي نہ پن ٿئي ۽ نہ ڏڙ ٿئي.)

٩٥٦. ندي ڪناري نيپجي، جهيرو سرو نہ ساڻو هوئي
مين گهر آيا پراهڻا، تين گهر هوءِ تــو جوئي.
( ندي جي ڪناري تي پيدا ٿئي، جنهن ۾ نہ پن ٿئي نہ سنگ ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي تہ ڏاءِ.

ھڪڙي عورت ٻاڇي رڌڻ مهل ڏٺو ته اوڻ آهيئي ڪونه،
تڏهن ٻاڙي واريءَ کي اها ٻرولي موڪليائين جنهن کيس
اوڻ ڏياري موڪليو.)

**ماڪ**

٩٥٧. برسات پڙي، پئيو سپ وڏراهه
رُونڪا پاڻي چڙهه ڪيو، ڳج ڳج گهوڙا نهاه
کهڙو تو ٻُوڏي نهين، پکي ترسيا جاءِ.

( برسات پئي سپ وڏڪار پسي وڏي، ٻُوڻن تي پاڻي وري ويو،
هاڻي گهوڙا وهنجي ويا، پر ڍلو به ٻڏي نه ۽ پکي پڻ
آجيا وڃن.)

**ماڪوڙي**

٩٥٨. گهڙي گومر گوڀر نهين، ٽڳي ٽنگ^ چار
اِئي هيماري رو آرت کهي، گهڙو اتاري نار.

مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت دلو مٿي تان لاهي.)

**ماڏارو (ماکيءَ جو)**

٩٥٩. هيڪ هيڏورو، سهس گهران^ رو، گهر گهر جوڻان ٻار
اِئي هيماري رو آرت کهي، پاڇي گهڙلو اتاري نار.

(هڪڙو پينگهو، جنهن ۾ سوين گهر، گهر گهر ۾ ٻار ڏسان،
هن ٻروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت گهڙو مٿي تان لاهي.)

٩٦٠. سَو مندر سَو ماڙهيا، سَو گهڙي ري پڻهيار
بينان اگني پوچن پچي، سُرتا ڪرو ويچار.

( سؤ ڏهر، سؤ مڙهيا، سؤ گهڙن واري پاڻياري، بنان باهه جي
ڪاڏو رجهي، سگهڙ ڪريو ويچار )

**ماڇر**

٩٦١. ڪارو ماري ڪوڪرو، ڏونرو ماري هنس
ماري ميلهئو آڳڻئي، لوهي نکو مانس.

Gul Hayat Institute

(ڪارو ماري ڪوڪرو، آڇو ماري هنجھه، سونڪي اڳئي تي ڳنڍيو، جنهن ۾ رت نڪو ماس.)

## مرت

٩٦٢ درياهه جي تون ڌاڌي، ٻيلي جي ٿون ٻائي
سرس جي تون سڳيڻي، چانهي توکي چائي
تر ۾ تنهنجا تانا، تون هتي ڪيئن آئي؟

٩٦٣. ڪانئي ڪُونڪريـاري، وڏي مـانَ واري
چـپـر ۾ ڇپران^ ائي، پڇ ۾ پرِوَن ڪري
سنڌ ۾ سامان چڙي، مُنڊيھه ڇڙهي مُلھه ڪري.

(ڪاني ڪنڪرين واري، وڏي مان واري، جبل ۾ ڇپرون ڏئي، پڇ ۾ پڇڻ ڪري، سنڌ ۾ سامان چڙي، منهنجي ملڪ ۾ اڇي قيمت واري ٿئي.)

## مرچ

٩٦٤. اِڏ ڪِي^ مينڪي، راجا نان^ روڏاڙي.
(هيڏڙي چوڪري، راجا کي روڏاڙي.)

٩٦٥. ندي ڪناري رُونڪڙو، پيمنسان سينگو هوه
مين گهر آيا پرامڻا، تيں^ گهر هوه نه جوه.

(نديءَ جي ڪناري تي ٻوٽو، جنهن ۾ سينهن جي سڱ وانگر وڙيل ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي نه ٻڌاءِ. هڪ عورت پاڇي رڌيندي ڏٺو نه مرچ آهن ئي ڪين، تڏهن هن پاڙي واري کي اهو ڳجھو ڏياري موڪليو، جنهن ڪيس مرچ ڏياري موڪليا.)

## مرلي

٩٦٦. آلو ٻُلو، ٻام ڍُلهو، ڪتن پريل، پئي ڌلهو.

٩٦٢. گاهه جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

## مڪائيءَ جو سنگ

٩٦٧. مڪائي هٿيي، ٻالي ٻولي ٻچي ٻچڙي ساٿي چولي.
(اڪيلي ٻالي ٻولي هئي، پوءِ سائو چولو ڍڪيائين.)

٩٦٨. سائي چوليءَ اوڙ ٽوڙ — مٿو ويڙهو آوئي ٽوڙ.
(سائي چولي هيٺ مٿي، مٿو ويڙهو ۽ ان جي ٽوڙهه پئي ڏسجي.)

٩٦٩. سائي سانڍيءَ ستٽ، جيڪي ري پهنڊي مٿي جٽ
لاڏو ڳهٿو نه ڦٽرو، عقل ڏسيا پٽ.
(سائي ڏاچي سهڻي، جنهن جي مٿر تي وار، گهوٽ گهڻوئي سهڻو پر ڏسو ۾ عقل جو گهٽ.)

## مڪو

٩٧٠. اڏڪي مينڪي، راجا پيڙي روٽي کائي.
(اپڙي چڪرڙي، راجا سان گڏ ماني کائي.)

٩٧١. هلي گهوڙو، مڪ بڪرو، نيٽن چگي نار
پوچڻ پيڙو بر ڪيو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هلي گهوڙي جهڙو، منهن ٻڪر جو، ۽ نيٽن چگي نار، ڪاڏي ۾ گڏ وڃي، ڏاها ڪريو ويچار.)

## مڪڻ ۽ اسي

٩٧٢. هيڙڪ لڪڙي، هيڙڪ هوئا
هٿ گهتي جُوئان، تو نر مادي جُوئا.
(ڳيڙ ڳيڙ ڪاني، ڳيڙ ڳيڙ ٿئي، هٿ وجهي ڏسان ته نر ۽ مادي جدا جدا.)

## مڱ

٩٧٣. هيماري هيڪ ڏيان[٨]، سڻ مورا بيرا
پيجا سٿهي سڪرڪما، آو نيرڙي را نيرا.
(هڪڙي پرولي ڏيان، سڻ منهجا ياهه، پيا سپ سڪي ويا پر هو ساوئي ساوا.)

Gul Hayat Institute

## مگهت (گهوت جو موڙ)

٩٧٤. چار پٽلا چُنڙکيي را، آنگوڇڙي ري ڄاري
ائي پرولي رو ارت نہ کهاسي، سو لڳائي رو هاري.

(چار پلاند چُنيءَ جا، انگوڇي جي ڄاري، هيءَ پرولي جو نہ پڇندو، سو زال جو هاري.)

## مور

٩٧٥. مُک مُرلي، تن سانورو ـ رهي گيرَ وٽ بانورو.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن سانورو، رهي جبل وٽ البيلو.)

## مهري (ان چرڻ جي)

٩٧٦. رَن بَن سڃِن^ مَرّد آيو، نہ مَرّدان^ ري ليکڙي
چُوڙاري تو چوٽان^ کري، ساري دنيا ڏيکڙي.

(رڻ پٽ مان هڪ مرد آيو، پر مرد جهڙو ناهي، چُوڙيليون تنهن سان ڏک هڻن، سڃي دنيا ڏسي.)

## نار هرلو

٩٧٧. سترهن کوهہ، سترهن ڪ ڇڏون وهن هڪ لٺ
آنـدو چـڙهيو گـادي تـي، کـري پُڇ هٺ
لکڻ هٿي هڪڙي کـيـي، اکيون ڪنن رت.

Gul Hayat Institute

## ناريل

٩٧٨. پيٽ پيٽ ۾ پاڻي ـ پيئي راجا جي راڻي.
(پيٽ جي اندران پيٽ، تنهن ۾ پاڻي، راجا جي راڻي پيئي.)

٩٧٩. ڪـڪـو پـاڏو، پـاڏي پـورا وار
پاڏو هئيو پتر نان^، پاڏو گيو مري
ڪاڏو پانيڻ واٺي، ڪاڏو لوک سنسار.

(ڪکو پاڏو، جنهن جا وار پُورا، اهو پتر سان هنيم نہ پاڏو مري پيو، اهو نہ رکو پانيڻ ۽ واٺي ڪاڏو پر سڄي لوڪ ڪاڏو.)

۹۸۰. سُوڪ سَرووَر، آڏَرَجَرَ، جَنَاوري نهين جاڻيو
رسيا اوهيي رس لاڻو، جو مَڇِيئيءَ نـہ ماڻيو.

(سَڪل تلاءَ مٿي پاڻي، جيڪو جانورن نہ ڏٺو، آهو پاڻي آڻيو جو مڇين نہ پيتو آهي.)

ناڙي (هر جي)

۹۸۱. آپ بَڪِيي، جڳ ڏاپـاڙي، مـوري لڳي جاڻي
ثان^ گوڏي هوئي نو ڏيو، ماڻرو ڪتنڻت ڪوٿيي ٿاٿي.

(پاڻ بَڪي، دنيا کي ڏاڙي، ڪتسي پٺي وهي، توهان وٽ هجي نہ ڏيو جو منهنجو مڙس ڪوٺي نو ٿئي.)

ناڳ

۹۸۲. مُڪ مُرلي، تن سانورو، رهي سدا بتن مانهہ
کهڙي شيء منسار ۾، ڪرشن کهو ثان نانهہ.

(منهن مُرلي جهڙو، بدن ڪارو، سدائين جهنگ ۾ رهي، اها دنيا ۾ ڪهڙي شيء آهي، جو ڪرشن بہ ناهي.)

۹۸۳. ڪاغذ جيين^ ڪڙڪا ڪري، مڏ جيين^ جهولا کائي
راڻي پڇي راجا ثان^، ڪيهو جنـاور جـائي؟

نٿ

۹۸۴. آئ ڪڙن جي وِينجهڻِي، نَوَڪتڙن جي ڏور
چڪور چاليا ساهري، ڪُونڻ آڏڏي مور.

(اٺن ڪڙن جي ونجهٽي، نَوَن ڪڙن جي ڏور، چڪور ساهري گهر هليو، هاٿي ڪير آڏائي مورا)

نڌي

۹۸۵. هَر هَرونا، پَوَنه پترِي، گانٺيين^ گوڏا پيٽ
هاري هـجا پسِي، پتوڻارڻ پکيي کيٽ.

۹۸۴ اٺن ڪڙن جي وينجهٽي = نٿ جو کهاڙينو.
نو ڪڙن جي ڏور = نٿ لڪائڻ وارو ڏاڳو.

(هر آلو، زمين سنهي، ڏڪيون ۽ ڏڪا پيٽ ۾، هاري جنهن کي محبت مان ڏسن، سا کيت ۾ ٻڪي)

### نيپوري (ڳهر)

٩٨٦. آساڙ مهيني اُپجي، اَس نام وٽي نام
سچاڻ ڳُمائي سُندري، لهيجو ميرا سام.

(آکاڙ مهيني ۾ پيدا ٿئي، آها نالي واري مشهور آهي، اي پيارا! سون سيج تي وڃائي آهي، اها ڳولي وڪڄ.)

### وات

٩٨٧. ڏيوجي رو ٿانُ، ٻئيه ڪُپڙبنُ هيڪ ٻن.
(ديوتا جو آستان، ٻئيه ڪُپڙيون هڪ ٻن.)

### واڏڻ

٩٨٨. ڪارو ماريو ڪانُهُ، نيرو ماريو هنس
آڇي اُڇاليو اگڻ ۾، رت نڪو ماس
وٽن واڻيا برهمڻ، وٽن ارڙهن ماس.

### وجٽي

٩٨٩. سُرمائي ڪنچري، ساوا پيلا پنن
مچڪي سين مچي پيئي، موٽيارن سين من.

(سُرمائي رنگ جي چولي، ساوين پيلاڻون پٽيون، نخري سان ڪٽ تي ويئي، جو جوانن سان دل اٽس.)

### وڇون

٩٩٠ آنڪي لڪڙي دَمڪ دايا
هٿ لائون تو 'آوئي ڙي پايا'.

(ڏنگي ڪاٺي چمڪندڙ، هٿ لڳايان تہ هاء ڙي پائُوا!)

Gul Hayat Institute

### ويڊبو (ڳهه)

٩٩١. هٿ لال، پگ لال، پگ ري پيچار لال
چٽلا وينٽيي چاردار، ڪنڪٽي ڪروڙ دار
هيرا لڳا هزار، لعل موتي ڏيڍ سؤ.

(هٿ ڳاڙها، پير ڳاڙها، پيرن جي جتي ڳاڙهي، آن جا چٽلا ڪنڍيدار ۽ ڪنگٽي سٺي، جنهن تي هيرا هزار لڳا ۽ لعلون موتي ڏيڍ سؤ لڳا.)

### هٿ جي ترِي

٩٩٢. چيڊي ترائي، چيڊي پار - پاڻي رهي نه پسي پار.
(ٽانگهي ترائي، ٽانگهو کوهه، نڪي منجهس پاڻي رهي سگهي، نه کوهه تي سگهي.)

### هرلو

٩٩٣. آٺ ڪرنگهو، پاسارا ڦينڇا.
(ڪرنگهو آٺ جهڙو، پاسريون آڏيون آهيون.)

### هرڻ

٩٩٤. آڪ پٽوڪي، لونٽان^ جهڙوڪي، ڌريان آڪر جائي
راجا پڇي راڻي نان^، ڪيهو جناور جائي.
(اڪ چني، لونٽان^ هٿي، گهوڙين کان تکو وڃي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته ڪهڙو جانور پيو وڃي؟)

### هڏاڏو (چانهين)

٩٩٥. رَنڊو رونو، کيهه کهڻو، سهين آڙد ري دال
سالڪ هوئي تو جيم لي، مورک ڪري بچار.
(اٿيي ماني، کيهه کهڻو، آڙد جي سنهي دال، سمجهو آهي ته کائي وٺي، بيعقل ويچار ڪري.)

## هندائو ۽ هندائي جي ول

٩٩٦. ڀُورو جوڳي جتل پريو، جتل ڀُوري راءِ پيٽ
ناري ڀلڻي نتر ڏٽريو، ناري نتر راءِ پيٽ.
(ڀورو جوڳي پاڻي ۾ سان پريل، پاڻي ڀوري جي پيٽ ۾،
زال پکڙي، مڙس ٿيو، زال مڙس جي پيٽ ۾.)

٩٩٧. ٽُڙ ٽورو، ڀستر گهٽي، ڏاري ڏاري وتک
هي ڀرولي پرکي، ڪوهه ڪٽي ڪنٽ.
(پاڙ ٽوري، پکڙيل گهٽي، ٽاري ۾ ٽاري ۾ رنگ، جيڪو
هي پرولي پڇي سوئي هن مڙس کي ڪٽي.)

٩٩٨. ندي ڪناري رُنکڙو، سارڻ ڀهينڏا چار
ناري سيئنچي، نر پيئي، سُرتا ڪرو ويچار.
(ندي جي ڪناري تي ٻُوٽو، تنهن ۾ چار ڦل، زال چڪي،
نر پيئي، ڏاها ڪريو ويچار!)

## هوا ۽ واچوڙو

٩٩٩. نانيٰ ڪتيٰ هتيٰ ناناٽي، آتي لاڻي ڪپاس
هڪ پڳ پاڳوڙي، ٻيجو پڳ آڪاس.
(ناني ويئي هئي ناناڻي، آندائين ڪپاهه، هڪڙو پير هئس
زمين تي ته ٻيو پير آسمان تي.)

## هيرڻ

١٠٠٠. ڪوڊ جنهن جو ڳُرنڊيارو، ڀن جنهن جو پاڻي
آڏي منهنجي لاڪيٽي، سالڪ ڏيکي ساڻي.
(ٽڙ جنهن جو ڳنڍين وارو ۽ ڀن ويڪرو، آڏاوت جنهن جي
سهڻي، سالڪ ڏسي سائي.)

Gul Hayat Institute

## (ب) ڳوڙها

### برسات

١٠٠١. نڱي منڊنَ، تاسَ رپَ، بتهُوت آلتيي آھ
بٽن مٽت کا پيرا آئاھ، گر ديپک جڳاءِ.

(نڱي منڊڻ = رات جو سينگار (کنوڻ). تاس رپ = اونداھي رات جي دشمن (کنوڻ). بٽن مٽت = وڻ جو پٽ يعني ڪٽواو. ديپک = ڏيو. يعني ڪنوڻ ڪنيو بيٺي آھي (۽ برسات اچڻ واري آھي) تنهنڪري ڪٽولو ڪٽي اندر ڪر ۽ ڏيو ٻار.)

### تلوار

١٠٠٢. پٿر مٽت ڪيي پٽليي، وڻ مٽت ڪيي واس
آجيا مٽت کو اوڍنو، رهي پرش ڪئي پاس.

(پٿر جو پٽ = لوھ. وڻ جو پٽ = ڪاٺ. ٻڪريءَ جو پٽ = ڇيلو. لوھ جي پٽلي، ڪاٺ جي ڪوٺيءَ ۾، ۽ مٿان ڇيلي جي کل جو پوش (مياڻ)، آھا نه 'تلوار'.)

### چنڊ

١٠٠٣. دڌ مٽت ڪئي ليوڪئي، وسئي تو مندر ڪئي بيچ
مانگئي راڌ برڌ سين، سام ڪرو بخشيش.

(دڌ مٽت = سمنڊ جو پٽ يعني موتي. موتين جهڙن ڪرڻن سان تون مندر ۾ روشني ڪرين ٿو، ۽ توکي جوان توڙي پوڙهو چاهي ٿو ته شيري ڪرشن، مونکي ڏيکار.)

### ڏينهن

١٠٠٤. هيم ورنَ، پنچئي لڙڻ، چهه پهر، پتکيون چار
ڳوڙهو راجا ڀوج رو، سرتا ڪرو ويچار.

(هيم ورڻ = سون جهڙو رنگ. پنچئي لڙڻ = پنج سان وڙهڻ. يعني سونهري رنگ وارو جو پنج سان وڙهي، ۽ جنهن کي

Gul Hayat Institute

# باب ستون

## ڏٺ ـ پروليون

[ ڪا وٿ (شيءِ) يا ڪو واقعو ڏسي ان بابت ڪا پرولي ڏجي ته اهڙي پروليءَ کي ”ڏٺ-پرولي“ چئجي ٿو. هن باب هيٺ انهي قسم جون عام فهم ”ڏٺ-پروليون“ شامل ڪيون ويون آهن.

ڪن سگهڙن پنهنجن ’ڏٺ-پرولين‘ کي ’پرولي‘ ڪري ڄاڻايو آهي، مثلاً:

- اها پرولي پڌري، پڇندا ڄام ڇوي ڄاموٽ
- پڇ پرولي ”پٽيءَ“ جي، وهلو ڪري ويچار
- اها پرولي پڌري، سالڪ تون سڄاڻ

پر سٽاءَ جي لحاظ سان اهي مڙيئي ’ڏٺ-پروليون‘ آهن.]

### آڳ ڳاڏي

١٠٠٩. ساڌين سنڌي سترهن، پيدا ٿي هڪ نار
گهمي سٺ سهيلي سان، سرس ڪري سينگار
هڪڙا ساڻ لئي مشتاق، ٻيا پڇي ٿيون بيزار
هڪڙا دربان درن تي، ٻيا ڇونڪي لک هزار
ڪيئي ڪنوايائين ڪيترا، جو ليکي ناهه شمار
جنهن جوڏيهن ڏهڪار، سا سمجهي ڏيو ”سچو“ چوي.

### اڪ جي انبڙي ۽ ان جي پشم

١٠١٠. نر مان نر پيدا ٿيا، تنهن نر مان لک هزار
روح بنا ”رمضان“ چئي، آڏاهو ڪن الغار
جن ڏڙ سسيءَ کان ڏار، سي مينهن وسندي مريو پون.

---

١٠١٠. چيل فقير رمضان پٽ شهمير، شهميراڻي لاکو واڍي جي، پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. ١٣٣٠ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

Gul Hayat Institute

پنهيوري

١٠١١. قد ڪونڌ، پنج ڏگهي، نالي چڱي نار
هر ڪنهن پڪيءَ پٽر ۾، هين پکيءَ پٽر چار
ڪنهينس ته رت نه نڪري، جنهن جو ماس ناهي درڪار
جڏهن چڙهي شوق شڪار، ته نر ماري ٿي نار.

ٿهڪڻ (نار جي)

١٠١٢. وير ٻيهاريو واٽ تي، چاري متي چور
وڙهي پيو ويرين جان، زابر رکي زور
مون پاتيو چور، پر هو ساڏ آ "سيد" چئي.

پيچڻ ۽ ڪپاهه

١٠١٣. ڏوري ڏوري ڏٺم ۾، هڪ آدم نر نگاهه
ڪامل ڪنڌي نڪ سان، پيو سائس آهي سپاهه
جوان چڙهي تو جنگ تي، هو حاضر ڪيو همراهه
نرمل ناريءَ تي ڪري، ڪست منجهارئون ڪاهه
هن جا عضوا پٽيو چڏي، خوب وڏي مون ڪاهه
جڏهن ماري مات ڪياهه، تڏهن پيٽ ڪنيو وچن ماڪ تي.
(نر = پيچڻ (اوزار). همراهه = سڀ اوزار. ناري = ڪپهه)

پنگال

١٠١٤. منهن پڌي مائيءَ جو، نر تي چاڙهيائون نار
سا ٿهڪڻ ۽ ڦٽڪڻ لڳي، جو پيٽ ۾ هنس ٻار
منهن کوليندي نار، سڀ سڪيائي ٿيئي.

١٠١٢. چيل روشن علي شاه. ٻي روايت ۾ هيءَ ڏٿ "سوسري" نالي ڪنهن سگهڙ ڏانهن منسوب آهي ته:
مائهن ليکي سور، پر ساڏ آهي "سومرو" چوي.

١٠١٣. چيل سگهڙ الله بخش لغاري، ويندل ڳوٺ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو.

Gul Hayat Institute

## جتي

١٠١٥. نڪا ضرورت زوج کي، نڪي گهڻن گهوٽ
ميڻن مزا سڀ ڇڏيا، وٺي پساھ جي پالوٽ
ور ڏين ويچارن کي، اھا چمارن جي چوٽ
سيڪو پنهنجي سک لاھ، ناٿو ڏئي ٿو نوٽ
هو هر هر ڏين حاضري، آهن ڪانڌ پنهنجي ٿان ڪوٽ
وڃيو سامهيون تين سيلهن کي، اهڙيون آهن اٿموٽ
اھا پرولي پڌري، پڇندا "جام" چوي جاموٽ.

جواب

١٠١٦. ڪارو ڪڪر ڪوڙ سان، تو ڏهاڙي وسي
نڪا ڦڙي آب جي، نڪو ريج رسي
ان جي وس پٽسي، عالم ٿي آباد رهي.

## چڪي (جواب)

١٠١٧. پرولي ڏيانھ پٽ جي، نورا! تون نهار
ٻه پڙي ٻکهار جهڙي، ناڀي چڱي نار
پڇج پرولي "پٿيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار.

## چلهه

١٠١٨. ٻاڪو ڦاٽل ٻائي ڏنم، گهر گهر وڃن واري
ٻائي ٽپائي، تپسيا ڪري، شيوا ڪري ساري
بدن ۾ ڀڀوتي ڌاري، چمڪي ٿي چوڌاري
واھ جي جوڳڻ، ٻنا ٻوڳڻ، مٿن تين واري.

---

١٠١٥. جام خان پٽ رحيم خان چانڊيو، ڳوٺ ٻيڙو خان چانڊيو،
لڳ ڪڏڻ تعلقو بدين. ٩- جون ١٨٩١ع ۾ ڄائو ۽ ٢٣- سپٽمبر
١٩٤٥ع تي وفات ڪيائين.

١٠١٧. چيل اميد علي پٿيءَ جي.

ڏينهن ۽ مانارو

١٠٢٢. ڳاڙهـا ڳانـڍو پير، ڏنـا سـون ڏاريءَ ۾
لڳو واءُ وصال جـو، تڏهـن ڇڻي ٿيا ڍيـر
سـاڳيا ڳانڍو پير، وري ڏنا سون ڏاريءَ ۾.

(ڳاڙها ڳانڍو پير= ڏينهن، ڏاري= ٽاري وڻ جي، واءُ= اتر جو واءُ، جنهن تي ڏينهن مانارو ڇڏي وڃـن ۽ وري جڏهن سيءُ کهٽجي تڏهن ڏينهن وري اچي ماناري ۾ ويهن.)

رپيو

١٠٢٣. سورهـن آنـا سڦرا، نـر مـان ٿيا نـروار
هٿيه، پچا تنهن جا، چوهٽ هلن هٽ بازار
”چتو“ چئي ”سوُنپار“، سون ڏنو، آئين وسهو.

سال

١٠٢٤. هڪ هرڻ، ٻارهن ٻير، ٽي سؤ سٺ سڱن
هڪڙي هڪڙي سڱ ۾، پنج پنج گل چمڪن
امڙا ملوڪ هجن، جي ڏاها ڳولين ڏٽ کي.

(ٻير = مهينا. سڱ =ڏينهن. گل =نماز جا وقت.)

سمپ

١٠٢٥. ڳهمندي قرندي ڏيهه ۾، ڏٺيون سين ٻه ٻايون
مڙس هنن جو ڪونه ڪو، رب ڪيون سايون
ٻئي جو ويايون، ته ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

---

١٠٢٣. شاعر چتو سوُنپار بلوچ، ميرپور ساڪري طرف جو ويٺل هو. اندازاً سنه ١٨٨٧ع ڌاري گذاري ويو.

١٠٢٥. ٻي روايت: جان وڃان واٽ وٺيو، ڏٺم ٻه ٻايون
امر ٿيو الله جـو، تيون ٻئي سايون
گهراچي ويايون، ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

Gul Hayat Institute

١٠٢٦. ڪئين سال ڪنوار ڪي، ٿيا جاليندي جٽر ۾
نه ٻه ٻيڪي ٻئي سيڪ ”علي“ چوي، پاڻي جي پٽر ۾
جڏهن ٿري وچي ٽٽر ۾، تڏهن سرس ٿي سون ڪان.

سج

١٠٢٧. هميشه هسوار، ساعت صبر نه سوار ڪي
فتح ڪري في الحال ۾ مانجهي مُلڪ هزار
ڪر ناظر ٻار نهار، نه منهن مقابل ميڙوو.

سراڻ

١٠٢٨. ڪوجهيءَ مان ”ڪريم بخش“ چوي ٿيون پرپون لک هزار
مرن انهي مهل پيون، ڪرن نه ديرمدار
ڏس آڳي جا اسرار، جو لاش نه لڌو تن جو.
(ڪوجهي= سيراڻ. پرپون =چڻنگون، جيڪي اتي ئي وسامي وينديون آهن.)

ڪانءُ

١٠٢٩. چار ڪري ٿو چُست مان، ڪري ٿو ٻه ٻه ٻاجهارا
ڪڏهن ڪڏهن ٿن جا و چائي وارا
سالڪ سويارا، ڳوليو انهي ڳالهه ڪي.
(ڪانءُ ڪڏهن چار، ڪڏهن ٿي ۽ ڪڏهن ٻه ٻچا ڪري)

ڪوڙڪي

١٠٣٠. جيئرو ڪٺي وڃو، مئيءَ ڪي وچي ٻورياڻين
ٻيو جيئرو آيو، مئيءَ جو اچي مال کسياڻين
مئو جو آئيو نه ڪٺي جيئري ڪي ورتائين.
(جيئرو =ماڻهو. مئيي= ڪوڙڪي. ٻيو جيئرو = پکي. مال= اَن جا داڻا.)

---

١٠٢٦. چيل ”علي“ جي.
١٠٢٧. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعو ٺٽو.
١٠٢٨. ڪريم بخش لاڙڪ، وينڊل ضلعو خيرپور.

كنڀي

١٠٣١. سڄڻ ساماڻي صبح جو ٽوڙهي ڏي ٽوڙهي
ٻي ۾ رات ٻالڪي، ٽين ۾ رات ٽوڙهي
چوٿين رات چٽڱون ٿيس، پنجين رات ٻوڙهي
اچڻ ۾ ”احمد“ چوي، اڇي ڪارن وڪوڙي
ڇهين رات ڇوري، ڪنهن قبولي ڪينڪي.

١٠٣٢. جواني آچو آچ، پيري ۾ ڪاراڻ
ڪچي نان قيمت ڪري، پڇي نان پراڻ
دانا! ٻڌج دل سان، آهي خاڪ انهي ۾ جي ڪاڻ
ڪماليت ڪي زواليت، پهچائي رب پاڻ
چارئي پهر ”چانڊيا“ ڪر تنهن واحد جي واڪاڻ
اها ڀرولي ٻڌري، سالڪ تون سڃاڻ.

١٠٣٣. ٽوپي پايو ٽيلهي سان، ترڪي منجهه ميدان
ٻيهي وسائي پاڻ ٿي، تيرن جا طوفان
پڇي نه بهادر پيڙ تان، توڙي گجن نغارا نشان
پڇي ان ڀرولي ڪسي، حاذق ٿيا حيران
پروڙج پهلوان، ڀر همٿ نه واري هڪڙو.

گهوگهيٽڙو

١٠٣٤. ويندي ڏي وات سان، هڪ ناقص ڏٺم نر
جوڙي جاه زمين ۾، گهوٽ بنائي گهر
ٻاهر نڪري ڪينڪي، ويهي طمع جهلي تر

١٠٣١. چيل احمد درس جي. ويتل ڳاڙهو صدر، تعلقو ٽنڊوالهيار.
ٻي روايت موجب پهرين سٽ هن طرح آه:
جان وڃان وات ونيو ته ڏٺم ڇوڪري ڇوري.
١٠٣٢. چيل حاجي چام چانڊيو.
١٠٣٣. چيل احمد سيمڻ، سجاول، ضلعي ٺٽي جو ويتل هو.
١٠٣٤. سگهڙ الله بخش لغاري جي چيل.

١٠٤٩. ٽڙ ٻڙيءِ ۾ ٽڙڪو ٿيو، ٻڌو ٻن ڄڻن
جن ٻڌو تن نہ ڏٺو، ڏٺو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڏٺو سي لہ ويا، ڪيو پنڌ ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ويا تن نہ ڪنيو، ڪنيو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڪنيو تن ٻہ نہ ڪاڏو، ڪاڏو ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ماريا سي نہ رُنا، رُنو ٻين ٻن ڄڻن.

(انب ڪرڻ جو ڪڙڪو، جو ڪنن ٻڌو، اکين انب ڏٺو، پيرن پنڌ ڪيو، هٿن انب ڪنيو، ڇپن ڪاڏو، ڪُنيا ڪَٽل، ۽ رُنو اکين، ڇوڪر انب ڪٽي ڪاڏو، جنهن تي باغائيءَ ڪيس ڇماٽون هنيون.)

---

١٤٠٩. ٻي روايت: انبُ ڪريو وڻ مان، ڏٺو ٻن ڄڻن
پڪا پيا ٻہ ڄڻا، تہ ڪنيو ٽيڻن ٻن ڄڻن
ڪاڏو چوٿين ڄڻي تہ مار جهلي ٻن ڄڻن
ڏسي حال اهو، رُنو ٻهرين ٻن ڄڻن.

# باب اٺون

## روايتي ڏڏون

[هن باب ۾ آهي ڏٺ-پروليون شامل ڪيون ويون آهن، جي ڪن عام روايتي ڪردارن ڏانهن منسوب آهن. جيئن ته (١) دارو ۽ خفيف، (٢) انڊو ۽ سچو، (٣) مامو ۽ ڀاڻيجو، (٤) ماڪن شاهه جي وسينءَ جو نابين سگهڙ ابراهيم، (٥) پارو ۽ سگهڙ، (٦) ولو ۽ جعفر، (٧) ولو ۽ دلشاد، (٨) جنوڻس ۽ ڪامل، (٩) بادشاهه ۽ وزير، ۽ (١٠) شهزادي ۽ پڪرار.

مٿين ڪردارن مان هرهڪ جوڙي جي نالي سان هڪ ڪان وڌيڪ ڪيتريون ئي ڏڏون سڄيءَ سنڌ ۾ مختلف روايتن سان هلندڙ آهن. غالباً پارُو، ولُو ۽ جعفر، يا ولُو ۽ دلشاد، جنوڻس (يونس) ۽ ڪامل، ڪي نالي وارا سگهڙ هئا، جن بابت اهي روايتون مشهور ٿيون.

روايتي ڏڏن جي سٽاءَ هن طرح آهي ته: هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڏٺل واقعي تي بيت يا مصرع ۾ ڏِٺ جوڙي ٻئي سگهڙ کي ڏئي، ۽ اهو وري بيت ۾ ئي ان جو جواب ڏئي.

روايتي ڏڏن سان منسوب ڪردار پڻ جدا جدا خاصيتن جا مالڪ آهن. مثلاً پهرين چئن عنوانن ("دارو ۽ خفيف"، "انڊو ۽ سچو"، "مامو ۽ ڀاڻيجو" ۽ "ماڪن شاهه جي وسينءَ وارو سگهڙ") وارن ڪردارن مان هڪڙو انڌو ۽ ٻيو سچو آهي، جنهنڪري ڪن ڪن هنڌن انهن ڪردارن ڏانهن منسوب ڏڏون "انڌي ۽ سچي" جي نالي سان پڻ رائج آهن.]

[۱۰۵۰] داري جي ڏيءَ جو نالو ’گنئوار‘ هو، تنهن ڪپڙا ڌوئي سڪل ڍنگرن تي پٽي وڌا. پري ڪان اهي ڍنگر سهڻا ڏسجڻ لڳا. تنهن تي خفيف کي چيائين ته:

داروؔ: دارو چئي خفيف کي، وڻ جي سُڪي ڀاڙ
وڻ ائين ڦُلڦليو، جيئن گل بهار.

---

خفيف: متان سُنڌ بهاران ڍنگران، هَنئي متئي گنئوار.
(يعني، متان گنوار، ڍنگرن تي ڪپڙا سڪائڻ لاءِ پٽي وجهي.)

[۱۰۵۱] دارو جهنگ ۾ ويو. هڪڙو توڇي ڏٺائين، جنهن گوڏو کوڙي، هڪڙي اک ٻوري، مرون پٽي ماريا. ان تي خفيف کي چيائين ته:

داروؔ: دارو چئي خفيف کي، منڊا ڪاڻا ٿا ديوَ مارين.

---

خفيف: متان توڇي پيا ميرون مارين؟

[۱۰۵۲] داري هڪ هنڌ ڦلا پچندي ڏٺا. ان تي پرولي ڏٺائين ته:

داروؔ: دارو چئي خفيف کي، مٺا ٿا کِلن.

---

خفيف: متان تشيءَ ۾ ڦلا پيا پچن.

[۱۰۵۳] داري، درياءَ جي ڪپ تي ڏٺو ته هڪڙو ماڻهو سيٺه، پيو ٿوڪي. اهو ڏسي اچي خفيف کي پرولي ڏٺائين ته:

داروؔ: دارو چئي خفيف کي، مونکي عجب لڳو آ
سؤ ورهيہ جي مُردي ۾ ساهہ پيو آ.

---

خفيف: ادا! عجب نہ ڪاڻ، اِها سيٺه ٿوڪي آ.

Gul Hayat Institute

[١٠٥٤] داري، سج اڀرڻي ۽ سج لٿي مهل آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ڏسي، ان تي خفيف کي ٻروايي ڏني ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، آپ ۾ لڳي باهه.

—

خفيف: ادا! ائين ته، ٿيندو آهي سنجهه صباح.

[١٠٥٥] داري جهنگ ۾ هڪڙي هند چاهو، نانگ سان وڙهندو ڏٺو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، ڪينهڙو رَسا سهن
ڪنيو ڍنگهر پٽيءَ تي وڙهندا واه وتن.

—

خفيف: سڙڪا ڏسي سپن جا، ستان ٻاپيها ٿڪن.

[١٠٥٦] ڍڪيءَ جي ڪڇيءَ ۾ ٻيل چڙي ۾ لار وجندي ڏسي، ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، نر ۾ وجي نار.

—

خفيف: ستان ڏٺي چڙي ۾ وجندي لار!

[١٠٥٧] داري هڪ ماڻهوءَ کي متي مان جٺون ڪڍائيندي ڏٺون، سو پاڻ ۽ متو ڪنهن لڳو ۽ خفيف کي چيائين ته:

دارو: جهنگ ڏٺم متٿ جيترو، جنهن ۾ سرون لک هزار.

—

خفيف: ڪنيو هلين سٿي تي، ٿينئي نٿو بار.

[١٠٥٨] داري هڪڙو جوڳي ڏٺو، جنهن مرلي ٿي وڄائي ۽ ان جي آواز تي نانگ ٿو ڪڍي ٿي نچيو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين:

١٠٥٥. ٻاپيهو=چاهو.

دارو: ڪدو وڏائين وات ۾، آنڊي ڪيس آلو.

---

خفيف: مٽرلسي وڏائين وات ۾، ڪنهو ڪاريهر ڪر.

[١٠٥٩] دارو هڪڙي هند ڏسي ته پڻ جي مٿان پوُنڊر پيو لامارا ڏئي. اهو ڏسي خفيف کي چيائين ته:

دارو: ادا! هيئن ته، هيئن، هيئن ته، هيئن.

---

خفيف: واهڙ تو وِهڪي، پڻ پٿي پٺڪي
پوُنڊر پيو پيرڪي، مٿان هيئن ته هيئن!

## انڌو ۽ سڄو

[١٠٦٠] هڪڙو سگهڙ گهمندي ڦرندي ڪنهن ناڙ تي آيو، ڪنهن فقير کي به اچ لڳي، سو به اتي آيو ناڙ ۾ پڌل ڪنگريءَ جي تري ۾ سوراخ هو، جنهن مان پاڻي پئي وهيو. ناڙ گيڙڻ جي فقير ۾ طاقت ڪانه هئي، سو آن ٿيندي تي وات رکي پاڻي پيڻ لڳو. اهو ڏسي سگهڙ موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي آنڌي سگهڙ دوست کي چيائين ته:

شهر فقير جي وات ۾، پرا شهر فقير جي وات ۾.

تڏهن انڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

واتئون ڏاڻي هرڪو، هيئڻون ڏاڻي فقير
چاڻي دستگير ته شهر* فقير جي وات ۾.

## مامو ۽ ڀاڻيجو

[مامي ۽ ڀاڻيجي جي ٻولين جون روايتون سڄيءَ سنڌ ۾ هلندڙ آهن. جدا جدا هنڌن تي مختلف روايتون هلندڙ آهن، جن ۾ مامي ۽ ڀاڻيجي جي ٻدران پيا ٿالا پڻ آيل آهن. مثلاً "انڌو ۽ سڄو". اهي روايتون هيٺين طور بيان ڪيون وڃن ٿيون-

---

* شهر = ڪنگري.

# باب ناءون

## معمائون

"معما" سنڌي جي لحاظ سان "ڏٺ-پرولي" توڙي "ڏٺ" کان ڳوڙهي آهي. ڏٺ پرولي يا ڏٺ لازمي طور ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي تي ٻڌل هوندي آهي يا سنڌي جي لحاظ سان ٻڻ سولي سوڌي هوندي آهي. معما ڪنهن ڏٺل شيءِ توڙي ڪنهن حقيقت (جا هتي ڏسي نه سگهجي، مثلاً "اسرافيل جي صور") بابت ٿي سگهي ٿي، ۽ سنڌي ۾ اڪثر اها زياده ڳري ڳوڙهي هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٿي ان کي "مام" يعني "معما" سڏيو ويو ٿو.

سنڌ جي ڪن سچاڻ سگهڙن، ڪن شين، واقعن يا حقيقتن تي معمائون ٻڌيون، يا هڪڙيءَ کي سٽڻ لاءِ ڏنيون، انهن مان ڪي چونڊ ۽ مشهور معمائون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

### [۱۰۸۳] انسان جو جسم

Gul Hayat Institute

شاعر وريو ڳڀرو لس ٻيلي جو ويٺل هو. هن انسان جي جسم، عضون، حواسن، خيالن وغيره جو بيان هيٺين معما ۾ سٽيو آهي:

ڪٻي قابل ڪم جو، رازو آهي رنگدار
تنهن ۾ انجو ڪاڏيون آتهين، آهي ڪل جوڙي ڪمدار
تنهن ۾ ڪيئي سنون سڦريون، وڏيون تنهن وينجهار
آب آتش ان ۾، آهي جريدي جروار
ڪيئي ڪامورا ڪيترا، آهنس امر منجهه اپار
مي پرياڻو، پريت سين، ٿا جهلين جونجهار

هٿ جا اکر "هوت خان" چئي، مون ڪان وٺ
ٻين جون صحيون
هاڻي چاڙي(١) چغلي، چوري، ڪلفت، ٻيون
ڪوڙيون وٺن کهيون
ڳلا، غيبت، ڳار ڳهٽي، ڪري راڄ رهيون
اوءِ تڏهن حياتي هئيون، ڪو هئن جانب جوءِ ۾.

## [١٠٩٩] ربيو

سکر طاهر ڀٽ رتو ۾ ذات ڀٽ (عمر ٥٠ ورهيه) پهريائين ٻوٽ کولي ٻڌ جو ويٺل هو، جتان پوءِ لڏي اچي شهر ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. سن ١٩٦٢ع کان اڳ ۾ هلندڙ رهڻي جي وچور جا اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿس ۽ سفيد رنگ وارا پکي = ربيا. ٻه ڪنيزائيون = رهڻي ۾ آڏيا. چار ٻير = پائليون. سورهن آنا = آنڪون. ٻنيهه. ٽر = ٽڪا. چوهٺ = پئسا. ٽي ٽي = هڪ هڪ پئسي ۾ پايون. هڪ سئو پيانوي = رهڻي ۾ پايون. اهو بيت هيٺين طرح آهي:

خاوند پکي خلقيا، سفيد رنگ سندن
ٻه ڪنيزائيون ڪنهن تي، چئن ٻيرن چلن
صاف آنا جنهن جا، سورهن ٽي سرجن
ٻنيهه، ٽر وڏا هئا، چوهٺ ٽيو ڇڳن
هڪ هڪ جي ٻيٽ مان، ٽي ٽي ٽي ٽالن
سي هڪ سئو پيانوي ٽيا، گهٽ وڌ ڪين چون
اچن وڃن سيکنهن وٽ، ديسان ديس گهمن
"طاهر" چئي تن، مهايو آهي ملڪ کي.

## [١١٠٠] سال، ورهيه

هن عنوان تي ٻن سکرن جون ڏاهيل معمائون سليون آهن. پهر ٻن معما 'ٻراد' اس ٻيلي جي مشهور سکر شاعر جي چيل

---

(١) چاڙي = چاڻي.

٢. وهندو ڏئم وير مٿي، هڪ سنگ ۾ ساميڙن
چڪر چمڙا چيله تي، ڳنٽا ماڻ ڳلن
نانگا پنهنجي ناني کي، پيا سارو ڏينهن سجدا ڪن
پريا پرهور ٿيو، هيڪاندا هلن
هنڌ سپني جو هيڪڙو، جت لاهوتي ليٽن
ان جي ٻاجهه ٻين تي، ڪئي ڏاتر ڏيهه ڏٿين
ڇگا ڪي ڇٽن، جي ڏاها لهن هن ڏور کي.

## [١١١٠] ڪڪڙ جا آنا ۽ ٻچا

سگهڙ روشن شاهه، هڪڙي ڏينهن مادي ڪڪڙ کي آري تي ويٺل ڏٺو، جنهن آنا ٻئي ڦوڙيا. ڪجهه ديرڪان پوءِ ٻچا آنن مان نڪري آئي هلڻ لڳا. تڏهن انهيءَ نظاري تي هيٺين معما ڏنائين:

مارن جا ملير ۾، گهر ڏٺم گهاٽا
نڪا ٻلي ڳوٺ کي، نڪا وڃن جي واٽا
سنڌ وهي محلات ۾، مٿ پيگا ماٽا
پوءِ ڳاٽ ڪٽي ڳاٽا، رڙهيا "روشن شاهه" چئي.

## [١١١١] ڪنڊيءَ جي ٽڙ ۾ ڦوهر جو وڻ

سگهڙ جوسب مولدري، هڪ دفعي ڪنڊي جي ٽڙ ۾ ڦوهر جو وڻ بيٺل ڏٺو، جيڪو مڙس جي قد ڪان ٻه مٽي مورجي نڪتو هو. ان واقعي تي هيءَ معما ٺاهيائين:

ٻڌ ڏٺام ٻه چنا، ڪي جوڙي جا ڳهه تي
هڪ ٻئي مان اظهار ٿيا، امر آڪي جي
نر منجهان نر پيدا ٿيو، صحي ڏٺام سي
مي پيا گڏ گذارين پاڻ ۾ حال مڙني هڪڙي
تن جوا مر جدا، جسم جدا، جدا جاتيون "جوسب" چئي.

سوين هڪي سمنڊ سان، پئسائي هليا پر
منجهه هيرا ڪيترا، تاسيا رهيا تتر
توڙي رهيا منجهه، جر، چڪو نہ مليو تن کي.

## [١١١٦] ماڪي جون مکيون

ماڪيءَ جون مکيون گلن جو رس چوسي وڃي ماناري ۾ گڏ ڪن. پوءِ ماڻهو ماڪي لاهي ان مان فائدو وٺن. انهي مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻڌي:

مينهون آيون ملير ڏهون، چهڪ چنائون
سوپاري تنهن تڙ جو، پائي پتائون
جڏهن ڏڌائون، تہ عالم آسودا ٿيا.

## [١١١٧] ماهہ جي ٽيج

ماهہ جي ٽيج جو تلاءُ يا تڙ ڪونہ ٿئي. گهڻو ڪري هرڪو ساهوارو ماهہ جي ٽيج تي پلجي، پر رکيو هڪي آهن جيڪي ماهہ جي ٽيج ڪولہ پين. انهيءَ بيان تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٺاهي:

نہ آهي تڙ، ڪنهن ماڪ تلاءُ
ميرون مانگر سپ پين، پئي پاتشاهہ
پر انهيءَ تڙ متاءُ، پکين پيتوئي ڪينڪي.

## [١١١٨] مڇر

سگهڙ مٺي شيخ (لس ٻيلي جو)، مڇر تي معما چئي، جنهن ۾ هن مڇر جي انهيءَ خاصيت جو خاص طرح اهڃاڻ ڏنو آهي تہ مڇر اچي چڪ هڻندو، ۽ جي نہ هڪلبس تہ ايترو رت پيئندو جو اتيئي ڪري پولدو ۽ مري ويندو. مٺي جي اها معما هن ريت آهي.

جيوت هڪڙو جهان ۾، خاوند خلقيو آهہ
سو چلي وتي چوغان ۾، لنگهن پيو ليلاءِ

ڏيکارِ ڪنهن ديدار سين، ڪو نديءَ پاسي نر
پيو جو نرناڻو نالي تنهن نر مان، آيري ٿيو ازڪر
سو ٻنان ڦُول فڪر جي، ڦُٽيو جهلي ڦَر
ٿي تنهن جي نسبان نروار، اچي ڪامڻ ڪڍيو ڪر
تنهن جو ميوو موچارو گهڻو، جنهن ۾ حڪمت ۽ هنر
سا پڌمٿي پيدا ٿي، جنهن ۾ ڪونهي زور زهر
ڪو هوءِ عاقل اڪابر، ته ڪري نهارن جي "نر" چئي.

تڏهن سگهڙ حيدر به آن معما جو جواب ڏياري موڪليو ته:

پُوٽندي باغات ۾، جي تو ڏول ڏنا ٿيئي
ندي، نيان نڪونج جي، ٿي وهندي تهان ويئي
تِتي نيڻ ڪيا تو نير چئي، پاڄه، منجهان پيئي
پيڙ جو پيدا ٿيو، تنهن مان تِتي ٿي
سو ٿڙي نگيو ٿانڪ مان، ڪار ڪري ڪيهي
ٿي پَري تنهن جي پرمان، جا ننڍڙي نِگيئي
سا گيدوڙي ڪنهن ڪت سين، پڌري ٿي پيئي
آهن ڏول اهي ٿيئي، ڪي اچان پڇايانس پيڇرو؟

سا ميڙي سهڻين جهڙي آهي، هوءَ تنهن لوهڻون تيڻهي
متان تيلانه تي ڪئين ڪنهي؟

١٢- متان بديعل تي بناهه ڪري، تنهن سيفل ڪارڻ سيڪهي
سو سعد وزير ساڻ ڪٺي، لوڪئون ٻيو ليڪهي
سو تخت هزاري ترڪ ڪري، چڙهه ڏي ٻيو چڪهي
سو ساڻ ٻتوڙي پرزا ڪيو ڏوم مچايو ڏڪهي
سو لڳو ٻهه ٻرين جي ڪنهن هاءِ هار مٺهي
متان تيلانه تي ڪئين ڪنهي؟

١٣- جيرو وجهي جڳنڪ ٻڪائين، ڪانڌ ڪارڻ مٺهي
سا ستي هلي سٿون ڏيئي، ور ڳوليندي وٿهي
سا ستياوان، سيل سنڀالي، سانول ڪارڻ سيڪهي
سنهيءَ ڳهنيءَ ست ڏنائين، ڏسي ڪاري ڪنهي
سچو ناڻهه ڏٺيءَ جو سچ، ٻيڳي ٻرولسي هٿهي
متان تيلانه تي ڪئين ڪنهي؟

## روايت ٢-

ويٺي ڪئين ڪنهي، سا اڃان ڪانئيون ڪنهي

---

١- ڳاج ڳڏهه ڳاڏري، چري هيري چنهي
ميو، تاريو، مترس ڏنهي، ان ڏهاڙي ڪنهي
آيس وائيو اوچتو، سو ويٺو وهي هنهي
ساري ڪٽي سؤ ٻڌائين، چانشت متي چنهي
هو نيهه نمايو ناز مان، ويٺي روئي ٻنهي
متان اها تي ڪئين ڪنهي؟

٢- ٻج ٻرائي ٻنيءَ ۾، ڪنهن چاهل وڏو چنهي
هاڙپ ٻوڙو آڏ اتي، ڦلهار جو تو ڦنهي
متان اها تي ڪئين ڪنهي؟

---

روايت ٢: ماهنامو "نئين زندگي" فيبروري، ١٩٥٥ع تان ورتل.

۳- مَنَهن مهراڻي مارکي، لار پيئي لڄي
مڙس تنهن جو ٻاهر هو، تنهن اچي ڏني ٽيڪي(۱)
ماڻهن جي ملاحظي کان، هو پڙ ۾ پيئو پڇي
سڌي نيئي گهر ڏنائين ڌوڪ ڌٻر ڌچي
هئوء ليڪن نمايو ناز مان، ويئي روئي پٽي
متان اها ني ڪنيون ڪٽي؟

۴- چوري ني چڱي جي، جنهن کي لوڦر ويا لٽي
مونجهاري ۾ مٽڪي سو وڏو غريب گهٽي
ڏيو اوچنگارون آزي ڪري، تو پنهنجو ڪرم ڪٽي
متان اها ني ڪنيون ڪٽي؟

۵- ٻال سموڙي، ٻنهين چوڙي، پَن مهيندي دي ڪٽي
ٻانهن الا ري، چوڙا چاڙهي، نٿ هزارڻ گهٽي
ٽاندي دا بهانا ڪيتي، يار ڪوليندي وٽي
متان اها ني ڪنيون ڪٽي؟

۶- چپ چٽي، چنله ٽهٽي، لوني لڄي، منهن چڙهي مٽيا
مڙس آيس سونٿو ڪٽي، تنهن وڏس مٿو ڦٽي
سا موچڙن جي مار کان هت ويٺي ڪرم ڪٽي
متان اها ني ڪنيون ڪٽي؟

Gul Hayat Institute

۷- زال مڙس جي محبت گهٽي، پر ڪال وڏا ڪٽي
وڃن مي ولين تي، اچن مڪائون سيٽي
ڪَن عرض الله کي تہ من ڪو اسان کي ٻچي
لوڙهہ تن کي لوهہ ڪيو، پنهنجي لاءِ ٻچي
ازل آيو اوچتو، جو مڙس کي ويو مٽي
متان اها ني ڪنيون ڪٽي؟

۸- ٽوئي جيڏو جنگ پڇائي، چاڙهو مڪڻ وٽي
موڙهي گهڻي سهريان جي، ڪاري جهليس ڪٽي

---

(۱) ٻي روايت: ڪانڌ بہ آيس ڪم تان، وڏ ئينس ڏ پڙ ڏسي.

سا ڏڙ هت ٽنگون مٿي، ونو هٿ سان چٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

## روايت -۳

اهان ڪٿيون ٻئي ڪٿي، ويئي ڪٿيون ڪٿي.

---

۱- ساز سڳرندا سر ڪري، ڳڙهه جي ٻامي ڳٽي
وڏي سر راوَ ڏياچ جو، چانڊٺ مٿي چٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

۲- موسل ڳوٺ جو ميندرو، ويو محبت مٽي
راڻو ريڏو رَءَ سان، جو رنگ محل ۾ رچي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

۳- ليليٰ خاطر مجنو، ٿو ٿَر ٿَر ۾ ٿڪي
نينڍي نيڙي ناز ڪري، اندر ۾ ٿو ٻڪي
آيس دايو دِهه ۾، جنهن وڏو ڏمالي ڏڪي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

۴- ساهڙ ڪارڻ سهڻي، واهڙ ترندي وتي
ٻيلو ٻگس ٻر ۾، جا لڙهي لوڪ ستي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

۵- ٻنهي ڪارڻ سسئي ماندي، جبل جهاڳيندي وتي
ساهه ڪيائين صدقو، پنهنجو ڏاگهن ڏيرن تي
هتو ٻه چڏي ويس هيڪلو، ڪري چوري چڙ آتي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

۶- رن گدلي "گاڏ" چئي، جنهن کي ٻار هٿا ٻنهي
جنبو چنو هٿن کي هٿي، ڪنهن گهورني وڏا گهٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي!

---

روايت -۳: هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

۷- وَٽي وَٽوڙي هٿ ۾، هٿي عجيبن اکياڻ
ٻاٽي ٻريئون تي ٻرت مان، سا ڇنڪي چوم منجهاءُ
ڪڙڪي ڪنگو تي لڳي، ٿي ٽڙ ٽڙ ڪري ٽڪاءُ
متان اهو ٻڌئي ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

## روايت -۲

ڪنهن سگهڙ ونو، مٽ ۾ وڌو. اتفاق سان ونو هٿ مان ڇڏائي ويس، ۽ ”ٻڙ ٻڙ“ ڪندو وڃي مٽ جي تري ۾ پيو. ان تي معما جوڙيائين تہ: ”ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ، ٻُڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ“. ٿي سگهڙ وري جدا جدا بيت چئي، معما سجي ڪئي. اها روايت هيٺين طور آهي:

ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ، ٻُڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ.

---

۱- آڌي رات اٿي، سا ٽيي سائي ولوڙي سنڌي
منڌي ڪري ٻيئي ڏونري ۾، ڏونري ڪيا ٻڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ!

۲- آئيون هٿيون ڏڙ ٽنبي سان، مٽيو ٻيو متان
نير هٿا ٻيرن ۾، ڪڙين مان لڳي ٽيو ٽڪاءُ
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ!

Gul Hayat Institute

۳- سينهون هيون ڪنڍڙيون، سي ويئيون ٻيٽ متان
شينهن ڪئي گوڙ، سينهون ٻگهيون، جن جي ڪُرن ڪيا ڪڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ!

۴- ٻاٽي ٻرڻ هلي ٻاٺياري، سٽون ڏيئي سانڍ هور ۾
ٻلوڻ ڪري ٻيو ٽڙ ۾، تنهن تڙ ڪيا ڪڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

---

روايت -۲: هي روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند کان ملي.

اني هڪ ته هرڻ ڪهڙا هئا ۽ ٻيو ته شڪار جي لاءِ ويجهو اچي ٿي ٻَل ڏنائون. هرڻن جو اهو لقاءُ ڏسي هن معما پڇڏي، سگهڙ حاصل فقير وسائي ٻوٽي دي آئي ڏني ته:

گهمن سي ويجهو، ڇا گهمن سي ويجهو؟

حاصل فقير اها معما هيٺينءَ ريت ڳولي سڄي ڪري ڏني:

۱- جبل ڪارونجهر جو ننگر ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۲- تَراءِ پڪي جو وَچانن ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۳- رڻ ڪيراڙي جو آڪرڻ ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۴- وڻ پاڪي جو وڍڻ ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۵- جهنگ جهانگري جو وهڻ ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۶- آڪ ڪٽرڻ جو آجها ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۷- ٻير ٻاٿري، ڪيرڙ ڪاتن جو، چرڻ ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۸- مُرڪ گوڙاٽي جو چاڙهن ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۹- پَٽهڻ ڪيهڙي جو مقام ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

۱۰- گاهه موڙاٽي جو چرڻ ڪي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

---

۱۰. موڙاٽي: ڪيهڙي ڪان ۽ ڪوهه اورتي.

Gul Hayat Institute

سکھڙ اھو ذڪر ٻڌي ڪوٽ ڀھتو ۽ ان ٻيان تي معما ٺاھيائين ته :

روئي لڙڪ لوئي، لڙڪن مان مُنھن ڌوئي ڙي!
لڙڪن مان مُنھن ڌوئي ڙي!

---

١- ماروئيءَ جي ملير ۾، ھئي ڳالھ گھٽي
قضا قلم وھائيو، ھيءَ واحد ڳالھ وٽي
آندي سَدر سومري، مٿان ڪوھ ڪٽي
قابو ڪيائين ڪوٽ ۾، ھئي ھڪ چٽي
ھزارين حيلا ڪيائين، ٻر ٻازي ڪين ٻٽي
ھوءَ ماندي ھئي محلن ۾، اندر آڳ آٽي
محبت ماروئڙن جي، ھوھي ڪيس ھٽي
ڏٺائين ڀٽي ڏيھ ڏي، ھيس حب گھٽي
سوگھي ھيس سرير ۾، فراقن ڦٽي
ھڪاريائين ٻھ ڪري، ته ڌڻ مان ميل ڌٽي
ويس چوھ چٽي، ھئي راتو ڏينھن راڙھي ۾
سا راتو ڏينھن راڙھي ۾، تي زارو زار روئي
روئي لڙڪ لوئي، مٿان آئي تي منھن ڌوئي؟

٢- ليلان ٻٽي لاڏلي، ٻر ھائي ٻنيو ھار
مٽي تي موھ ڪري تي خطا کائي خوار
لڇي پيئي لوھ ۾، ڪونروءَ مليو قرار
دل ڪٽي ويو داسڙو، ٻجي من ٻتار
اڙيءَ ڪي ھو آسرو ته مھر ڪندو موچار
ٻر چنيسر ويو چاھ ڪٽي، ٻورو ٿيو ٻيار
پوءِ ڪامڻ ٿي ڪوڪون ڪيون ته ماري ويو منٺار
ڇڏي ويو چيھ ڪري، آجھو ۽ آذار
ڏيئي ويو ڏکن جو ميھٽو مٺيادار
ٻوءِ روئي زارو زار، ليلان ھئي ليلائيو

Gul Hayat Institute

ليلان پڻ ليلائيو ته ڪو چنيسر کي چوئي
چوئي لٽڙڪ لوئي، متان آتي تي مُنهن ڏوئي؟

٣- مُومل جي محلات جو، هو ٻيو ٻيو پسارو
شاهن اچي شوق ڏيو، اندر آمارو
آيا ڪيئي آڪير مان ٿي، تر هٽيو تارو
پنديئي پائي ڏيا، ناتر نظارو
ڪي ڪُسي ويا ڪاڪ تي، ڪن واپس ڪيو وارو
راڻو ٻه اچي رسيو، سوڍو سوپارو
مومل ماڻي مرد ويو، ڏيو هرهنڌ هاڪارو
سو ايندو هو آڌ رات جو، هو مڙس موچارو
قضا ڪم ڪري وئي، پيو مومل تي مارو
ستل ڏسي مُومل کي، هو ڪڙهي ڏيو ڪارو
پوءِ مُور نه آيو مينڌرو، هُو ويو پيچي وارو
مومل هلي ميڙ ڪري، سات چڙهي سارو
پوءِ راڻو ريڍو ڪينڪي، هو رهيو ريسارو
پوءِ ڪامڻ ڏکي ڪارو، رُني پڻ راڻي اکيان
رُني پڻ راڻي اکيان، من ترس تنهين کي ٻوئي
ٻوئي لڙڪ لوئي، متان آتي تي مُنهن ڏوئي؟

٤- سُهڻي گهڙي سير ۾ ڪري الله تُهار
ڪچو گهڙي ڪچ ۾، ميلڻ لئي ميهار
تي رواني راهه تي، وهم چڙهي ويچار
ويئي هئي وير ۾، لڳي جي لاچار
آئي قضا ڪريم جي، تنهن دلو هٽي ڪيو ڏار
لُڙهي هلي لهرين ۾ درياءَ جي دڙڪار
واڪون ويڙهي آئيا، مانگرمڇ هزار
لُڏڙا، ڪچون، ڪُميون، سوين ٻيا سينسار
مارا تي مڙيا اچي، چڪ هڻي چودار

Gul Hayat Institute

ٽيا آرَ آجل جا، ويچاريءَ تي وار
ويو مَٽ سرير مان، نيڻن وهيا نار
ڳڪاريائين پريت مان آندر انڌوڪار
تہ ميهر ڪري ميهار، سانئي ٽِجان سيڙ ۾
سانئي ٽِجان سيڙ ۾، سيءَ وڏو سوٽهي
سوٽهي لُڙڪ لوٽي، متان آتي ٿي مُنهن ڌوٽي؟

٥- آيا ڏير ڏَمرجي، ڀڪڙي پنهون نيائون
سسئي ڪين سجهيو، جا ڪيرت ڪيائون
ڇڏي نماڻي ننڊ ۾، ڇوهَٺون ڇڪيائون
مُنهن ڪري مڪران ڏي، ڪرها ڪاهيائون
سَسئي ڪي مُنجهو ڪري، رڻ ۾ راهيائون
ڪيا هين ڪَٺين ڪُوڪرا، ڀر سڏ نہ سڻائون
ويئون و چائون، وِلهيءَ جون وَڏڪار ۾
وِلهيءَ ڪَئي وَڏڪار ۾، ووءِ ڙي ووءِ
ووءِ لُڙڪ لوٽي، متان آتي تي مُنهن ڌوٽي؟

٦- صابر سَنبھي سيگهہ مان، هو هوڪاري هليو
وٺي واٽ واريءَ جي، تنهن هيجئون هوڪاريو
مودري جي ملڪ ۾، تنهن عجب رنگ ڏٺو
ڀري هٿي پيهي مٿي، جنهن تي جهارَڪي جهڪيو
نوريءَ سين نيڻ مليا، صابر صبر ويو
ڀوءِ تہ اچي ڀريت جو، ماڳهين مينهن وٺو
ٽيون روح رهاڻيون، ويچو سپ ويو
عشق لڪيو ڪينڪي، ڀڏرو ٿي ڀيو
روڪڻ وارن روڪ ڪئي، ڀر ڀره نہ بيٺو
آخر انهن عاشق وٽ مصحف ميڙ مڪو
تہ وري نہ اچج ويڙهہ ۾، آئي سڻهن اهو
صابر ويو سيڙيءَ ڏي، مو وري ڪين وريو

عِلم ٻنان آڌين سو، عاجز ڪيو آهي
ٻنهي مان پوري نه ٿئي، ائين ٻيا ٻه ڇهي ويا ٻٽي
مٿان انهيءَ اوسيڙي ۾، ويٺو دونهان جهٽي؟

٤- اُستاد ٿيڻي آفيسرن جو، ڏڪار وڌو ڏٽي
آڪهه وڌي، اَنُ مهانگو، پيٽ وڌو ٻٽي
ڀُسو ناهه، پوشاڪ جي جهوريءَ وڌو جهٽي
ٻگهار تورو ٻورت ناهه، قرض وڌو ڪٽي
ٻدلي ڏور، ڀاڙو وڌو، قافي ۾ ڪيئن ڪٽي
مٿان مسافريءَ ۾ ماستر، سو ويٺو دونهان جهٽي!

Gul Hayat Institute

# باب ٻارهون

## گُرو چيلو

۱

[ ’گرو چيلي جا سوال جواب‘ ٻهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ عام مقبول آهن. ڪچهريءَ ۾ هڪ سگهڙ ’گروءَ جو سوال‘ پيش ڪندو ۽ ٻيا ان کي ويچار ڪندا ۽ ان جو جواب ٻڌائيندا.]

هنن ٻرولين مان هرهڪ جون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جن کي ڀيٽي ۽ سڌوڙي سنواري متن ۾ رکيو ويو آهي، ۽ مکيه اختلافي روايتون هيٺ حاشيه ۾ ڏنيون ويون آهن. باقي ٻيون روايتون، جن ۾ جزوي يا محض ٻولي يا لفظن جو فرق هو، آهي نه ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته متن واري روايت انهن جو ڇڻ جامع عڪس آهي.

هنن ٻرولين ۾ ”گرو“ جي سوال واري ٻي سٽ جدا جدا نمونن سان ملي آهي، مثلاً:

کهه چيلا ڪيس ٻاءِ

—

کهه چيلا ڪيس ٻات

—

کهه چيلا ڪيس ڏاهه

—

کهه چيلا ڪين ڏاهه

—

کهه چيلا ڪين ٻهر

—

Gul Hayat Institute

هن باب ۾ اول گُرو چيلي جي سوال جواب واريون آکاڻيون عام مروج روايتون ۽ ان کان پوءِ شاعرن جون ساڳيءَ طرز تي جوڙيل پروليون ڏنيون ويون آهن.]

## (الف) گرو چيلي جون روايتي پروليون

[١١٣٥]

گرو: ڇَرڪي ڇَڪر لائيا، پڻون آهيڙا ڪاءِ
وَهنو ويچاري ڦيري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گرُوجي آڻ نهين.

(جنڊ جي سڪڙيءَ ۾ آڻ (لوهي چلو) پيل ناهي ان ڪري رينگٽ پيو ڪري؛ پڻ ۾ ، آڻ (تيل جو ٻڙو) پيل ناهي تنهنڪري چيچاٽ ٿي ڪري؛ ۽ زال به هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦيري، جو ڪيس آڻ (جهل پل) ڪانهي.)

[١١٣٦]

گرو: اوپاسي آنٽ گهٽي، پيٺي سُڪي جاءِ
تيل چڙهي ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي آيا نهين.

(اوپاسيون گهٽيون آهن، جو آمل آيو ناهي؛ رڃيل زمين به سُڪي پئي، جو هَرن ڪاهڻ لاءِ هاري آيو ناهي؛ ۽ ڪنوار (ڪامڻي) به ونواهه ۾ ويٺي آهي، جو گهوٽ اڃان آيو ناهي.)

[١١٣٧]

گرو: گَنجڻا نه وسڻا، ڦوُڪڻا سپ نه کاءِ
عاشق سڄي رات پڻا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

---

[١١٣٦] ٻي روايت: ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
[١١٣٧] ٻي روايت:
جهڙ گجدا وسدا نهين، عاشق معشوق ملدا نهين
نانگ پيران وچ ڦِردا ڏنگدا نهين، ڪهه چيلا ڪسي بات؟

چيلو: گروجي امر نهين.

(ڪجي ٿو هر وسي نٿو، جو خدا جو آمر ناهي، ڏٺو ڪون ڏيندڙ نانڪ به، چڪي لٿو، جو ان ڪي آمر ناهي، ۽ عاشق به، سڄي رات معشوق جي انتظار ۾ ويٺو رهيو، جو ڪين مليو جو امر نہ هو.)

[١١٣٨]

گرو: پيڙي پار نہ آڪري، جنڊ رکيو جاءِ
عورت ميٽ نہ ملّيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي اولا نهين.

(پيڙي پار نٿي آڪري، جو اولو (ڪِن) ڪونهي، جنڊ اٿو نٿو پيهي، جو هوا ڪان اولو ڪونهي، ۽ عورت به ميٽ نٿي ملهي، جو وهنجڻ لاءِ اولو ڪونهي.)

[١١٣٩]

گرو: ڏکي ڦردي رهہ ڪٿي، واهي وهي جاءِ
راڄ رُلا رهہ ڪيا، ڪهو چيلا ڪيس ڪاهہ؟

چيلو: گروجي ٻنڌي نهين.

(ڏکي رُلندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي، واهي وهندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي ۽ راڄ به رُلو رهيو، جو راڄ ۾ ٻڌي ناهي.)

Gul Hayat Institute

---

[١١٣٨] ٻيون روايتون:

١. مهري وهنجدي نهين، سالي پڪدي لهين
معشوق مليا نهين، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

--

٢. چڪي والي غم ڪيتا، پارا بهت پولدا
ڪشتي پار لہ چلشا، ڪهہ چيلا ڪيا بات؟

--

٣. باهہ سهاءِ نہ ڏئي، جنڊ آٿو لہ ڏئي
سنڌ درياءَ لہ آپي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

[١١٤٠]

گرو: ڏٺي ٻڪري نہ سڃاڻي، اَٽ ڪپڙ نہ کاء
هاري جهار نہ هڪلي، ڪهو چيلا ڪس ٺاء
چيلو: گروجي ڀُوري نهين.

(ٻڪرار ٻڪري نٿو سڃاڻي جو ڀُوري (ٻڪري جو قسم) ناهي، يعني ڀُئي رنگ جي آهي؛ ڪڙمي ، جهار نٿو هڪلي جو ڀوڪ ڀُوري (سنگن پچڻ وقت، مٿان ڀوري يا ڀُرڀُر) نہ آهي؛ ۽ ڪپڙ ڪي ، ڀوري (ڀُور) ڪانهي، تڏهن اَٽ نٿو کائي.)

[١١٤١]

گرو: جتہ اَٽ تي نهين چڙهدا، ٻڪا سر تي نهين ڏهدا
بادشاہ فرياد نهين سڻدا، ڪهو چيلا ڪس بات؟
چيلو: گروجي پينا نهين.

(اَٽ تي جت نٿو چڙهي جو اَٽ ويٺو ناهي؛ ٻڪو ، سر تي نٿو ڏهي جو ڀوريءَ طرح ويٺہ ناهي؛ بادشاہ ، فرياد نٿو ٻڌي جو اڃان تخت تي ويٺو ناهي.)

[١١٤٢]

گرو: ڪوٺي چڙهي ڪامڻي، ڀُون ٻـہت ساٽ چڙهيا
پاڳيا اول نہ ڏيوي، ڪهو چيلا ڪس پاء؟
چيلو: گروجي پوءِ نهين.

(زال ڪنڌ تي چڙهي ويٺي آهي جو مڙس جو ڏپ ڪونهيس قافلي ٻرہت واري سڃهي واٽ ورتي آهي جو ڌورن جو ڏپ ڪونهي؛ ۽ سال وارو پاڳيو واڙ ڪي لوڙهي جي ٺاہ نٿو ڏئي چاڪاڻ تہ چورن جو ڏپ ڪونهيس.)

---

[١١٤٢] ٻي روايت:

ڪوٺي چڙهي ڪامڻي، ٻُولپت چـڙهـيـا سـاڌ
پاڳيا آرلي نہ ڏيوي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

[١١٤٣]

گرو: سات سويلا آئيا، ڪاهي انهن نه پاڻ
ڀَڄُون ٻولي هَسْتَنِي، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي پڙ نهين.

(قافلو جلدي آيو آهي جو واٽ تي ٿُر جو پڙ نه هوس، ڪاهيءَ ۾ آنهن لٽو هوي جو ڪاهي پرجي وئي آهي ۽ وڏيڪ جاءِ ناهيس، ۽ عورت به گهٽو ٿي ڪالهائي جو سڙمن جو پڙ ناهيس.)

[١١٤٤]

گرو: پيڙي جر ۾ نه هلي، گاڏي چلي نه جاءِ
دوست محبت نه ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي تار نهين.

(پيڙي نتي هلي جو پاڻي تار نه آهي، ريل گاڏي به نتي هلي جو پيءَ اسٽيشن تان تار نه پهتي آهي، ۽ معشوق کي به دوست نتو ملي جو عشق جي تار ناهيس.)

[١١٤٥]

گرو: چلم رسيلي نه رهي، ٽُري ٽپ نه ڪاڻ
ڪُتا هرڻين نه پُڄي، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي تازي نهين.

(چلم رسيلي ناهي جو پاڻي وجهي تازي ڪيل ناهي، گهوڙي به ٽپ نتي ڏئي جو تازي ناهي، ۽ ڪُتو به هرڻ کي نتو پُڄي جو تازي ناهي.)

[١١٤٦]

گرو: پيل گاڏي بند رهي، چور نه چوري جاءِ
ڪدڙي راڳ نه راسيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي ناڙي نهين.

Gul Hayat Institute

(ڪاڏي ڪي تاڙي ڪانهي تڏهن بند رهي؛ چور چوري نٿو ڪري، جو تاڙي (جاچي) ڪانهيس؛ ۽ ڪدڙي جو راڳ به رس نٿو ڪري، جو سائس تاڙي وڃائڻ وارو ڪونهي.)

[١١٤٧]

گرو: واڍا نار نه چاڙهي، مهمان پيئا نه جاءِ
دشمن هر هر آوي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڏڏا نهين.

(واڍو لار نٿو چاڙهي جو ڏڏو (ڪوهاڏو، پڙاڏو) ڪونهي؛ مهمان ويهي نٿو، جو ڏڏو ڪونهي؛ دشمن به وري وري تو هلان ڪري، جو تڏيل (هٿيل) ڪونهي.)

[١١٤٨]

گرو: ڪام ڪوئي نا چڙهي، اٽ نه جت سين جاءِ
نديا پار نه وڃنا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڏري نهين.

(ڪهر تي ڪام نٿي چڙهي، جو ٽري (گهڙيل) ناهي؛ اٺ جت سان نٿو هلي، جو اٺ کي به ٽري (نڪ جي سوراخ ۾ ڏاڪو پڌل) لڳل ناهي؛ ندي به ٽري نه اٿس، تنهنڪري پار نٿو وڃي.)

[١١٤٩]

گرو: ول وٹ تي نه چڙهي، سڄي ڏئي جاءِ
بيمار ٻڪيا رهه گيا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي ٽٻور نهين.

(ول وٹ تي نٿي چڙهي، جو ول جي موسم ناهي؛ سڄي به گهٽي ناهي، جو ٽٻور نه ڪيو اٿس؛ ۽ بيمار به ٻڪيوان ڪري رهيو، جو ٽٻوري پاڇي ناهي، جنهن سان ماني کائي.)

[۱۱۵۰]

گرو: چرخا چيچٽ ڪري، لٽٽ لڙڪا جاءِ
نهه نهه ڪري ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ٽوڪيا نهين.

(نار چيچٽ تو ڪري، جو واڍي ٽوڪيو ناهي) نار جي لٽٽ به ٻئي لٽڪي، جو جڳيءَ طرح لوڪيل ناهي) ۽ عورت به وڏي آواز سان ٿي ڪيلي جو ان کي مڙس سيڪت نه ڏني آهي.)

[۱۱۵۱]

گرو: بڙا موتي مٺه ٽورڙا، ڪري نه ڪناري گهاءِ
تلاءُ سڪا رهه گيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي پاڻي نهين.

(موتي وڏو، پر قيمت ٿوري اٿس، جو آبدار (پاڻي وارو) ناهي) ڪناري گهاءُ نٿي ڪري، جو ان کي پاڻي آيل ناهي ۽ تلاءُ به سڪو پيو آهي، جو ان ۾ پاڻي ناهي.)

[۱۱۵۲]

گرو: کيرڙ ونڻ نه ولهي، اوڏ نه ميڻي چاءِ
بيمار سڻتيي نه پيئي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي پسي نهين.

---

[۱۱۵۱] ٻيون روايتون:

۱. جمل جلدي نه ڪري، ڪانتا ڪري نه گهاءِ
زمين ڦير ڦير ٿڪا، سبزي نه ديکا ساءِ
کهه چيلا ڪيسي بات؟

۲. موتي بڙا، ملهه ٿورڙا، ڪنا ڪري نه گهاءِ
رڻ کهڙيا رجپوت لڙيا نهين، کهه چيلا ڪس ڀاءِ؟

(ڪرڙ وڻ نٿو وٺي جو منجهس ڦٽسي ڪانهي، اوڏ ميڻي نٿو ڪٽي، جو ميڻي ڦٽسي (ڦڻل) ڪانهي ۽ بيمار سٽي نٿو ڀيٽي جا آها ڦٽسي ڪانهي.)

[١١٥٣]

گرو: مرد درياهه نه گهڙي، گوري هار نه پاءِ
جهونا راجا راڄ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ٻوٽيا نهين.

(مرد درياءَ ۾ نٿو گهڙي، جو ونس گوڏ ٻڌڻ لاءِ ٻوٽيو (ٻوٽڙو) ناهي، عورت به هار نٿي پائي، جو اهو ڦٽوتو ناهي ۽ پيرمن راجا اجان راڄ پيو هلائي، جو ڪيس ڦٽ ناهي.)

[١١٥٤]

گرو: ڦٽرس سٽونهان نه ڦٽري، اڪ نه چٽني جاءِ
ڪچهري رس نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڦها نهين.

(ڦٽرس سونهين ڪان سواءِ نٿو هلي، جو ڦهو يعني ڀچرو ناهي، اڪ به نٿي چٽني، جو ڦهو ٻڌل ناهي ۽ ڪچهري به رس تڏهن نٿي ڪري، جو ڦهه يعني ارادو يا خيال هڪ جاءِ ناهي.)

[١١٥٥]

گرو: ڏونهي ڏونهن نه سينجري، محل نه جهٽي واءِ
ميهه نه ماري مڇلي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي جاري نهين.

(ڏونهيءَ مان ڏونهون لٽو نڪري، جو ان کي ڪولي جاري نه ڪيو ويو آهي، محل ۾ به واءُ نٿو اچي، جو ڪٽان جاري

---

[١١٥٣] ٻيون روايتون: ١. هندو گنگا نه گهڙي – الخ.
٢. جهونا راجا جڳ ڪري الخ.

[١١٥٥] سينجري = اڪري.

يعني ڪُتڙ ڪي نہ اٿس، ۽ مهاٿو بہ، مٿي نتو ماري جو ونس
چاري ڪانهي.)

[۱۱۵۶]

گرو: راڳ رسيلا نہ رهيا، مُردا مقام نہ، جاء
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٿاءِ؟
چيلو: گروجي جوڙي نهين.

(راڳ رس نتو ڪري، جو جوڙي (ڪانٽي جو جوڙ) ناهي ۽
ميت بہ مقام پيڙو نتو ٿئي، جو جوڙي (ڪفن) ناهي ۽
حاڪم عدالت نتو ڪري، جو ڪورٽ جوري (ويهاري)
نہ اٿس.)

[۱۱۵۷]

گرو: پاري اڪ نہ ساڙيا، ساٿيي نہ، ڪهو ڪهاء
ڪامڻ گهر پال نہ رويا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟
چيلو: گروجي چاوا نهين.

(پارو آڪ نتو ساڙي جو چاٿو ناهي، ساٿي ولوڙجي نتي، جو
کير بہ چاٿو ناهي ۽ گهر مان پارڙي جي روئڻ جو آواز
نتو اچي، جو چاٿو ناهي.)

[۱۱۵۸]

گرو: عورت اونهي تي چڙهي، چور چوري ڪئون جاء
مرد ميڙي ۾ ٹڪ مري، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟
چيلو: گروجي روڪ نهين.

(عورت ٿلهي تي چڙهي ٿي جو ڪيس روڪ (منع) ڪانهي ۽
چور بہ چوري ڪري، جو ڪيس روڪ (جهل) ڪانهي ۽
۽ مرد بہ ميڙي ۾ ٹڪ پيو مري، جو ونس روڪ (نقد) ناهي.)

[۱۱۵۹]

گرو: پيلي پيو ٹڪ مري، پٽي ونـي ويـو ڪاهہ
لشڪر سپاهہ نہ وڙهي، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي **ساهي** نهين.

(ميٺ جت کي پهچ نٿو ڏئي، جو ساهي (واند ڪائي) نه، اٿس، ٻيءَ ۾ ته، گاهه کهڻو ٿيو آهي جو ڪيس (آرو) ڏنل ناهي؛ ۽ لشڪر ۾ دشمن سان نٿو وڙهي، جو اُن کي به ساهي (موڪل) ڪانه ملي آهي.)

**[١١٦٠]**

گرو: رُنا عاشق آهي ٻرتا، چڪر ڦيري نه جاءِ
ڳوري ڳهڻا نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيا پاءِ؟

چيلو: گروجي **سري** نهين.

(عاشق از خود اچي معشوق سان مليو، جو ان کان سواءِ سري نه سگهيس؛ چڪر (نار) به ڦيري نٿو، جو اُن کي سري (سرائي) ڪانهي؛ ۽ عورت به ڳهه لئي پائي جو سر (ڏانوڻي) ڪانهيس.)

**[١١٦١]**

گرو: پينس دوها نه پڙيا، ٻورا ٿئونا جاءِ
نفر سڌ ديا نهين، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **سوڌا** نهين.

(مهينهن کير سان ساڙهو نٿي پڙي، جو سوُڌا ناهي؛ ٻورو به انهيءَ ڪري ڦاٿل آهي، جو سڀ لاءِ سوُڌو ڪونهي؛ ۽ نوڪر به سڌ نٿو ڏئي، جو سڌو يعني ٻڌو ناهيس.)

---

[١١٦١] ٻيون روايتون:

١. مينهن ماٺا نه پري، پانهي سڌ نه آلاءِ
ٻوري رهه ڳئي جاءِ، ڪهه چيلا ڪس پاءِ؟

٢. پينس دوها نه پري، ٻوري ڪٿي جاءِ.

[۱۱۶۲]

گرو: ڏُونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏڏڪا ڪري نہ درياه
ڀَهرُو ڪاڻ ڀاپ هئي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سير** نهين.

(ڀن ڏاندن هوندي بہ هَرَ نٿو هلي، جو ڏڳن کي هلائڻ واري سير (نوڙي) ناهي؛ درياءَ بہ گاج نٿو ڪري، جو اڃان سير نہ ڪئي اٿس؛ ۽ ڀَهرُو ڪاڻ بہ ڀاپ آهي، جو سير (تڪبير) پيل ناهي.)

[۱۱۶۳]

گرو: ٻينڪ ڀُونڪڻ ٻين نہ رهي، گهوڙا گاهہ نہ کاءِ
مرد نہ آوي پاڪرينُ، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سينڌا** نهين.

(ڪتو ڀُونڪڻ نٿو ڇڏي، جو ماڻهو سڃيڻڊو (واقف) ناهي، گهوڙو گاهہ نٿو کائي، جو سڃيڻڊو (تازو) ناهي؛ ۽ مرد بہ ڪينڪر ۾ پاڪر نٿو پائي، جو سڃيڻڊو (واقفڪار) ناهي.)

[۱۱۶۴]

گرو: مُلانُ نڪاح نہ پڙهيا، حاڪم عدالت نہ ڪياءِ
چور چوري نہ ڏَسي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **شاهد** نهين.

(ملان نڪاح نٿو پڙهي، جو شاهد نہ آهن، حاڪم بہ عدالت نٿو ڪري، جو شاهد ڪونهن؛ ۽ چور چوري موٽائي نٿو ڏئي، جو ان جا شاهد ناهن.)

---

[۱۱۶۲] ٻي روايت:
ڏُونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏُڏڙ نہ ڪري درياءَ.

چيلو: گروجي **ڪري** نهين.

(دوا فائدو نٿي ڪري جو اُن جي ڪِرِي (پرهيز) ناهي؛ ماني به نٿي پچي جو ڪِرِ (ڦُلهيار) ناهي؛ ۽ ڪجور به ڪاٿي نٿي سڪهجي جو وڻ مان ڪِرِي ناهي.)

[١١٦٨]

گرو: ٻر ۾ ٻيل سينگاريا، ري آرلِهن مال جاءِ
ٿَهه ٿَهه ڪري ڪامٽي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪوڏر** (ڪو + ڏر) نهين.

(ٻر ۾ ڏاند سينگاريو پيو گهمي جو ڪوبه ڏر (ٻِڙ، ڊِپ) ناهي؛ مال کي به بند ڪرڻ لاءِ آرليون (ڪاٺيون) ڏنل ناهن جو ڪوبه ڏر ناهي؛ ۽ عورت به زور مان ٿي ڪِلهي جو ڪيس ڪوبه ڏر (ڊِپ) ڪونهي.)

[١١٦٩]

گرو: ڪَتَ تي رَلي نه نهي، ٻهارا مٽي نه چاءِ
نينگر گهر وچ رورَهي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **گُڏي** نهين.

(ڪَتَ تي پيل رَليءَ تي گُڏِي (ٽُڪَ) ڪانهي ان ڪري سونهي ٿي؛ ٻهارو ميٽي ٿو ڪٿي جو هُن گُڏِي (ڪَنِّي) ڪانهي؛ ۽ چوڪر کي به گُڏِي (رانديڪو) ڪانهي جا ڏسي ماٺ ڪري.)

[١١٧٠]

گرو: مهمان ماني نه ملي، جوان جُهَٽِي نا پاءِ
آسَّنِي هاٿي نا پري، ڪهو چيلا ڪس ٺاهِ؟

---

[١١٦٩] ٻي روايت:

چوڪري بس ڪريندي نهين، اوڏ ميٽي چاڻيندا نهين
رليي ڪَتَ تي نهدي نهين، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گروجي **گهڙي** نهين.

(مهمان کي ماني نئي ملي جو ماني گهڙي (ٺاهي) ناهي؛ جوان به جُتي نئو پائي جو جُتي اڃان گهڙي (ٺهي) ناهي؛ ۽ عورت به پاڻي نئي پيري جو آن وٽ گهڙي (دلي) ڪانهي.)

[١١٧١]

گرو: ڪولهي چڙهي ڪاٺي، پيڙي ڪٺوها نه چاءِ هوندي ثمر هلدا هٿي، ڪهو چيلا ڪس ڏاه؟

چيلو: گروجي **لاڄو** نهين.

(عورت جاءِ تي چڙهي ٿي جو کيس لڄ ناهي؛ پيڙيءَ جو کوهو به نئو کڄي جو لاڄو (سڙه) پڌل ناهي؛ ثمر هوندي پڻي ٿو جو کيس لڄ ڪانهي.)

[١١٧٢]

گرو: عاشق معشوق نه مليا، قاصد ڪڙا آناءِ واڻيا پڙهي وَهيي ڪُون، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لکيا** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو سندن لکيو نه هو؛ قاصد لاءِ به خط لکيو ناهي جو ڪٿي وڃي؛ ۽ واڻيو سنجهي پيو آهي جو وٽس لکيو (حساب) ڪونهي.)

[١١٧٣]

گرو: برجلوٽ باز نه ماري، پڙڪا ڪري نه پاھ معشوق منهن موڙ کيا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لڳي** نهين.

(برجلوٽ بندوق باز کي نئي ماري جو لڳي (چڻي) ناهي؛ پاھ به پڙڪو نئي ڪري جو اها به لڳي (دُکي) ناهي؛ ۽ معشوق مُنهن موڙي ويو جو ان جي به دل لڳي ناهي.)

[١١٧٤]

گرو: ڏکي ڏُکيي نہ رهي، عاشق ڪري نہ آه،
آگ آلا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڏاه؟

چيلو: گروجي لڳيي نهين.

(ڏکي ڏُکيي نہ آهي، جو لڳي ناهي، عاشق معشوق بہ پاڻ ۾ نٿا ملن، جو دل لڳيي ناهي ۽ باه آلا نٿي ڪري، جو پوريءَ طرح دُکبي ناهي.)

[١١٧٥]

گرو: آڏوتي آس مري، ڍولڪ ڪري نہ ڏاه،
بانهي ٻهون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي مڙهي نهين.

(ٻانو آس ۾ پيو مري، جو ڪيس رهڻ لاءِ مڙهيي ڪانهي؛ ڍولڪ بہ پوريءَ طرح آواز نٿي ڪري، جو مڙهيل ناهي؛ ٻانهي بہ گهڻو ڪم ني ڪري، جو مڙهيي (پوڙهي) ناهي يعني جوان آهي.)

[١١٧٦]

گرو: آٽ ورڪ نہ ڪائيهي، مرد آيا نہ ڪچهري جاءِ
سيهري نٿ نہ پاوي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڊور نهين.

---

[١١٧٦] ٻيون روايتون:

١. آهُو وڻ لهين چرندا، مرد ڪچهري نهين ٻهندا
سيهري نٿ نهين پاوندي، ڪهو چيلا ڪيا بات؟

٢. آٽ گاهہ نہ چري، سهاڳڻ زال نٿ نہ ڪري
نانگ گهر ۾ هر گهڙي، ڪهو چيلا ڪهڙي بات؟

(آنڪ گاهه نٿو کائي، جو گاهه ۾ سور (ڳوڻچ) ڪانهي؛ مرد به ڪچهريءَ ۾ نه آيو، جو ڪچهريءَ جي ويهڻ جو ڏانءُ ڪونهيس؛ عورت به نٿ نٿي پائي، جو نٿ ۾ مورُ (چوٽ) ڪونهيس.)

[١١٧٧]

گرو: مڙهي آڏي ڏينگهري، ڳوڏا نا ٽاڪي جاءِ
ڳوري منڪ سونهي نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ناٽ نهين.

(مڙهي جي دروازي ڪي ڏنگري آيل يعني دروازو ڀوريل آهي، جو مڙهي ۾ ناٽ (فقير) ڪونهي؛ ڏڳو ڀڳو وڃي، جو نڪ ۾ نٿ لڳل ڪانهيس؛ عورت جو منهن به سهڻو نٿو لڳي؛ جو نٿ پيل ڪانهيس.)

[١١٧٨]

گرو: ٻڙ سونائي ڏنگا، منشا من ورجاءِ
لکيا خط پهچي وَلهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي وانچيا نهين.

(ٻڙ جو وڻ ڏنگو آهي، جو ڪنهن سنڀال نه لڌي؛ من به ناڻگ جي ڏنگ تي نٿي لڳي، جو گوڳي چهواڻ جي واچا (قسم) پيل ناهي؛ خط موٽيو اچي، جو ڪنهن پڙهيو ناهي.)

[١١٧٩]

گرو: مرد ڪنولي نه پيٺا، ڪنوها ڀڪ ڪيرڪير جاءِ
هٽي سودا نه ميلي، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي واٽيا نهين.

---

[١١٧٨] ٻي روايت: ٻڙ موٽا ڏنگا ڪٽل، سڀ ڏنگيا جاءِ
پهچيا خط وليا نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاهه؟

Gul Hayat Institute

(مرد ڪنوالي تي نہ ويٺو، جو واٽيل ڪونهي؛ ڪوهہ جي پڪ هر هر ڏهي ٿي پوي، جو واٽيل (لٺي جي ورن سان پٽيل) ناهي ۽ هٿ تان سود و نٿو ملي، جو واٽيو ڪونهي.)

[١١٨٠]

گرو: ڪنڌي وات رَنڌي، سڄر ٽپنڪا ڪاء
حاڪم عدالت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟
چيلو: گروجي **وڍي** نهين.

(ڪنڌيءَ جو وڻ وات ٿو رنڌي، جو وڍيل ناهي؛ ڏال پٺي لچڪا ڪائي، جو چم جي وَڍي يعني (ڪشو) پيل نہ اٿس ۽ حاڪم بہ غور نٿو ڪري، جو وڍي يعني (رشوت) نہ ملي اٿس.)

[١١٨١]

گرو: پانڊيڙو پنڌ نہ اچهي، گهايل ڪري نہ گهاء
واٽيا هٿي مونجهہ رهيا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟
چيلو: گروجي **وهي** نهين.

(پانڊيڙي جي وَهي يعني جواني ناهي، جو پنڌ ڪري سگهي؛ گهايل بہ گهاءُ نٿي ڪري، جو اڃان وَهي يعني اڙهي ناهي ۽ واٽيو بہ هٿ تي منجهيو ويٺو آهي، جو وهي يعني بنڊي هٿ نٿي اچيس.)

[١١٨٢]

گرو: مٽي وچ مگا نہ پيا، چنڊ نہ ڪيتا شعاع
مهمان گهر نہ ٽڪيا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

---

[١١٨٠] بي روايت:
ڪلهي ڏال نہ اٽڪي، ڪنڌي ڏٺي نہ باهہ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

چيلو: گروجي لٽ هئي.

(سڱئي ۾ سڳوا، پيو، جو اکين ۾ ڏنڊ آهي؛ چنڊ ۽ سڻهانو نٿو ڪري، جو آسمان ۾ لٽ (ڏنڊ) آهي ۽ مهمان ۽ گهر ۾ نه ٽڪيو جو گهر ۾ لٽ (جهيڙو) آهي.)

[١١٨٣]

گرو: سڱئي ۾ ڏاڪو ڇو نه هوي ڇو نه،
طعام ۾ پاڻي وجهي ڇو نه،
مرد گهر ۾ رهي ڇو نه؟

چيلو: گروجي لٽ آهي.

(سڱئي ۾ ڏاڪو نٿو هوي، جو اکين ۾ لٽ آهي، تنهنڪري نظر نٿو اچي؛ پاڻي ۽ طعام ۾ نٿو وجهجي، جو لٽائيل آهي؛ ۽ مرد ۽ گهر ۾ نٿو ويهي، جو گهر ۾ ۽ لٽ (جهيڙو) آهي.)

## (ب) شاعرن جون جوڙيل پروليون

۱. رمضان واڍي جون چيل پروليون

[١١٨٤]

ترڪاري پاڻي نه وهي، پاڻي جهنگل جاه
ڪاڻي ٻچي پاه ڪان، رپي لسري ناهه
"رمضان واڍا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: پاري ناهي.

(پاڻي نٿو اچي، جو پارا پدل ناهن؛ پاڻي ۽ جهنگل ۾ وهيو وڃي، جو ان کي ٻنو پدل ڪونهي؛ ڪاڻي پرڻ ڪان بچي وئي آهي، جو پاري ڪانهي ۽ رپو (چاندي) به اجان لسري نه ٿيو آهي، جو ان کي رجايو ناهي.)

[١١٨٥]

مالڪيت مچي نہ ڏڪي، دوا سنڌ سڪاءِ
زال مڙس تي قابو آهي، چور چوري ڪاءِ
"رمضان وادي" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهِ؟

جواب: ماري ناهي.

(مچي مارڪيٽ ۾ نٿي اچي، جو ماري ناهي؛ دوا ۾ ڪانئن مان سنڌ سڪائي وڌا آهن، جو ٻوريءَ طرح ماريل ڪانهي؛ زال مڙس تي قابض آهي، جو ماريل ڪانهي ۽ چور ۾ چوري ڪايو وڃي، جو اُن تي مار ڪانهي.)

[١١٨٦]

گُنڊي وَڏائي ناهي، مچي ٻليي اغيار
جنگ وارن خوشي منهن ۾، ٻوڪ ڪائي ٿي جهار
"رمضان وادا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهہ؟

جواب: هاري ناهي.

(گُنڊي ٻريل آهي، جو اُن مان اُن ڪڍيو ناهي؛ مچي خريدار نہ ورتي، جو اُن جي نہ هاري ناهي؛ جنگ وارا خوش آهن، جو جنگ هاري نہ اٿن ۽ ٻوڪ کي جهار ڪائي ٿي وڃي، جو هاري ڪونهي.)

---

[١١٨٥] ٻيون روايتون:

١. مچي مالڪيت نہ اچي، عورت اجايو ڳالهاءِ
دوا فرق نہ ڪري، چئو چيلا ڪهڙي بات؟

٢. تيلي آگ نہ لائي، زال ٿي مڙس کي دٻائي
مرون ٻوڪ تو ڪائي، ڪهہ چيلا ڪيس بات؟

[١١٨٦] وَڏائڻ = هارڻ، خالي ڪرڻ. مچي ٻليي = موٽائي.

Gul Hayat Institute

## ٢. چاڪرخان جون ٻروليون

[١١٨٧]

راڳي راڳ نه ڳائي ٿو
ٻيڙو پار نه جائي ٿو
شرم ڪنان ڪنڌ چائي ٿو
چئي ٻرولي "چاڪر خان"
پلي پڇي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب: تار ناهي.

(راڳي راڳ نٿو ڳائي جو يڪتاري ۾ تار نه اٿس، ٻيڙو نه پتڻ پار نٿو وڃي جو ٻاڙي تار ناهي، ڪنڌ ڪنڌڙ ڪي ۽ شرم هوندي به ڪنڌ ڪنيو هلي، جو شرم (گهٽو) تار ناهيس.)

[١١٨٨]

ماڻهو واهڙ مان اچن وڃن ٿا
ساز سُرندا ڪين وڃن ٿا
عاشق معشوق ڪين ميلن ٿا
چوي ٻرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب: تار ناهي.

(ماڻهو واهڙ مان پيا اچن وڃن جو ٻاڙي تار ناهي، ساز سُرندا به نٿا وڃن جو انهن ۾ وچت جي تار پيل ناهي، ۽ عاشق معشوق به پاڻ ۾ نٿا ملن جو عشق جي تار نه اٿن.)

[١١٨٩]

١. قدر لنگهيءَ جو ڪين ڌري ٿو
ڪام صفي تي ڪين چڙهي ٿو
گهوڙو ميدان تي ڪين هلي ٿو

زخم چُرِيءَ جو ڪين چِٽِّي ٿو
واهِيءَ کَوڙِيءَ سان ڪين هلي ٿو
چئي ٻروليءَ "چاڪر خان"
ويهي ٻجي ڪو سڀرت سجاڻ؟

جواب: ٻٽ ناهي.

(لونگيءَ جو قدر نٿو ڄَمي جو ٻَٽَ يعني ريشم ناهي، صفي تي ٻه ڪام نٿي چڙهي جو ان کي ٻَٽَ يعني ڳنڍ لڳل ناهي، يعني نئڊي آهي، گهوڙي کي ٻه ٻَٽَ (هلڻ لاءِ) ڪونهي، تڏهن ميدان نٿو هلي، زخم نٿو چٽي جو ٻَٽي ٻڌل ناهي، ۽ کَوڙي سان واهي نٿو هلي جو تاڃي ٻٽي ٻٽ يعني سچو ناهي.)

٢. واهي وسوڙو تيو وڃي ٿو
قدر لنگيءَ جو ڪين ڪري ٿو
گهوڙو ڏاڍيان ڪين ٻجي ٿو
ڪاٺ جاءِ تي ڪين ٺهي ٿو
آزار چُريءَ جو ڪين لهي ٿو
چئي ٻرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سڀرت سجاڻ؟

جواب: ٻٽ ناهي.

(واهي وسوڙو ٿو وڃي جو پاڻ سان ٻَٽ (ٻٽو) نه کنيو اٿس، لونگيءَ جو قدر نٿو ڄمي جو ٻَٽَ جي ناهي، گهوڙو ڊوڙي نٿو جو ٻَٽ (ميدان) ڪونهي، ڪاٺ ٻه جاءِ تي نٿو چڙهي جو نئڊو آهي ۽ ٻَٽ لڳل ڪونهيس، چُريءَ جو آزار نٿو لهي جو ڦٽ تي ٻَٽي ٻڌل ناهي.)

Gul Hayat Institute

[١١٩٠]

روز وڙهن ٿا پيءُ پٽ پاڻ
گهوڙا بـڪ ۾ هڪڙي ٿاڻ
تـڙ تـي آڇيا پـاڻـيءَ ڪاڻ
ڇـي پـرولـي "چاڪر خان"
پلي پڇـي ڪو سُرت سڄان؟

جواب: **رس** ناهي.

(پيءُ ۽ پٽ پاڻ ۾ روز وڙهن ٿا جو رَسُ (صلح) نہ اٿن ۽ گهوڙا بہ هڪڙي ٿاڻ تي بڪ پيا مرن جو رَسُ (ڪاڏو) ڪونہ اٿن ۽ تڙ تي مسافر آڇ پيا مرن جو رَسو نہ اٿن جو تڙ مان پاڻي ڪڍن.)

[١١٩١]

توف لشڪر مان ڪين وڙهي ٿو
آٽـڻ جـت سـان ڪين ميڙي ٿو

---

[١١٩٠] ٻيون روايتون:

١. پيءُ پٽ پاڻ ۾ جهيڙو لايو
ماڻهو تڙ تان اڃن دلا موٽايو
ڳئون ڪي وچي پيو ڳابو ڏايو
ڪهو چيـلا ڪس بـات؟
گروجي **رس** لهين.

٢. پيءُ پٽ روز وڙهن ٿا، مزمان کوهہ تي آڃ مرن ٿا
گهوڙا ڪاٺا ڪين چرن ٿا، ڪهہ چيلا ڪيس بات؟
گروجي **رس** نهين.

[١١٩١] ٻي روايت: بندوق هرڻ نہ ماري، بادامي بازار نہ وڪامي
ڪورٽ الصاف نہ ڪراوي؟

Gul Hayat Institute

حاڪم ڪورٽ ڪڇن ڪري ٿو
چئي پرولي ”چاڪر خان“
ويهي پڇي ڪو سُرت سڄان؟

جواب: **گورو** ناهي.

(توف لشڪر سان نئي وڙهي جو توف ۾ گورو يعني گولو ناهي، اُن ۾ نئي مڙي جو گوُنرو ناهي، حاڪم ۾ انصاف نٿو ڪري جو گورو يعني انگريز ڪونهي.)

[١١٩٢]

ٻولي سنڌي سمجهي ڪو نه
جت لبڙي ڪي لڏي چو نه
هردو هندوءَ جو پاڻي پيو نه
چئي پرولي ”چاڪر خان“
پلي پڇي ڪو سُرت سڄان؟

جواب: **گورو** آهي.

(سنڌي نٿو سمجهي جو گورو (انگريز) آهي، جت ٻه اٺ تي بار نٿو لڏي جو اچان گورو آهي، ۽ هندوءَ جون هڏيون پاڻيءَ ۾ نه پيون آهن، جو اچان گورو (هڏ) آهي، يعني مڙي رک نه ٿيو آهي.)

Gul Hayat Institute

٣. لعل خان جون چيل پروليون

[١١٩٣]

گرو: عاشق معشوق نه ملي، بازي چلي نه جاءِ
روني پڪي نه رهي، ڪهه چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **آگ** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو دل ۾ محبت جي آگ لڳي نه اٿن، راند ۾ زور نٿي وٺي جو اچان آگ (جوش) پيدا نه ٿي آهي،

۽ ماني بہ نٿي پچي جو دانگيءَ هيئان ڀوري طرح آگ ٻري نہ آهي.)

[1194]

گرو: ڍنيڍ ڀيلا نہ ٻوڙيا، ملي نہ مردار سودا
روٽي نہ ڪري ٿاهہ، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **آٽلي** نهين.

(ڍنيڍ ڀيلو نہ ٻوڙيو آهي جو آٽلي ناهي؛ سوداگر کي بہ سودو نٿو ملي جو ڪنهن سان آٽل يعني ڏيتي ليتي ڪانهيس؛ ۽ دانگيءَ تي ماني لٿي پچي جو آٽلي ڪانهي.)

[1195]

گرو: ڌرتي ڌوڙ نہ چوڙي، ڪامڻ ڪم نہ لاهہ.
توڏي رنگي رات ڪون، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **آٽي** نهين.

(زمين ڌمڙ واري آهي، جو آٽي (برسات) ڪانهي؛ ڪامڻ ڪم نہ لاٿو آهي جو اچان آٽي (آٽي) ڪانهي؛ ۽ توڏي بہ پٺي رنگي جو آٽي (آٽڻ) ڪانهي.)

Gul Hayat Institute

[1196]

گرو: ليڪا مور نہ منجهيا، فقير نہ پڙهي گهر
ڪتابي خوش رهيا، ڪهہ چيلا ڪيس پر؟

چيلو: گروجي **پولو** نهين.

(ليڪو منجهي نٿو جو پولو ناهي؛ فقير بہ پڙهي نٿو جو وٽس پولو (پولڙو) ناهي؛ ۽ ڪتابي بہ خوش رهيو جو پڙهڻ ۾ پولو نہ پيو اٿس.)

[١١٩٧]

گرو: ٻڪري ٻيڪي رهي، ڪاٺي ڪري نه ناهه
چور چوري ڪر ڳيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **پوري** نهين.

(ٻڪري ٻيڪندي رهي ٿي جو واڙ ۾ پوري ناهي؛ ڪاٺي به نهي ٿي جو پوري (برابر) ناهي؛ ۽ چور به چوري ڪري ويو جو پاڻهي ڪڙهه پوري نه ڏني آهي.)

[١١٩٨]

گرو: ستري سونهن نه ڪري، ٻيٽ نه ڪري درياءَ
عورت سيرا اڳهاڙي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **پهريا** نهين.

(ستري (ڳهه) به سونهن نٿي ڪري جو اڃان پاتي ناهي؛ درياءُ به ٻيٽ نٿو ڪري جو اڃان پاتو نه اٿس؛ ۽ عورت جو به مٿو اگهاڙو آهي جو اڃان ڪپڙو پهريو نه اٿس.)

[١١٩٩]

گرو: مينهن ماڻا نه پري، ميهري ملنهن نه ورڪاءِ
روٽي ناهه نه ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **چري** نهين.

(مينهن ڪير جو ماڻو نٿي پري جو جهنگ چري ناهي؛ ميهري به منهن نٿي ڏيکاري جو چري ڪانهي؛ ۽ ماني به رڌي ناهي جو چري يعني چڙ نه نهي آهي.)

[١٢٠٠]

گرو: مردا مسڻ ۾ رهيا، ٻنهي ٻج نه لاهه
ڪپڙا تن تن هورهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڌوپ** نهين.

Gul Hayat Institute

(مردو مسان ۾ رکيو آهي ۽ ساڙيو ناهي، جو اڃان ڏُوپ
يعني واس نہ ٿيو آهي) ٻيو ۾ ڪاٺ تي بچي، جو ڏُوپَ
(آس) ڪانهي ۽ ڪھڙو ۾ جيتن ڪاٺي ٽڪي چڙهيو آهي،
جو ڏُوپ ڏيئي نہ رکيل آهي.)

[١٢٠١]

گرو: ڪونهي چڙهي ڪاميٽي، ڪوتهہ ٿيا ڪھڙا
نانگ نہ چڙهي ڪٿهين، ڪھو چيلا ڪيس بات؟

چيلو: گروجي ڏر نهين.

(ڪاميٽي ۾ ڪَنڌ تي چڙهي آهي، جو ڏپ ڪونهيس، ڪھڙو ۾
چونو تي پيو آهي، جو پورو ڏر ڪونهي ۽ نانگ ۾ لڪي
نٿو، جو زمين ۾ ڏر ڪونهي.)

[١٢٠٢]

گرو: چوپڻ چاهہ نہ ڪري، هاري هَر نہ چلا جاءِ
ٻنـي ٻـج نـہ لاهيا، ڪھو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي رُتي نهين.

(چوپڻ راند ۾ چاهہ نٿو ٿئي، جو ڪا ساري رُتيي (رَچي)
ڪانهي؛ هاري ۾ هر نٿو ٻڌي جو رُت (موسم) ڪانهي،
۽ ٻني ۾ ٻج يا ان نٿي ڪري جو رُتيي (هڪي) ڏيي
ڪانهي.)

[١٢٠٣]

گرو: راڳ نہ رس و ڳالهيا، واٽيا ڪرني لگا ويچار
ڪنهن ڪرڻ راس ڪري، ڪھو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڪٽ نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري، جو ڳالهيءَ ڪي ڳالهہ جي ڪَٽ ناهي؛
واٽيو ۾ ويچار ۾ ويٺو آهي، جو آڪڙيل رقم بنديءَ مان ۾

Gul Hayat Institute

ڪٽي اٿس ۽ ڪنهن ٻه ڪم جلدي پورو لٿو ڪري، جو ٿانون جي ڪٽ يعني گهاڙيٺو ڏانءُ نه آيو اٿس.)

[١٢٠۴]

گرو: ڏرتي آور ڏپ پڙي، ڪانٽا ڪري گهاء
پاڪيا پٽل رهيا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

چيلو: گروجي ڪکر نهين.

(ڏرتيءَ تي آس آهي، جو سڄ کي ڪڪر ڪونهي؛ ڪانٽو يعني هٿيار به تيکو ٿو وهي، جو ڪکر پيل نه اٿس ۽ پاڪيو به پلجي پيو، جو مال کي سڃاڻپ جو ڪکر ڪونهي.)

[١٢٠٥]

گرو: سوداگر سودا نه ملي، ٽوٽي جهلي نه بار
بٽي زميندار نه ڪري، کهه چيلا ڪيس بات؟

چيلو: گروجي ڪوڙي نهين.

(سوداگر کي سؤد و نٿو ملي، جو مال جي ڪوڙي ناهي؛ ٽوٽي به بار نٿي جهلي جو ڪوڙي (زمين ۾) لاهي ۽ زميندار به بٽئي نٿو ڪري، جو ان جي ڪوڙي ٿيل ناهي.)

[١٢٠٦]

گرو: پاڻي پٽ آيا سيا، عاشق اداس رهيا
گهوڙا پار نه چليا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

چيلو: گروجي گهٽي نهين.

(پاڻي ميدان ۾ پلنجي پيو آهي، جو وهڻ جي گهٽي ناهي؛ عاشق به اداس رهيو، جو محبوب سان ملڻ جي ڪا گهٽي ڪانه اٿس ۽ گهوڙو به پار نٿو وڃي، جو وڃڻ جو گهٽ ناهي.)

Gul Hayat Institute

[١٢٠٧]

گرو: ڪوهه پاڻي نہ ڏٻوي، عاشق معشوق نہ وسريا
دوُر ڪري درياھہ، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لٿا نهين.

(ڪوهه پاڻي نٿو ڏٻي، جو دلو ڪوهه ۾ پاڻيءَ تائين لٿو ناهي؛ عاشق کي بہ معشوق نہ وسريو آهي، جو دل تان لٿو نہ اٿس؛ ۽ درياھہ بہ پيو دوُر ڪري، جو لٿو ناهي.)

[١٢٠٨]

گرو: ٻڪري ڦَر نہ ڏيوي، روٽي پڪي نہ جاءِ
ٻنيءِ ٻج نہ لاهي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لڳي نهين.

(ٻڪري ڦَر نٿي ڏي، جو لڳي ناهي؛ مائي بہ نٿي پچي، جو تئي تي لڳي ناهي؛ ۽ ٻني بہ ٻج نٿي ڏئي، جو چڱيءَ طرح لڳي ناهي.)

[١٢٠٩]

گرو: سالڪ راڳ نہ سمجهي، 'سهڻي' پئي نہ ساهه
ڪاني ڪيئون ٻيڪار هي، ڪهو چيلا ڪيس لاهه؟

چيلو: گروجي ماتار نهين.

(راڳ سمجهہ ۾ نٿو اچي، جو ڪڇريءَ ۾ ماتار ناهي، گوڙ آهي؛ 'سهڻي' بہ ساهي نٿي پئي، جو پاڻيءَ ۾ ماتار ڪانهي؛ ۽ ڪاني بہ سڌي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، جو ڪانيءَ کي ماتار (رندو) آيل ناهي.)

[١٢١٠]

گرو: روٽي رُوکيي رَهه گئي، جُتي ڪري نہ ڪاهه
بندوق مار نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو، گروجي مک نهين.

(ماني رڌي آهي، جو گيهه جو مک نه آيو اٿس، جلدي ۾، هن ۾ نٿي لهي، جو تيل جو مک ناهيس ۽ بندوق به مار نٿي ڪري، جو نشان وٺڻ لاءِ بندوق جي ناليءَ تي مک ڪانهي.)

Gul Hayat Institute

# باب ٻارھون

## سگھڙپائيءَ جا ٻول

[ھن باب ھيٺ آيل مواد معنوي لحاظ سان چئن "سوال جواب" واري سٽاءَ ۾ سمايل آھي. شروعاتي ٻول ڇهن ھڪ سوال آھي. مثلاً:

- ٽنھي مان ٽوٽو، ٽنھي مان ٽوٽو

—

- چارئي لڇڻ چٽ، چارئي لڇڻ چٽ

—

- پنجئي اپاڪ، پنجئي اپاڪ

يعني ته ڪھڙين ٽن شين مان ھميشه نقصان آھي؟ ڪھڙا چار لڇڻ خراب آھن؟ ۽ ڪھڙيون پنج شيون اپاڪ جون نشانيون آھن؟

شروع ۾ ھڪ سگھڙ ان قسم جا سوال پڇيا ۽ پوءِ ان جا جواب ڏنا، پر پوءِ سگھڙپائيءَ جي ٻولن جي ھيءَ جنس عام ٿي ويئي ۽ ساڳئي سگھڙ شروعاتي سوال توڙي جواب وارا ٻول جوڙيا. اھي سوال جواب عموماً ماڻھن ۽ سندن لڇڻن، شين ۽ انھن جي خاصيتن، خوبين ۽ خامين جي بيان ۾ آھن.

ھن باب جي سٽاءَ عددن جي ڳاڻيٽي موجب ھڪ کان ڏھن تائين سلسليوار رکي وئي آھي، ان بعد ٻارھن ۽ ويھن عددن جا ٻول ڏنا ويا آھن. ھرھڪ ٻول جون سڄيءَ سنڌ مان اڪثر ھڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جي پيٽنئي، درست ڪري، متن ۾ شامل ڪيون ويون آھن.]

## هڪ جو عدد

[١٢١١] هڪ ڇٽي کي ننڍ پياري، هڪ ڇٽي کي ننڍ پياري.
نڪو گهر نڪو تڙ، نڪا گهر واري
هڪ ڇٽي کي ننڍ پياري.
(جنهن کي گهر نہ تڙ ۽ نڪا زال، اهو اڪيلو مڙس پلي تہ ڀيو ننڊون ڪري.)

## ٻن جو عدد

[١٢١٢] ٻئي نہ ٿين، ٻئي نہ ٿين.
ٻُرو ڀلو نہ ٿئي، ڪولو ڀيلاڙو
گڏهہ گهوڙو نہ ٿئي، ڪري ڳنگا جهيلاڙو
اهي ٻئي نہ ٿين.
(غلام ۽ ڀيل قوم جي ماڻهن مان ڪڏهن بہ چڱائي نہ ٿيندي ۽ نہ وري خراب، سٺو ٿيندو، گڏهہ ڪڏهن بہ گهوڙو نہ ٿيندو، توڙي ڪٽي ڳنگا نديءَ ۾ وهنجي.)
[١٢١٣] ٻئي نہ هوءَ، ٻئي نہ هوءَ.
ڇنل جٺي پير ۾، کهُر جهُر ڪٺي جوءِ
اهي ٻئي نہ هوءِ.
(ڇنل جٺي ۽ زال جي کهُرکهُر، اهي ٻئي نہ هجن تہ چڱو آهي.)
[١٢١٤] ٻئي وڻواند، ٻئي وڻواند.
ڏُٻرو ڏاند، ٻوڪ جو پاند، اهي ٻئي وڻواند.
(اڀرو ڏڳو ۽ ٻوڪ جو ڦاٽو حصو، اهي ٻئي هاريءَ لاءِ آزار.)
[١٢١٥] ٻئي هڪ آچار، ٻئي هڪ آچار.
١. ٻاڪرو ڦر ۽ چورو يار، ٻئي هڪ آچار.

---

٢. اڌو ۽ اٺ سٿونهون، ٻئي هڪ آچار.

## ڏن جو عدد

[١٢١٦] ٽيئي رکجيون جوٽا، ٽيئي رکجيون جوٽا.
(ٽيئي رکجن جدا، ٽيئي رکجن جدا).
ٻلو نه ڀاڻيجو، ٻيڙي نه رکجي ٻوٽا
استري نون آنٽ نه ڏيجي، ٽيئي رکجين جوٽا.
(نڪي ڀاڻيجو گڏ چڱو آهي، نڪي ٻڪيءَ کي ٻاڻ سان گڏ رهائجي، ۽ نڪي وري زال کي پنهنجو منجهه ڏجي، انهن کي ٻاڻ کان جدا رکجي.)

[١٢١٧] ٽيئي روڳ ري ماسي، ٽيئي روڳ ري ماسي.
(ٽيئي مرض جون ماسيون، ٽيئي مرض جون ماسيون)
آونگهه، آرس، اوٻاسي، ٽيئي روڳ ري ماسي.
(ننڊ، سستي ۽ اوٻاسي، اهي ٽيئي مرض جون ماسيون آهن.)

[١٢١٨] ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.

١. وڙهڻ ويريءَ سان، ڪٿي آڪ سوٽو
عورت ماماٽل کي، ور ڏين ڇوٽو
ڏيئي رقم ٽورڙي، ڪنهه ڪنهن کوٽو
”احمد“ اکي ٻوءِ اٿو، ٽنهي مان ٽوٽو. *

---

٢. سمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪمذات
ٽنهي مان ٽوٽو

[١٢١٩] ٽيئي ٽول ڏکيا، ٽيئي ٽول ڏکيا.
ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا
سي قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هٿ رکيا.

---

[١٢١٨] چيل احمد مري
* ٻي روايت: واٽئي جي هٿ تي هجي وٽ ڪوٽو.

Gul Hayat Institute

[١٢٢٠] ٽيڻي ڀيٽ ٻارا، ٽيڻي ڀيٽ ٻارا.
ڏند ڀڳا، ڏاڙهي اڇي، وَهن ڳِڳن ٽارا
اهي ٽيڻي ڀيٽ ٻارا.

[١٢٢١] ٽيڻي سي نَرڙيون، ٽيڻي سي نَرڙيون.
لوڏي ٻانهن لاڏ سان، هلي ٿي هَرڙيون
مڙس چڙهي، ميڙڙي تي سڏي ماهيڙيون سَرڙيون
گهڙو ڳالهائي گهوٽ سان ڀرين رات ٻرٽيون
ٽيڻي سي نرڙيون.

[١٢٢٢] ٽيڻي گهٽ نہ چاڻ، ٽيڻي گهٽ نہ چاڻ.
حاڪم، ٻاهہ ۽ پاڻي، اهي ٽيڻي گهٽ نہ چاڻ.

[١٢٢٣] ٽيڻي ليکيان لاهہ، ٽيڻي ليکيان لاهہ.
تَري چلندي آڪَڙي، لِڪر لَڪي ڪاهہ
ميهري ٻَر گهر هندڙي، اِهي ٽيڻي ليکيان لاهہ.
(گهوڙي هلندي ٽابوڪائي، ڪتو ٽانهہ لڪي، ۽ ٻرائي گهر گهاريندڙ عورت، اهي ٽيڻي ليکي ٽان لٿا، يعني ڪم جا نہ آهن.)

## چئن جو عدد

[١٢٢٤] چارئي ٻوڙين، چارئي ٻوڙين.
ميڪوماڻهو، گونگو ميهن، بيڱل پاڻي، جهڙ جو ڏينهن
اهي چارئي ٻوڙين.

[١٢٢٥] چارئي تباهہ، چارئي تباهہ.
گهر نينگر ٻوجهہ گهڻو، ڪچي قُلي ڏوڏو واهہ
پائيان وچوڙو ماهيلي، ميڻهان آڪٽيو واهہ.

---

[١٢٢٠] چيل خليفو حاجي شيرمحمد، وينل خليفن واري ميني، تعلقو ٽنڊو باگو، عمر اٽڪل ٥٠ ورهيہ.

[١٢٢٤] ميڪو = اندر ڪوڙو.

(گھر ناٿي ۽ آن تي ٻار گھڻو، ڪجي ٻوڪ ۽ خراب واءُ،
پيٽ ڪي پيائرن جو وڇوڙو ۽ سينهن سان گڏ هوا، اهي
چارئي چڻ ته تباهہ ٿيا.)

[١٢٢٦] چارئي چِٽَ، چارئي چِٽَ.

عورت چڏي گھر ڪي، جيڪا گھٽمي گھٽ
راس ٻنان، روڪڙ سوا، جيڪو ڪولي هٽ
ٽيون ڪارو ڪوھہ ۽ چوٿون ڪونو وٽ
اهي چارئي چِٽ.

[١٢٢٧] چارئي ڏَهنت، چارئي ڏَهنت.

آڏ ميڪي و ڏيا ڏَهي، ڏَهي ڪنٻڌي وير
ڪٿل هين ڪامٺي ڏَهي، چنتا ڏهي سريرُ.

(اٺوري سيکيا، بيعقلائي، دشمني، خراب گھر جي عورت ۽
جسم لاءِ گھٽي، اهي چارئي خراب آهن.)

[١٢٢٨] چارئي ڍَڪ، چارئي ڍَڪ.

ڪونا ڍاڪڻ ڍاڪڻو، ڪپتر ڍاڪڻ واڙ
ٻاپ ڍاڪڻ ٻيٽڙو، گھر ڍاڪڻ نار.

Gul Hayat Institute

(ڪنن جو بچاءُ مٿان ڍڪڻ، ٻنيءَ جو ڍڪ واڙ، پيءُ جو ڍڪ
پٽ ۽ گھر جو ڍڪ زال، اهي چارئي ڍَڪَ آهن.)

[١٢٢٩] چارئي ساکي، چارئي ساکي.
(چارئي شاهد، چارئي شاهد)

مينهان ساکي مارڳئو، سيٺان ساکي اڪ
ڏاتار ساکي منگتا، سُورن ساکي ڏَڪ.

(مينهن جا ساکي يا شاهد واٽهڙو، سيءُ جا شاهد سڙيل اڪ،
سخيءَ جا شاهد منگتا ۽ سُورن جا شاهد ڏَڪَ.)

[١٢٣٠] چارئي سڌارين، چارئي سڌارين.

ميڻهن سڌاري ٻجلين، سٽ رو سڌارو ڀار
ڀيڻو سڌاري ٻاپ تان، گهر سڌاري نار.

(ميڻهن کي مڇائي ڪيئوڻ ۽ تلاءَ کي پري نئڻ، پٽ اوجاري پيءُ کي ۽ گهر اوجاري زال.)

[١٢٣١] چارئي سک، چارئي سک.

پهلا سک نيروگي ڪايا، دوسرا سک گهر ۾ مايا
تيسرا سک سپوتر ناري، چوٿا سک پوتر آگياڪاري.

(تندرست جسم، گهر ۾ دولت، سڄي عورت ۽ چيوان پٽ، اهي چارئي سک.)

[١٢٣٢] چارئي عقلان چور، چارئي عقلان چور.

سرمنڊل جي ساز جو، سانڊي کهڙو سور
راڳ جي راڳ تي، رڊ نہ ريجهي مور
کهڙو قدر ڪافر کي، سنڌو نبيءَ نور
چٽ نہ چاڻي ٻالهہ کي، ڍر ڏوڪي رکندو ڏور
اهي چارئي چور، عقل کان ”علي بخش“ چئي.

[١٢٣٣] چارئي لڇڻ چٽ، چارئي لڇڻ چٽ.

رن ڪُٽڻي آگلي، جنهن جو ڪُنهي متي ڪٿ
ڪيٿا ڪٿي ۾ ڏورڙا، لُٽي ڏني مت
ڪار نہ ڪري گهر جي، اولاٽيو چڙي آرٽ
چنگلايون ڪري چکهہ مان، ٻيهي متي هٿ
اهي چارئي لڇڻ چٽ.

[١٢٣٤] چارئي م وِسهاءِ، چارئي م وِسهاءِ.

وڇا روڳي، ٻيڊا جوڳي، سورهيان پٽي گهاءِ
ذات ماري ٻيڪيا مانگي، اهي چارئي م وِسهاءِ.

[۱۲۴۰] ڇٽني ڪجي جتن، ڇٽني ڪجي جتن.
ڪاچَ ڪنورو، گيهه، گهڙو، موتي ۽ مَنَ
پڳا وري نہ ٿهن، تن جو ڪجي جتّن.

(شيشي جو پيالو، گيهه جو گهڙو، موتي ۽ من، اهي چارئي ڀڳا تہ وري سجا نہ ٿيندا، تنهنڪري انهن جي سنڀال ڪجي.)

[۱۲۴۱] ڇٽني وڃي هاڻ، ڇٽني وڃي هاڻ.
ڪوري، ڪُنڀر، ڪٽڪڙ ۽ ڪاڻ
اٺي مينهن، ڇٽني جو وڃي هاڻ.

[۱۲۴۲] نرڪ نشانيون چار، نرڪ نشانيون چار.
رُوڪا پوچن، ڀُونءِ ڀوڏن، ڪرم ڪميٽي نار
ڇوٽا ميلي ڪپڙي، نرڪ نشانيون چار.

(اٿپو ڪاڏو، زمين تي سمهڻ، جهيڙاڪ عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اهي چارئي نرڪ جون نشانيون.)

## پنجن جو عدد

[۱۲۴۳] پنجن ڏنو نہ ٿئي، پنجن ڏنو نہ ٿئي.
ڪالين کي پاهه مان، ميرُوءَ کي ساه مان
بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان
سائل کي خيرات مان.

[۱۲۴۴] پانچي ڏَهت سرير، پانچي ڏَهت سرير.
(پنجئي جيءَ ڪپائڻو، پنجئي جيءَ ڪپائڻو)

---

[۱۲۴۲] ٻي روايت:
موت نشانيون چار، موت نشانيون چار.
ميرا لتا، رَڪا ڪاوڙ، ٻُڌهن سُمهني، تڪ تيڪ ڪري لار
اِهي موت نشانيون چار.

Gul Hayat Institute

(تلوار ٻراٿي يا کيپ ڪٽل ۾، گهوڙي جي واڳ ٽٽل، زال کي ٻراٿو ڪنجرو، مڙس کي ٻراٿي پاڳ ۽ گهر ۾ سوير سانجهه نه ٿئي، اهي پنجئي آيا ڪ آهن.)

[١٣٤٧] پنجئي بدنام، پنجئي بدنام.

گابو ڪپڙ چٿو، نر گهوڙو ڪنگام
ڪرهه ڪري ڪامٺي، گهر آئي مزمان
ڪانئر پچي جنگ ۾، گهر هٺي شغان
راجا جٺوٽ ٻولٺو، اهي پنجئي بدنام.

(گابو ڪپڙو کائي، چڪير يا ويڙهاڪ گهوڙو، گهر ۾ آيل مزمان آڏو جهيڙو ڪندڙ عورت، ڪانئر جيڪو جنگ مان پچي گهر ۾ اچي لاف هڻي، ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ راجا، اهي پنجئي بدنام.)

[١٣٤٨] پنجئي ٻڌي ٻير، پنجئي ٻڌي ٻير.

ڪتو ڙو ڏکو سپرو ساڃو، گهوڙو ٻه ڪٽه کير
رن ڪميٺي مٺور نه مٺڙي، توڙي لڱنس تير
ماڻهن منجهه متجو مڙس، سرن منجهه خنزير
اهي پنجئي ٻڌي ٻير.

[١٣٤٩] پنجئي بيڪار، پنجئي بيڪار.

نيچ ڪنڌيو ٻڙديو، اوچ ڪنڌي نار
راهه رڙٿو ڏاگهو، ڪنٽل زميندار
هيڪل هٽ واڻيو، اهي پنجئي بيڪار.

(ڪنڌ هيٺ ڪري هلندڙ ڏڳو، ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ زال،

---

[١٣٤٧] ٻيون روايتون:

١. سپاهي رڻ نه چڙهي، گهر هٺي شغان. شغان = ٻٽاڪ، لاف.

٢. چاڪر رڻ نه چلٽا، گهر ڪري ڪلام.

Gul Hayat Institute

راهه ۾ رڙندڙ آٿ، ڪٽنل زميندار ۽ سڄي ۾ هٿ وارو واڻيو،
اهي پنجئي ٻيڪار.)

[١٢٥٠] پنجئي ٻي ميار، پنجئي ٻي ميار.

هڪ انڌو، ٻيو ٻوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار
پنجون بيمار، اهي پنجئي ٻي ميار.

[١٢٥١] پنجئي ٻڌا چڱا، پنجئي ٻڌا چڱا.

هٿ، چٽ، ڦٽ، سٽ، سئوئر
پنجئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٢] پنجئي ٻهڪن، پنجئي ٻهڪن.

جوان مڙس، گهٽو حرص، ٻيا چيله، تڪا چيٽڪن
مٽوٺهيون سنگهارن ڪوڙيون، وچن مينهن وسن
اهي پنجئي ٻهڪن.

[١٢٥٣] پنجئي ڀاڙي، پنجئي ڀاڙي.

ماڻ اچا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ آکهاڙي
ڪم ۾ هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي
آڻ ڪوليو آتي وجي، هٺي ڏهل تي تاڙي
عقل جو ايڀهنوار، گهٽي هٺي چاڙي
پنهنجي ڏاهي جهوپڙي، پرائي ڏسي ماڙي
اهي پنجئي ڀاڙي.

---

[١٢٥١] ٻي روايت: ٽيئي ٻڌا چڱا، ٽيئي ٻڌا چڱا.
چٽ، ڦٽ، وهٽ، ٽيئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٣] ٻيون روايتون:

١- ري سڏيو پرائي دهل تي، نچي ۽ هٺي تاڙي
ڳالهه ڏاڻءَ لہ اچيس، هٺي سڪشي چاڙي
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٥٢)

[۱۲۵۸] پنجئي جنگائي مرڻا، پنجئي جنگائي مرڻا.

دوست دشمن ڪئون نہ پرکڻا
وڏي مرتبي مليئي سنگت نہ سڃاڻڻا
مايا هٿ آئيي، ڏکئي ڏينهن پڇاوڻا
ڪچهري وچ وڏي ننڍي ڪئون نہ ڏيکڻا
وديا پاوڻ سئون، وڏي ڪئون مورک سمجهڻا
اهي پنجئي جنگائي مرڻا.

[۱۲۵۹] پنجئي چريا، پنجئي چريا.

هڪ چريا شينهن کهڻ، ٻيا چريا وَرن واءُ
ٽيا چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءُ
ڪکر ٻنا مينهن آيو ۾، اهي پنجئي چريا.

[۱۲۶۰] پنجئي ڏمي لڄ.

چنڊو چوڪر، چري جوءِ، ڏاڙهي هيڙهي ٻڄ
داڻا دلي ۾ ڍيهه گنڍي، مينهن منور نہ ڪري وڄ
اهي پنجئي ڏمي لڄ.

(نياڻو چوڪر، چري زال، ڏاڙهي هيڙهي (بڪي) جي ٻڄ جهڙي سنهي ۽ ڏکهي (ٻنجي)، اَنُ هوندي نيئي آڪڙ کهڻي ۽ مينهن وچ نہ ڪري، اهي پنجئي ڏمي الدر سڙي.)

[۱۲۶۱] پنجئي ڏک جا ڏار، پنجئي ڏک جا ڏار.

واريءَ سندو ٻنڌڙو، مٽي مٿان بار
تيرڪريا سجي ٻنڌ ۾، آڻ مٿي هموار
سڙس هجي پيرمرد، ننڍي هجي نار
ڪيسٽ پٽرنن وارو، تنهن ۾ ٻوڪ گوار
اهي پنجئي ڏک جا ڏار.

[١٢٦٢] پنجئي رهن مٺا، پنجئي رهن مٺا.

آمل رَس، ڏاکڻ منڊ، چوري ۽ جوا
پَرگهر هيڻيڊِي ڪامڻي، اهي پنجئي رهن مٺا.

(آمل جو نشو، ڏاڻ جو جادو، چوري ۽ جوا، اهي چارئي مرد کي مارين، ۽ پنجين ٻاهر ڦيري عورت، اهي پنجئي مٺا پلا.

[١٢٦٣] پنجئي سرڳ دُوار، پنجئي سرڳ دُوار.

ڪٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لڄوَنتي نار
ٺَراٺي ڪٺڪ، لٺون کيھ، پنجئي سرڳ دُوار.

---

[١٢٦٢] ٻيون روايتون:

١- ٿُرڪ تجاري واٽيو، چوري ۽ جوا
پرگهر هنيڊٺي ڪامڻي، پنجئي رهن مٺا.

٢- پنجئي مٺا، پنجئي مٺا.

ڪشڻ ڪمان، ٻون ضمان، ڪرڻ زنا
تپڻ کوها، رهڻ جوا، اهي پنجئي مٺا.

[١٢٦٣] (بهشت برابر يا سک ۽ خوشي جون نشانيون.)

ٻيون روايتون:

١- ڪڻڪ ٻراٺي، کِيھ لوان، تِي لڄاولتي نار
ٿري تهاوڻ، سيج لهڻ، پنجئي سرڳ دُوار.

٢- بهشت نشانيون چار، بهشت نشانيون چار.؟

اڇا ڪپڙا، تازو گيھ، ڪڻڪ ٻراٺي، گهر ۾ سُگهڙي نار
اهي بهشت نشانيون چار.

Gul Hayat Institute

[١٢٦٤] پنجئي سهنج، پنجئي سهنج.

١. گهر ڏيٺو، ٻنٻپ ٻاجهري، گاه ڪاٽي، گهر گنج
ڀانر، ٻٽ ڄڻي ٻ، اهي پنجئي سهنج.

---

٢. گهر نديءَ ڪناري، ڪاليون سوڙهيءَ سنجهه،
نار سٽلڪٽي گهر ٻ، ٻيٽا هڄڻس هنج
تازي هجي تٽڙي، مٽس سونا سنج
اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] پنجئي ڪٽيي ڪن لاه، پنجئي ڪٽيي ڪن لاه.
پنجئي ڪٽيا ڀلا، جي نہ ڪٽبا تہ وڏاه(١)
گڏهہ، گولو، ڍول، ڪاڪر ۽ ڪپاه،
اهي پنجئي ڪٽيي ڪن لاه.

---

[١٢٦٤] (١) ٻيون روايتون:

١- اول ندي آب جي، گاه ڪاٽي، گهر گنج
وٽ ڪيتي، گهر ولوڙو، اهي پنجئي سهنج.

٢- گهر ندي، ٻٽيي گاه، ڪاٽي ڦانگو گنج
سونا مينهن در تي، سندر ناريءَ ٻيٽو هنج
اهي پنجئي سهنج.

٣- در اڳيئون کيتي، ٻٽيي اندر کوه
تري تازي هيٺون، جا ريجهائي روح
گاه ڪاٽيون گهر گنج، اهي پنجئي سهنج.

٢- ٻي روايت: گهر ندي ڪناري، ڪاٽي ٻاٽي گنج
چٽيهہ لکٽي ڪامڻي، ٻيٽو سولهيس هنج
ٻلو گهوڙو چڙهيءَ هيٺ، اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] ٻي روايت: پنجئي ڪٽيا ڀلا.
گولو ۽ گڏهہ، ڪاغذ، مڇ، ڪپاس
تن ۾ ڪر ٽپاس، تہ اهي پنجئي ڪٽيا ڀلا.

(١) وڏاه = نقصان. ڍول = ڍُهل.

Gul Hayat Institute

[١٢٦٦] ٻنجهي ڪِڏ ٻري، ٻنجهي ڪِڏ ٻري.

ٽڏو گهوڙو، ڪُتر ڏُجهڻو، ٽيو جو منهن تي ڪوڙ ڪري
چوٿين چنبي رن چاڳلي، جا ٽيرهن تال ڪري
پنجون ٻُڙس ٻلميت، جو ڳانڍو ڳلا ڪري
اهي ٻنجهي ڪِڏ ٻري.

[١٢٦٧] ٻنجهي ڪم قُوّتَ، ٻنجهي ڪم قُوّتَ.
ڪوٽ ٻراڙو، ٻُڌي ڪيسٽي، لوهه ٻَجي ساڻ لت
واريءَ ٻنڌ، ڪُراڙي زال، ٻنجهي ڪم قوّت.

[١٢٦٨] ٻنجهي گردن ٻار، ٻنجهي گردن ٻار.
ٻُچ مروڙيو ڍڳو، ڏُن آگهاڙي نار
چتين چڻو موچڙو، متي وارو ٻار
واريءَ سندو ٻنڌڙو، اهي ٻنجهي گردن ٻار.

(ڍڳو جيڪو ٻچ مروڙڻ کان سواءِ نہ هلي، ٻاڻ نہ ڍڪيندڙ عورت، چتين لڳل ۽ چڻل جُتي، متي تي ٻري ۽ واريءَ جو ٻنڌ، اهي ٻنجهي سِر تي ٻار آهن.)

[١٢٦٩] ٻنجهي گردن ٽوڙ، ٻنجهي گردن ٽوڙ.
مرد ڪراڙو، عورت جوان، هي ٻہ نہ جُڙندو جوڙ
حيلا هزارين ڪيا، تہ ٻہ ٻُٺهہ جو نہ ٻڌيو نوڙ
چوٿون ماني جَوَن جي، ۽ ٻنجون ٽيلهي مجيءَ ٻوڙ
اهي ٻنجهي گردن ٽوڙ.

[١٢٧٠] ٻنجهي ڪنگڻ ڪور، ٻنجهي ڪنگڻ ڪور.
پتنگ ۽ ٻروالو، ڪن آگ متي اور
جيئن ٻوُنر ڦيري ڳُل لاءِ، چنڊ آتي چڪور

[١٢٧٠] ڳگن ڳور = ڪڪر وانگر آزاد ڦرن يا مانوڻ جي منڊ ۾ مست ڦرن.

تاڙو تنواري، تنهن جي تک ۾ آهي تـور
اهي ٻنجئي ڪکن ڪور.

[١٢٧١] ٻنجئي ڪِهنوار، ٻنجئي ڪهنوار.

چلو ميرون ڏينهن ٻچري، ڪنڪڙ سانجهيءَ وار
جـوءِ پـرائي ڀڪڙيـنِ، مـرد نـه لهي سار*
ٻُرس ٻـراوا قـرض ڪٽي، ڪري وڏا اهڪار
جو ويلي مت سمهي رهي، اهي ٻنجئي ڪهنوار.

(چلو = هڪ قسم جو جانور. ٻچرڻ = ٻـرپـرو ٿـي گهمڻ.
آهڪار = ٻناڪون. ڪينوار = مست، چريا.)

[١٢٧٢] ٻنجئي گهنگهر گهور، ٻنجئي گهنگهر گهور.

ڪنٽ ناهي راڳ ڪري، مت ٻکيڻو چور
ڪاٺي اک ڪجل پائي، انهي نک ڏئي طنبور
ڪيسٽ ٻوکڻ ڏور، اهي ٻنجئي گهنگهر گهور.

---

[١٢٧١] ٻي روايت:

ڏيهان چلو مـرون، راتـيـان ڪڪڙ وار
لـار پـرائـي ڪاج ۾، وجي ڪُران ڏار
قـرض ڪٽي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار
وڻي مت سمهي رهي، اهي ٻنجئي ڪينوار.

* ٻي چوڻي: "پراون ٻارن ۾، جا نيت نيت وجي نار."

[١٢٧٢] ٻيون روايتون:

١- ڪنٺ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور
ڪاٺي اک ڪجل پائي، ٻنان لک طنبور
ٻُڇي ڏاڙهي هٿ هٿي، ۽ ڏئي مُڇ مروڙ.

—

٢- ڪاٺي اک ڪجل پائي، ٻني-نک ات پائي ليور
ڪٽ ٻاهـران راڳ ڪري، چت ٻاهران چـور
خُسرو ڏاڙهيءَ هٿ هٿي، شوق واجهيو منجهان شعور.

(ڪنٺ = گلو (آواز) - ستَ ڀڪيٺو = ٿوري عقل وارو - ڏئي طنبور = چوڻيءَ تي هٿ هڻي)

[١٢٧٣] ڀنجئي کهڙو چائي، ڀنجئي کهڙو چائي.

١- ري ڪوڏر ڀنيي وَلهي، ري ڏاڻهي ڳاهي
ري ٿاٽي شهر گهمي، ڏئي آڻ ڀڄي اوڳاهي
ليڇي وِهي، اڌ ڇپيءَ موڻهي، اهي ڀنجئي کهڙو چائي.

---

٢- بي ڪَنئا راڳ ڪري، ڪائي آمل ڏئي اوڳاهي
اڻ سوچيو ڪلام ڪري، مورک مت نه ڪائي
دشمن ڪي ڏئي ستَڌ سيڪائي، اهي ڀنجئي کهڙوچائي.

[١٢٧٤] ڀنجئي لَچونَٽ، ڀنجئي لچونَٽ.

ڀهريون ٻاڙو جو رکي، ڀيو ڀڌي هيٺن سان همت
ٽيون سورهي سِر جو، چوٿون ٻاري ڀت
ڀنجون لڙي ڪنڪ ۾، جو ڏي همٿ رعيت
اهي ڀنجئي لچونَٽ.

(ڀهريون جيڪو ٻاڙي جي ڀت رکي ۽ ٻاڙي سان رهائي، ٻيو جيڪو هيٺن جو همراهه ٿئي، ٽيون سرويچ هجي، چوٿون

Gul Hayat Institute

---

[١٢٧٣] ٻيون روايتون:

١- ريءَ ڪوڏر ڪاٽي ڪٽي، ريءَ ڏاٽي لائي
پريءَ ست سمهي رهي، ڏي اڻ ڏني اوڳاهي
جنهن مڙس جي ڳالهه نه پري، اهي ڀنجئي کهوچائي.

٢- ريءَ ڪوڏر ڪُڙسي، ريءَ رَنبي ڳاهي
جيڪو ست ويني سمهي، ڏئي اڻ ڏني اوڳاهي
ڀنجون ليڇي وِهي ٻاڻ ۾ اوچا ڪري راهي
اهي ڀنجئي گهوچائي.

جيڪو ڪارھت رکي، ڀنجون راجا لشڪر ۾ وڙھي ۽
رعيت کي سنڀالي، اھي پنجئي شرم وارا آھن.)

[١٢٧٥] پنجئي ۾ چاءِ، پنجئي ۾ چاءِ.

١- ڪنر ڪئون، سڙھ، ڏکو. آڻ پليو و ياءِ
تير گھاٽو، ڪيھئون چٽو، اھي پنجئي ۾ چاءِ.

—

٢- ھنڙھ ڏاند، ڪنر ڏکي، اڻ پليو و ياءِ
گھاٽا تير، چيڊي ڪنڪ، اھي پنجئي نہ چاءِ *

(آھنڊ ڪئون، ٿاھڙ ڏکو، اي چيو اولاد، گھاٽا ٻوڪيل تير ۽
چيڊي ٻوڪيل ڪنڪ، اھي چئي تہ پنجئي نہ چاوا.)

[١٢٧٦] پنجئي مار، پنجئي مار.

ڪنر ڏکي، چڪير گھوڙو، آٿ نہ ڪٿي ٻار
ڪتو وچائي تانڌ کي، ليھائين اگھاڙي نار
اھي پنجئي مار.

[١٢٧٧] پنجئي مرد نہ مڙور، پنجئي مرد نہ مڙور.

مذھب کان محروم رھيا، دين ڪنئون دور
ٻوريءَ سين چاھ لڳائي، ڪم ڪنئون وھلور
عمر ساري نفعا ڏونڌي، نت ڪري ڪلور
چغلين تي عزت وڌائي، سچ کان ٿئي مڙور
اھي پنجئي مرد نہ مڙور.

---

[١٢٧٥] * ٻين روايتن ۾: 'جوئر گھاٽي' يا مڱ 'گھاٽا'.
[١٢٧٦] ٻي روايت:
ليڪر چٽو ڪتو، آٿ نہ ڪٿي ٻار
ڪنر ڪئون، لتر گھوڙو، لھائين اگھاڙي نار
اھي پنجئي ايئي مار.

Gul Hayat Institute

[۱۳۷۸] پنجئي مسڪين، پنجئي مسڪين.
نار پڙاڻي ڪنجري، گهوڙي ٽٽل زين
وڏور ڏيءَ گهر ۾، جهڙي ماٽ زمين
جن سنجهي چاڙهيو ڪينڪي، سي پنجئي مسڪين.

[۱۳۷۹] پنجئي مٺي مت، پنجئي مٺي مت.
۱- سونر سنگها ڪڏيا، ڪيهر جهليو کهٽ
آره. چڙهي استري، پانچاريو ڪهڪٽ
متس کهير ندي، گهوٽيو، اهي پنجئي مٺي مت.

(ميروون سنگها ڪڍي، شينهن جي کچيءَ جا وار نڪرن، زال جا آره، نڪرن، گهوڙو جوان ٿئي ۽ مڙس کي ڏاڙهي مڇن ۽ اچي (اهي جوانيءَ جون نشانيون) اهي پنجئي مست آهن.)

۲- مرد نڪرلدي مسڙي، استي آره. ست
سونر سنگها ڪڍيا، سينهان ٿهرين مت
تازي طبيلان ڇٽي، اهي پنجئي مٺي مت.

---

[۱۱۷۸] ٻيون روايتون:
۱- ري سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ چني سيڻ
ڳوريءَ جوين چڙيو، گهوڙي ناهي زين
نڪتو راجا راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

—

۲- چارڻ ٻنان ساز جي، ڪوريءَ چنل سيڻ
سُر ٻگڙيو ڪلوتيهين، ڳوري جوين هيڻ
راجا نڪري راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

[۱۱۷۹] ٻي روايت:
سونر سنگيون ڪوڙيون، شينهن ٻه ڦتڙي رت
مڙد ٻه مسان لٿيون، مهريءَ ميڻديءَ ڳت
تازي طنبيلن ڇڙيا، اهي پنجئي مٺي مت.

[١٢٨٣] پنجئي نہ وسرن، پنجئي نہ وسرن.
مينهن موران، ٿن ڪونجران، آنبان ڏار موٺان
وڏن سڄڻ، جنم ڀومي، وسري مٺوٺان.
(مورن کي مينهن، ڪونجن کي مٺيراهہ، طوطي کي انبن جو ڏار، سڄڻ جو طعنو ۽ پنهنجو وطن مٺي وسرن.)

[١٢٨٤] پنجئي هڪوار، پنجئي هڪوار.
شاهہ وچن، شينهن گمن، ڪيلو ڦري ايڪ وار
تيران تيل، همير هٺ، چڙهي نہ ڏوجهي وار.
(شاهوڪار جو وعدو، شينهن جو ڦرجڻ، ڪيوڙي جو ڦر جهلڻ، تيرن کي ٻيهڙي تيل ڏيڻ ۽ بادشاهہ جو هٺ (يعني بادشاهہ بہ هڪ دفعو جنهن هٺ تي چڙهيو تہ ٻي نہ قبوليندو) اهي پنجئي ڳالهيون هڪ ڀيرو ٿين.)

## ڇهن جو عدد

[١٢٨٥] ڇهئي ڪنهي ٻنان نہ ٿاهہ، ڇهئي ڪنهي ٻنان نہ ٿاهہ.
ڍولان، کولان، ڳاڏهان، ڪهڙ، مڇ، ڪاهہ،
ڇهئي جو ڪر هيڪ، ڪنهي ٻنان نہ ٿاهہ.
(دهل، نوڪر، گڏهہ، ڪوڙا، مڇ ۽ ڪهہ، ڇهئي جنسون ڪٽڻ کان سواءِ نہ ٺهنديون.)

## ستن جو عدد

[١٢٨٦] ستئي ٻڪيا سنسار، ستئي ٻڪيا سنسار.
ڌرتي ميگهہ نہ رجيئي، آگ نہ رجيئي ساڙ
راجا راج نہ رجيئي، موت نہ رجيئي مار

---

[١٢٨٦] ٻي روايت:
ڇهئي ٻکيا سنسار، ڇهئي ٻکيا سنسار.
عزرائيل ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ماري مير هزار
(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٤)

عيشئون نفس نہ رجيئي، پٿرش نہ رجيئي نار
ٻہ نيڻان نہ رجيئي، ڏلي سچو گلزار.

(ڌرتي مينهن مان نہ ڍاپي، ٻاهہ ساڙڻ مان نہ ڍاپي، راجا، راجائي مان نہ ڍاپي، موت مارڻ مان نہ ڍاپي، نفس عيش مان نہ ڍاپي ۽ نيڻ دوست جي ديدار مان ڍؤ نہ ڪن، اهي ستئي سدائين بکيا رهن.)

[١٢٨٧] ستئي سئور، ستئي ستور.

رَن جهاپي، مرڙس ٻوڙو، ٻي چيو ٻئٽ، چنٽر گهوڙو
چلئوڪوڪٽو، جڏوجوڙو، ٻري جي مائٽي، وڏو وچوڙو.

## آئن جو عدد

[١٢٨٨] آئي الهوٽ، آئي الهوٽ.

جهتونيي سنڌ، ٻاڍڻ پنگ، ڳانجي پهرين ستوٽ
گهوڙو سرميدان ۾، آٽ ۽ واڳين چنوٽ
پهرين رات پرڻي جي، پره هندوري جهوٽ
عشق اول جو لڳي، اهي آئي الهوٽ.

---

اکين ڍؤ نہ ٿئي، ڏسڻ ڪنان ديدار
لالچيءَ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ميڙي مال خرار
ٻاهہ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ساڙي ڪاٺ انبار
عورت ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ڳڏجي روز پيتار
ڌرتي ڍؤ نہ ٿئي، توڙي مينهن پون بسيار
اهي ڇهئي بکيا سنسار

[١٢٨٧] چلئوڪوڪتو = ڊچڻو ڪتو، جيڪو بچ تي بہ نہ وڙهي.

[١٢٨٨] ٻيون روايتون:

١- ٻادي پنگ، نانگن منڊ، ڳانجي پهرين ستوٽ
گهوڙو پئور ميدان ۾، ٻري ڳاڏئين سٽوٽ

(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٥)

## ڏهن جو عدد

[١٣٩٠] ڏهہ نَي ڏَٽار، ڏهہ نَي ڏَٽار.

ديس ڏٺي ديوانو نہ ٿئي، هاڻي نہ ٿئي هوشيار
چڪير گهوڙو در اڪيان، بدنظرو يار
ڪچهريءَ ۾ ڪوم ويهي، ادا! ايڻ ڀنوار
ٻيچ ڏاڻي کان قرض نہ کڻجي، توڙي هوءَ تجار
حال ڏمي ڀال نہ ڪندو، اهي ڀانهن جهليندو ڀار
مرد مٺي کان ڀوءِ ڪري، جوءِ وري سينگار
سوڙهي جٽي ڀير ۾، ڏونديي ڀيڙيءَ ٻار
ڪميٺي مان ڪين ٿئي، جو حاصل ٿئي هزار.

(چريو بادشاهہ، اڻ هيرايل هاٿي، چڪر گهوڙو، تاڪڻو دوست، بيوقوف جو ڪچهريءَ ۾ ويهڻ، ٻوءِ ڏاڻي کان قرض کڻڻ، مڙس مرڻ کان ڀوءِ ڀہ هار سينگار ڪندڙ عورت، سوڙهي جٽي، نڏيي ٻيڙيءَ ۾ ٻار گهٽو ۽ ڪميڻو ساٿهو، اهي ڏهئي نقصانڪار آهن.)

[١٣٩١] ڏهہ نَي ويري انسان، ڏهہ نَي ويري انسان.

ڏهن ويرين وچ ۾، آيو آهي انسان
ڀهريون ويري ڀنهنجو آهي، نفس نحس نادان

---

[١٢٩١] ٻي روايت:

اول هن جهان ۾، هڪ آيو آهہ انسان
ڀهريون ويري ڀيٽ تيس، جيڪو نيت ليت کهٽري نان
ٻيو تان ويري تنهن سان، شرڪ آهي شيطان
ٽيون تان ويري تنهن سان، آ نفس جڙيو نادان
چوٿون ويري پٽ آهيس، بيٺو ٻي فرمان
ڀنجون ويري تڪبر آهہ، تهمت جو طولان

(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٧

ٻيو ويري تنهن مان، شامل آهي شيطان
ٽيون ويري وترو، صحبت زال زبان
چوٿون ويري ٽا چون، ٻيڻو ٻي فرمان
پنجون ويري پيٽ آ، جو نيت گهٽري نان
ڇهون ويري آج آ، جو ٻين ٻائي پريشان
ستون ويري شهوت آ، جنهن ڪيا هزارين حيران
اٺون ويري اڪرو، تڪبر جو طوفان
نائون ويري ننڊ آ، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڏمر آهه، جهل وڏو جولان
ڏهن ويرين وچ مان، ڪو ڪٽي جنگ جوان
آءٌ تنهن تان قربان، ڪريان سِر ”شاهُو“ چوي.

## ٻارهن جو عدد

[١٣٩٣] ٻارهن ئي ٻن ٻيا، ٻارهن ئي ٻن ٻيا.
١ — بادشاهه ديوانو ٿئي، هاٿي ٿئي هڙهار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري چار

---

ڇهون ويري شهوت آهه، جنهن ڪيا هزارين حيران
ستون ويري آج آهه، ڪري ري پاڻي پريشان
اٺون ويري عورت آهه، صحبت زال زبان
نائون ويري ننڊ آهه، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڪاوڙ آهه، جهل وڏو جولان
انهن ويرين وچ مؤن، جيڪو جنگ ڪٽي اڇي جوان
تنهن سورهيه تؤن قربان، لک ٻيرا ”لطيف“ چئي.

[١٢٩٢] ٻي روايت:
مرد ويرياٽي نينڊڙي، زال ويري سينگار
واريءَ سندي ٻنڌ تي، گهٽو نه ڪنجي ٻار
ڪٿهي چيلهه چنڙو موچڙو، ڪٿهي ڊولڊيءَ جيڏو ٻار
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٨)

Gul Hayat Institute

مرد ويرياڻي نينڍڙي، زال ويري سينگار
لاهڙ ڀونچو پڙڏيو، ننڍڪ اڳهاڙي نار
سيڄو هاري سڪڻو، ڪوهيءَ ڪارو لار
ڪميڻو ڪڇهريءَ ۾، پيري ڏيندو گار
هيچ ڏاڻي ڪان قرض نہ ڪڍجي، توڙي هجي تجار
اهي هجن سٺار، تہ ٻہ ٻارهن ٿي ٻن پيا.

٢- دل اڇو ويري ٻلو، ڪوهہ متن ڪنڍو يار
جو صلاح ۾ ساڙي، ڪوهہ دو رنگو دوست دار
ڪتره ڪري ڪامڻي، ڪوهہ آراڙو ٻار
چڪير گهوڙو گهر ۾ ٻي پاسي ناهہ قرار
سوڙهي جتي پير ۾ آهي مڙس لئي آزار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، آهي مڇيءَ ويري چار
مڙس ويرياڻي ننڍڙي، زال ويري سينگار
دِهہ ڏٺي ديوانو نہ ٿئي، هاڻي ٿئي نہ هوشيار
"خاناڻي" چوي خلقت ۾، ساڪي ياري نڪا يار
ٿين حاصل لک هزار، تہ بہ اهي ٻارهن ٿي ٽول ٻن پيا.

## ويهن جو عدد

[١٢٩٣] ويهہ ٿي نادان، ويهہ ٿي نادان.
ٻهر ڏيون عمل نہ ڪري، پڙهي ڪتاب قرآن
ٻيو جو امانت ۾، ڪري خر خيان

---

ڳوٺ وڏيرو مَر مري، جنهن تي سڀ مدار
هاڻي هاڙهيارو مَر ٿئي، سچو مَر ٿئي سردار
پوڙهي زال پاسي ۾، گهر ۾ ناهي قرار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري چار
ٻهر سڱونهين نہ گهر ۾، گهر ۾ سڱونهين ٻار
انهن مان حاصل ٿئي هزار، تہ بہ ٻارهن ٿي ٽول ٻن پيا.

[١٢٩٣] چيل جڱهن چارڻ جو.

Gul Hayat Institute

ٽيون ٻوي ٻرائي ٻاھ ۾، ذرو نہ رکي ڏيان
چوٿون اڏي دائرو، نہ مالي ڏئي مهمان
پنجون سخي سڏائي پاڻ کي، درم نہ بخشي دان
ڇهون ڪمينو اصيل سان، ڪري شيد شيطان
ستون سيکڻهن تي ڪري، زھر ساڻ زيان
اٺون اثر نہ ڪري، نصيحت کي نادان
نائون نائيءَ سان ڪري، گهر آئي گهمسان
ڏهون ٻري ڪان ٻرواز ٻئي، جاهل منجھ جهان
ڪارهون قيلعي تي وڃي، ٻگيي ڪٽي ڪمان
ٻارهون ٻتهون رنجائي، هندو مسلمان
تيرهون تنهن ٻئي ٻر ٻجي، جنهن کي شرم نہ ڪو شان
چوڏهون پيد رکي ٻيراڪ جو، ستڙي ڪوڻ ميدان
پندرهون پيءُ سان بحث ڪري، ناقابل نادان
سورهون ويندي وات سان، ڪڏائي ڪيڪان
سترهون سيکڻهن جو هوي، آتم پاڻهہ ضمان
سخني مذڪور ڪري، ارڙهون سان الحان
اوڻويهون ائين چئي، تہ قيامت ايندي ڪانَ
ويهون وڏي سر در تي، ڪري ترانا تانَ
اهي ويهہ ئي وڏا نادان، "جنمن" ليکيا جهان ۾.

Gul Hayat Institute

# باب تيرهون

## عاقلاڻا قول

[هن باب ۾ شامل مواد سکڻ جي عقل ۽ دانائيءَ وارن قولن تي مشتمل آهي. مثلاً، پلن جا پار ڪهڙا؟ ڇا تي پروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙي شيءِ ڪهڙي ڳڻ سان سونهي؟

انهن قولن ۾ عاقل سکڻ پنهنجي ڄاڻ موجب نصيحت‌آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي نوڙي ظرافت سمايل آهي. هن قسم جا قول ڪافي وقت کان ٻهراڙين جي ڪچهرين ذريعي عام رائج آهن. ڪي قول ڪن سکڻن پوءِ ٺاهيا آهن، جن مان دادن، جمالي ۽ ٻرڙيوءَ جا گفتا هن مواد ۾ شامل آهن.]

**[١٢٩٤] پلن جا پار، ڪهڙا؟**

اول ۾ الله پلو ٻيئون محمد شاهہ پلو
مديني جو راهہ پلو نيڪن جو لڳاهہ پلو.
اول ۾ الله پلو سائينءَ وڏو ساهہ پلو
وڏو پير ويساهہ پلو سنڌ ۾ درياهہ پلو.
دين آ اسلام پلو محمد جو آ نام پلو
شرع جو احڪام پلو سڪنهن تي سلام پلو.
سهڻو رمضان پلو نازل ٿيو قرآن پلو
مومن جو ايمان پلو تڙيل تان شيطان پلو.
وچ جنگ جي غازي پلو مسجد ۾ نمازي پلو
شرع تي قاضي پلو گهوڙو هجي تازي پلو.
تڙ سان تن پلو خوشيءَ سان من پلو
شريعت ڏي ڪن پلو سخاوت سان ڌن پلو.

Gul Hayat Institute

ڪهوڙو ته ڪميت ڀلو — ننهن تي ڪارو ڪيس ڀلو
مڙس سونهي ويس ڀلو — ملڪ پنهنجو ديس ڀلو (١).

ڪهوڙو تان سمند ڀلو — ڪلر تان ڪمند ڀلو
درياءَ تان بند ڀلو — پيار تان پيوند ڀلو.

ڪهوڙي لاءِ ڪيلو ڀلو — پاڻيءَ لاءِ ولو ڀلو
ڪتونهي لاءِ بيلو ڀلو — پوڙهي لاءِ چيلو ڀلو.

ڪهوڙي سندو تنگ ڀلو — مرد جو ننگ ڀلو
پوک جو ته سنگ ڀلو — ملهه ۾ آنڪ ڀلو.

ڪهوڙي کي لغام ڀلو — سهڻن جو سلام ڀلو
قرب جو ڪلام ڀلو — دلبر سندو دام ڀلو.

جاءِ جو آ ٽنب ڀلو — ڪهوڙي سندو سنب ڀلو
ڪهينهي جو ته ڏنب ڀلو — ٻَت لاءِ آ انب ڀلو
غريب لئي ڪنب ڀلو.

ڪهر جو تان ڪولو ڀلو — مال سو تان اوٺو ڀلو
هٿ ۾ ته سوٽو ڀلو — ٻچن لاءِ پولو ڀلو.

چونڙي اکيان اوٺو ڀلو — ٻنيءَ لاءِ لوٺو ڀلو (٢)
هٿ ۾ آ سوٽو ڀلو — يار دوست ڪوٺيو ڀلو (٣).

Gul Hayat Institute

---

(١) ٻي روايت ته: گهوڙو ته ڪميد ڀلو.

ڪپڙو سفيد ڀلو — گهوڙو ڪميد ڀلو
مڙس ڪارو ڪيس ڀلو — ديس ڪان پرديس ڀلو

(٢) يعني چونڙي جي آڏو ٿلهو ڀلو آهي ۽ ٻنيءَ لاءِ هرلي يا لار جو لوٺو ڀلو آهي جو ڀاڃي ڪيدي.

(٣) ٻين روايتن موجب هن سلسلي جون پيون ٽڪون ته:
مڙس ته چوٿو ڀلو- ٻٽ ته پاٽيٺو ڀلو- پوڙهو گهر وينو ڀلو.

وڻ جو تان جٺوهو پلو ڪماند جو چٺوهو پلو
ٻيڙيءَ کي ته ڪٺوهو پلو مينهن جو چوهو پلو (١).

ڪڙي جو آ ٻَرَ پلو ٻوڪ جو آ تَرَ پلو
زال جو آ وَر پلو مرگهه کي آ تَرَ پلو.

هٽ تي لڳاڙو پلو ٻيڙيءَ تي مهاڙو پلو
محبت وارو ماڙو پلو سونهي چيلهه ناڙو پلو.

پلهي جو ته پاسو پلو جاءِ جو ته داسو پلو
دوست جو دلاسو پلو مڙس هجي خاصو پلو.

ڪنڀارَ جو چڪ پلو ڦهڦونٺهن جو ڦڪ پلو*
زال کي آ حق پلو دشمن کي تان ڏک پلو.

ڪڻو ڪيرهاڙو پلو هٽ وارو ناڙو پلو
موتيءَ جو آ داڻو پلو محبوبن جو ماڻو پلو.

سون جو تان ماسو پلو آنءُ جو تان ڪاسو پلو
دوست جو دلاسو پلو ڪميڻي کان پاسو پلو.

ڪڪڙي آتي ريڻو پلو پاپ کي ته پيڻو پلو
مرد کي ته ڪيڻو پلو هٽ ۾ ته ليڻو پلو.

هاٿيءَ ڪنان شير پلو مڙس ته دلير پلو
پيلن جو آ پير پلو پرت وارو ڦير پلو.

مهريءَ جو آ مير پلو مينهن جو آ ڪير پلو
جنڊ ۾ آ ڪير پلو اتر وارو پير پلو
داتا دستگير پلو.

---

(١) ٻين روايتن موجب وڌيڪ ٽُڪون ته:
اوڏڙو ته ڪوهو پلو- قطاريءَ کي سٺو پلو.

* ڦهڦونٺهن = ڦهڦون، ڪاٺي جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

مٺي اها جا ماري پلي — ٻالهه سا جا پاري پلي
ميويدار ٽاري پلي — گهڙي سڄڻ گهاري پلي.

ڏيهه سان آ ڏيٺ پلي — شيءِ اها جا نيٺ پلي
منهن ڪڙي ڪان ميٺ پلي — جيڻ جي هيٺ پلي.

## ٿر جي سگهڙ پريوءَ جا چيل گفتا*

پوک ڪي ته پاڻ پلو — ڪٽ ڪي ته واڻ پلو
اٽ ڪي ته ڏاڻ پلو — پڪو پختو ماڻ پلو.

روهيڙي جو وڻ پلو — نانگ جو ته مڻ پلو
ٻڪون جو ته ٿڻ پلو — ٻڪرين جو ته ڏڻ پلو.

"سنڌ" ۾ ته سَر پلو — هاري ڪي ته هَر پلو
جاءِ ڪي ته دَر پلو — "پريو" ڪي ته ٿر پلو.

ماڻهو ڪي ته پار پلو — ڪوڙن ڪي ته ڪار پلو
"سنڌ" ۾ ته نار پلو — يار ڪي ته پيار پلو.

ٿادل لاءِ گهوٽو پلو — اگڻ مٿي اوٺو پلو
ٿهريءَ ۾ ڦوٽو پلو — دشمن ڪي سوٽو پلو.

شاعر ڪي ته شاهه پلو — سال لاءِ ڳاهه پلو
وهندو ته واهه پلو — اٺ ڪي ته پاهه پلو.

جهنگ ۾ ته پيلو پلو — ڪارو ته چيلو پلو
ڪروءَ ڪي ته چيلو پلو — شاهه جو ته ميلو پلو.

گهوڙي جي ته ڊوڙ پلي — هٿ ۾ ته لوڙهه پلي
ماڻهوءَ جي ته ڪوڙ پلي — هَر جي ته اوڙ پلي.

* پريداس پٽ رائچند، ويڙهل چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر.

Gul Hayat Institute

بندوق ۾ نوڻي ڀلي — موچي لاءِ کوڻي ڀلي
ڪپڙي کي ته اوڻي ڀلي — دشمن کي ته سوڻي ڀلي.

زال کي ته شال ڀلي — لڙائي ۾ ته ڍال ڀلي
گهر ۾ ته زال ڀلي — غريب لاءِ ته دال ڀلي.

---

چانڊوڪيون ته راتيون ڀليون — رڃ جون ته ڪاتيون ڀليون
پکين جون ته لاتيون ڀليون — ساجن جون ته ٻاتيون ڀليون.

## [١٣٩٥] پروسو نه ڪجي، ڇا تي؟

درياهه جي آر تي — گلن جي هار تي
ڪچي سٽ جي تار تي — ڪٺل سرڪار تي.

درياهه جي ڀيٽ تي — واريءَ جي ريت تي
اڪرڙ جي نيٽ تي — گڏهه جي پيٽ تي.

حاڪم جي چاهه تي — چور جي ويساهه تي
ڪنوالي جي گاهه تي — سدائين ساهه تي.

ڏين جي نوڙي تي — گهٽي سوڙهي تي
ڏکي گهوڙي تي — زال ڀوڙهي تي.

اک جي سوڻي تي — پاڻيءَ جي ڦوڻي تي
دل جي کوڻي تي — قد جي ڇوڻي تي.

اکن جي لوڙهي تي — ڪهتگير گهوڙي تي
امل جي روڙهي تي — ماٺوءَ ڀوڙي تي.

گدرن جي واڙي تي — مٽيءَ جي ماڙي تي
مڙس ڀاڙيءَ تي — زال آناڙيءَ تي.

جنوا جي داءَ تي — ٽڳ جي ٿاهه تي
پنهنجي ساهه تي — درياءَ جي لاهه تي.

Gul Hayat Institute

سانوڻ جي مينهن تي — سياري جي ڏينهن تي (۱)
نوچيءَ جي نينهن تي — پاليل شينهن تي (۲).

ڏٻري سواري تي — ڪُتي بازاري تي
نوڪر جواري تي — بي همت هاري تي.

فقير جي ڏارن تي — ننڍڙن ٻارن تي
ڪارن وارن تي — درياءَ جي آرن تي (۳).

ڪاچي جي ڏڪ تي — آڪاري جي پڳ تي
جهنگ چرندي وڳ تي — لاهيجي لڳ تي.

ناچوءَ جي زاڳ تي — ماڻهوءَ جي ڀاڳ تي
گهوڙي جي واڳ تي — زال جي سهاڳ تي.

پٽوءَ جي ڏنگ تي — گهوڙي جي تنگ تي
سپاهي جي سنگ تي — زماني جي رنگ تي.

ڪانئي جي ڪلاس تي — ولين جي واس تي
پرديسي جي پياس تي — لُچ جي لباس تي (۴).

سوداگر جي سات تي — مسخري جي وات تي
ڏٻي جي ڪات تي — ڪميني جي ذات تي.

ڪلر جي ڀت تي — انڌي جي رت تي
ڪکن جي ڇت تي — ڇري جي ڇت تي.

ھلال جي نور تي — دال جي ٻوڙ تي
بازاري سوڙ تي — چور جي ووڙ تي.

---

(۱) ٻي روايت: سانوڻ جي مينهن تي — نئين لڳل نينهن تي
(۲) ٻي روايت: ڪاغذ جي سُونهن تي — پاليل شينهن تي
(۳) ٻي روايت: فقير جي ڏارن تي — ماتيجي پائرن تي
ڪارن وارن تي — ننڍڙن ٻارن تي
(۴) ٻي روايت: نجومي جي آس تي — پرديسي جي پياس تي.

ڪُتي جي ڏاڙ تي ڪُڏڙي جي تاڙ تي
اُٺ جي راڙ تي وڇونءَ جي جهاڙ تي .

ڏاري وال فقير تي رشوتي امير تي
پيٺوءَ پير تي گهوڙي گڏهه ڪير تي .

ڪاري سور تي هراڙي ڏور تي
چاپلوس چور تي بندوق جي ڏور تي .

واٽي جي تور تي پوک جي اور تي
ڪاٺ جي پور تي مڇيءَ جي گهور تي .

زال جي مڪر تي آسمان جي ڪڪر تي
مِٺي جي ليڪر تي پاڇي جي بڪر تي .

پاٽي جي چڙر تي لٺي جي هڙ تي (١)
ناڻگ جي ڏر تي درياهه جي پر تي .

ڪُڏڙي جي گار تي نڍڙي پار تي
پوليس واري يار تي مٿڏي اوزار تي .

---

## * دادن فقير جا گفتا

پوليس جي ياري تي ناليِ واري ناريءَ تي .
جواني جي جوش تي هراڻي گوش تي .
آڪ جي سوئي تي پاٽي جي ڦوٽي تي .
سپاهي جي سنگ تي زماني جي رنگ تي .
ڪچي سٽ جي تار تي رنگيليءَ جي پار تي .
رشوتي آمين تي آئي جي زمين تي .

---

(١) ٻي روايت: پاڻيءَ جي چر تي سُڃي جي گهر تي .
* سگهڙ دادن سونارو، محمد فقير هيسباني جو پاڙو، ويٺل نصيرآباد، ضلعو لاڙڪاڻو .

Gul Hayat Institute

رنڊيءَ جي انجام تي ڪميني غلام تي.
پرائي مال تي زنانيءَ ڳالهه تي.
نوڪري نيچ تي ٻراج جي پيچ تي.
حاڪم جي چاهه تي چور جي ويساهه تي.
سدائين ساهه تي کنوالي جي ڳاهه تي.
ننڍڙن ٻارن تي ڪارن وارن تي.
خيراتي خوراڪ تي سڄي جي اوطاق تي.
آڌاري سَوُ تي ٻَت جي ڏوُ تي.
درياهه جي آرَ تي ڪَنڌيءَ سرڪار تي.
جهڙ جي ڇانوَ تي لِڪر جي ٽانوَ تي.
سوداگر سِٽ تي گهڙيءَ جي چِٽ تي.
ڪاڇي جي ڊڪ تي آڪاري جي پَڪَ تي.
"دادن" چوي دم تي ڪوڙي دنيا جي ڪم تي.

## * جمالي جا گفتا

ناڙيءَ جي پِنڪ تي چوڏيءَ جي رنگ تي
ساڙيءَ جي سنگ تي جت جي چنگ تي
ڏينهو جي ڏنگ تي گڏهه جي تنگ تي.
وڻ جي ڇانوَ تي شيشي جي ٽانوَ تي
ڪروڙي جي ڍانوَ تي ڪاڪرو ڪانوَ تي.
پرائي ڌن تي آڌاري آن" تي
اچوڪي سَن تي بي حيا رَن تي
ڪڪاڻين ڇَن تي ٻُڌي جي ڪَنَ تي.
مرڏيءَ جي سال تي آڪاري جي شال تي
خواب جي خيال تي زناني تال تي.
ٻاروٽي آٽي تي جست جي وٽي تي
وڪيل جي ڏٺي تي رن جي ڪٺي تي.

*ڪيهر فقير جمالي وينل لڳ ڪُنب ليمان تعلقو شهدادپور. اندازاً سنه ١٨٨٠ع ڌاري ڄائو.

Gul Hayat Institute

سهڻي هجي، مگر ستَ سِيلُ نہ هجيس تہ اها زال نہ چڱي،
تنهنڪري زال لڄ شرم واري سٺي.)

[١٢٩٨] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڏِٺي جهڙو لعل ڪونهي، انب جهڙو سواد ڪونهي
ٻَڪَرَ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري ڳَهڻُ پَلي، مهيڻهِن ڪَنڍي پَلي.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

اک جهڙو لعل ڪونهي، آنُ جهڙو سواد ڪونهي
پَٽِ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري لَڄ پَلي، مهيڻهن کير پَلي.

[١٢٩٩] هڪ سگهڙ چيو تہ:

جَرَ تہ نديان جَرَ، پاڻهِن جهڙو ناهي ٻَرُ،
چنڊ جهڙي ناهي جوت.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

جَرَ تہ ميگهان جَرَ، پاڻُن جهڙو ناهي ٻَرُ،
اکين جهڙي ناهي جوت.

Gul Hayat Institute

[١٣٠٠] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڪٺاڙو آهو جو ڳاڙهي ڳَن، مڙس آهو جو آچي وَن
زال آهيا جا گهر سينگاري، حاڪم آهو جو ٻڇيا ماري.

تڏهن ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

ڪٺاڙو آهو جو ڪاٺ ڏاري، مڙس آهو جو ٻول پاري
زال آهيا جا ننگ سنڀاري، حاڪم آهو جو ٻڇي ماري.

---

[١٢٩٩] هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

[١٣٠١] هڪ سگهڙ چيو ته:

جويون سي جي چٽين جاڙا  گهوڙيون سي جي هڻن ڏاڙا
مينهون سي جي ڀرين واڙا  مڙس سي جي ڪٽين ڀاڙا.

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

جويون آهي جن جا ڪم موچارا
گهوڙيون آهي جي وارين ڏاڙا
مينهون آهي جي ڀرين ساڙها
مڙس آهي جي رکن ڀاڙا.

[١٣٠٢] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڳائيان جوڀن ڳاهه هئي، ٽڏريان جوڀن آنُ
ماهيلي جوڀن مرد هئي، مرد جوڀن ڏنُ.

(يعني: ڏڳين جو جوڀن (جواني) ڳاهه، گهوڙين جو جوڀن داڻو، زال جو جوڀن مرد ۽ مرد جو جوڀن ڏن آهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

ڳائيان جوڀن برسات هئي، ٽڏريان جوڀن ڏِٺَتَ
ماهيلي جوڀن مانُ هئي، مرد جوڀن چَتَ.

(يعني: ڏڳين جو جوڀن ساوڻ، گهوڙين جو جوڀن ڏڌُ، زال جو جوڀن عزت ۽ مرد جو جوڀن ايمان آهي.)

[١٣٠٣] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڪانچ سڀ ڪهڙو، ڪاتي ٻڪ هٿيار
آڳهاڙو آهو جنهن جي پير ناهي پيجار.

(هڪڙي سگهڙ چيو ته: رڳو ڪانچ پيل انس ته چئي ڪهڙا ڀهريل آهي، چو ته اوگهڙ ڏڪيل ته رهندي، ڪاتي ٻيٽ سان ٻڌل آهي ته انهي جهڙو ٻيو هٿيار ڪونهي، ۽ آگهاڙو اهو آهي جنهن کي پيرن ۾ جتي ڪانهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، ته:

شرم سپ ڪپڙو، همت سپ هٿيار
اگهاڙو اهو جيڪو پائڻ کان آهي ڌار.

(يعني ته: شرم نه هوندس، ته ڪپڙا ٻه ڪپڙا پائي ته ٻه، اگهاڙي جو اگهاڙو، تنهنڪري شرم جهڙو ٻيو ستر ڪونهي، همت نه هونديس ته، ڪاتي جهڙي آهي تهڙي ناهي، تنهنڪري همت جهڙو هٿيار ڪونهي؛ ۽ پير ٻه، اگهاڙا هوندا ته، اهو اگهاڙو ڪونه ليکبو، پر اگهاڙو اهو آهي جيڪو پائڻ کان ڌار آهي.“

[١٣٠٤] هڪ سگهڙ چيو ته:

آوچي ماڙي سهڻي، جنهن ۾ ڳاڙهي ڪت
تنڌ مڙئي کهه ـ کهت*

(يعني: آوچي ۽ ڪشادي ماڙي هجي، اُن ۾ ڳاڙهي رنگ جي ڪَت پيل هجي، اُن تي ويهي دوستن سان رهاڻ ڪجي، ٻوءِ چڙڪ دنيا جي هر لذت حاصل ٿي وئي.)
ٻئي سگهڙ چيو ته، ته:

ڪِشون هٿون ڳودريان، تنهن مان ڌو ڌ جن مَت،
تنڌ مڙئي کهه ـ کهت.

(يعني: مارواڙ جي پاسي جون ڳِشون هجن جن مان ڪير جا مَٽ ڌوهجن. اُن ڪير جي پيئڻ ۽ ولوڙڻ مان جيڪو سُرور حاصل ٿيندو، اُن جهڙو ٻيو ڪوبه سواد يا مزو ناهي.)

---

[١٣٠٤] هيءَ روايت آتر (تعلقي آباوڙي) مان محمد حسن ”مشتاق“ کان ملي.

* کهه ـ کهت = منڌل ۽ رلنگ، ميڙا مثل. ”ٽيا گاهن جا گهه گهت“ (سانوڻ).

Gul Hayat Institute

ٽيين سگهڙ چيو ته، نه:

پنج ماڻهو، ڏهه واهرو، پنجي تن جي پٽ،
تنڏ مڙئي کهه کهت.

(يعني، پنج چور چوري ڪري وڃن، اسان ڏهه واهرو سندن پچو ڪريون، اهڙي لذت اصل هٿ ڪانه ايندي.)

چوٿين سگهڙ چيو ته، نه:

ڪاهيي ڪنڪر ڪنڌيا، هئون آفيم جا ڪٽ،
تنڏ مڙئي کهه کهت.

(يعني، ڪنڪر جي ڪچين وانگر ڍڳهين سهڻين ڪچين وارن آئن جي سواري ۽ آفيم جا ڪوڙها هجن، ته اهڙي ٻي ڪانه لذت ڪانهي.)

[١٣٠٥] هڪ سگهڙ چيو ته:

سون پرڪجي ڪسوٽيي، رُپو پرڪجي ڀاهه،
ماڻهو تڏهن پرڪجي، جڏهن ڪيي ڳالهاءِ.

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

سون پرڪجي ڪسوٽيي، رُپو پرڪجي ڀاهه،
ماڻهو تڏهن پرڪجي، جڏهن ڀار مٿس اچلاءِ.

ٽئين سگهڙ چيو ته، نه:

سون پرڪجي ڪسوٽيي، رُپو پرڪجي ڀاهه،
ماڻهو تڏهن پرڪجي، جڏهن ڀاڙو ڀاڙي مان لاءِ.

---

[١٣٠٥] هي دوايت ڪراچيءَ مان صالح محمد سمي کان ملي.

Gul Hayat Institute

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK—XII

# Riddles And Enigmas

Compiled & Edited
by
N.A. BALOCH
M.A., L.L.B. (Alig.), M.A., Ed. D. (Columbia)
Director,
Sindhi Folklore and Literature Project.

Gul Hayat Institute

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO/HYDERABAD
1983

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

| | | |
|---|---|---|
| Ist: Edition | August 1965 | 1000 Copies |
| IInd: Edition | August 1983 | 2000 Copies |

[Price: Rs. 30.00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL
Sind University (New Campus) Jamshoro
(G.P.O. Box No: 12, Hyderabad, Sind.)

Printed by Mian Allah Bachayo Yusufzai at the Sindhi Adabi Board's Printing Press. Tilak Incline Hyderabad and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sind.
Gul Hayat Institute

# PREFACE

This is the twelfth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this Project was started in January 1957. and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far 20 volumes have been published. and this is the twenty-first of the forty volumes proposed to be published under this project.

Riddles belong to the antiquity of human race and are common to all the peoples and races of mankind. They have been current in the Lower Indus Valley of Sind also from times immemorial, and their rich variety curent to the present day indicates that riddling has been an essential part of the folk culture of the people of Sind. Here, through the course of centuries, the 'simple riddle' evolved differentiating further into various forms.

Gul Hayat Institute

The highly complex type of Sindhi riddle is *Gujharat*, the like of which, probably, is not known among any other people, in any language in any other country, Because of their distinct and highly complex form, a separate volume, Book XIII of this Project has been devoted to *Gujharat.* This volume deals with all the other varieties of riddle, though for the sake of brevity it has been entitled as "Riddles And Enigmas". A brief explanation of the different types of riddles. compiled under this volume, follows. For details, the reader should refer to the introductory explanation at the beginning of each chapter and the Sindhi introduction.

1. PIROLEE. It is the synonym of 'riddle' in English, and literally means 'something to be thought about and solved'. Like 'riddle', it is the generic term, applied specifically to the 'common riddle' and also generally (though loosely) to all the other forms. From the point of structure, similitude and imagery involved, and nature of the solution, the Sindhi *Pirolee* may be differentiated into *(i)* the simple riddle, *(ii)* the simple versified riddle. *(iii)* the versified riddle with a more complicated solution, and (*iv*) the riddle the solution of which is based not on independent thinking but on the pronouncement of the traditional doggerel rhymes transmitted by the elders. These four forms of *Pirolee* are respectively compiled under the first four chapters of this volume. The following are the typical examples of each variety:

( *i* ) A loaf is lying in the desert
(The foot-print of the camel).
Lying on the face it is one, with face upwards it is two
(The mirror).
The river is at the bottom, the field is burning at the top
(The hubble bubble).
One he-goat with twelve hoofs
(The year).
An inch in size with twenty feet of tail
(The needle and the thread).

(*ii*) Green is the creeper with fruits white
One cannot taste but can sight
(The sky and the stars).
Four males and sixteen maids
Got decorated after loss of heads
(Four thumbs and sixteen fingers after nail cut).

(*iii*) I cannot cut, I cannot weigh
I cannot break it any way
(One's own reflection).
Whenever he comes,-whenever
Empty handed he returns never
(The Angel of Death).

Gul Hayat Institute

The one who needed it, did not purchase it
The one who purchased, did not wear it
The one who wore it did not see it
(The shroud).

(*iv*) Make the cat wear the earings
Cheerings! Cheerings!
Cat wore the earings.
Make the she-fox to be the bride
The crow cried
The cat sighed
The she-fox became the bride.

**II. DUSTAG.** It may be described as a "Puzzle in Similitudes" because simile is employed successively in its structure. Each statement denotes an analogy of form or function which correctly corresponds to the description of the real (thing or idea), suggesting and yet baffling the solution The *dustags* are compiled under Chapter V.

Examples:

It's head is like the elephant's, but it is not an elephant
It is black like a crow, but it is not a crow
It climbs up the tree, but it is not a snake—
Say what is it?
(The Black Ant).

It is round like a hedge-hog, but it is not a hedge-hog
It has beard like men, but it is not man
It wears yellow robes, but it is not a *sanyasi*
It is full of water, but it is not a water skin—
Say what is it?
(The coconut),

**III. IV. HEMAREE AND GOORHO.** These two types, compiled under Chapter VI, may be described as 'Metaphorical Puzzles'. because metaphor is their essential characteristic. *Hemaree* literally means the 'golden one'. *i. e.*, the riddle which is a golden gift presented by one friend to another. *Goorho* means a 'complicated puzzle'. These are the types of riddles peculiar to the *Lar* (southern) and the Tharparkar areas of Sind

Gul Hayat Institute

As such, they are mostly composed in the *Tharee-Dhatki* dialect and are invariably in versified form. *Hemaree* is almost the same as the versified *Pirolee* (Chapters II & III) but *Goorho* differs in style and structure and usually involves complicated metaphors.

*Hemaree*

Clear like the sky and moon-like in shape
From the perfume-vendor's shop I do purchase
(The mirror).
On a flat top is a pond small
Elephants drink from it, horses and all
Except birds with beaks long or small
(Udder or breast).

*Goorho*

The darling of the rock's son together with the tree's son
Wearing the goat's son, it accompanies man.

*a.* The rock's son=iron=steel=the blade
*b.* The tree's son=wood=the handle
*c.* The goat's son=skin=leather
The wear of leather=sheath
*d.* The steel blade+wooden handle+sheath=sheathed sword, carried by men.

V. **DITTH OR DITTH-PIROLEE.** (**Plu.** Ditthoon). *Ditth* means 'something seen' and *pirolee* is the riddle. Thus, *Ditth-pirolee* means a 'riddle based on something seen'. It is always in verse form. The difference between a *pirolee* (common riddle) and a *Ditth-pirolee* is that while in the former the simile and the metaphor pertain to mainly the shape or form of the object, in the latter they usually pertain to both the form and the function of the object. In the plural form, they are called *Ditthoon* or *Ditth-pirolyoon* which are the subject matter of Chapter VII.

Example:

A good-named female, small in size, with a long tail,
The bird has two she has four wings frail.

Gul Hayat Institute

No blood if slaughtered, her meat of no avail
When she goes out hunting, she kills the male.
(The Dragon Fly which hunts the mosquito).

This type represents the common *ditth* or *ditth-pirolee*. But there is another type, the *Rivayati Ditth* or 'the transmitted situational riddle', representing the inventive skill of those early professional experts who based these riddles on happenings and situations which they actually saw or the possible occurrence of which they visualized. The orally transmitted tradition usally represents two professional experts engaging in a volley of wits and demonstrating their ingenuity–the one composing and presenting one riddle after another and the other solving each one in verse instantly or after suggesting more than one solution. These are termed as the *Rivayati Ditthoon, i.e.,* the transmitted situational riddles which are brought together under Chapter VIII.

VI. MU'AMMA OR MAM. It literally means an enigma. It can be conveniently described by comparing it to the *ditth*. While the *ditth* is based on an object or situation actually seen or visualized, the *mu'amma* may be based on an imagery or idea. In *ditth* the description is comparatively simpler and so also are the similes and the metaphors. The *mu'amma*, even when pertaining to a single object, employs a series of similes and metaphors based on the detailed characteristics and qualities of the object.

Gul Hayat Institute

The style and the diction of the verse are also comparatively superior in the *mu'amma* than in the *ditth*. Both the *mu'amma* and the *ditth* are composed in verse, but the former is more lengthy than the latter. The nature of the puzzle involved in the *mu'amma* is also much more complicated than in the *ditth*.

Examples:

1. Please explain it to Mittho,(1) and give it your thought
It neither came from earth, nor from the sky was it brought
It was neither born of father, nor from the mother begot
Says Mittho, it has birth and death, but alive it is not

(1) Mittho is the name of the composer of this enigma.

It moves without life, in wonder I am caught
Oh intelligent fellow! tell Mittho, it is what?
(Perspiration).

2. I looked and saw and observed with care—
The nature made this beautiful ware
With God's will so fine and fair
The python and the nightingale both live there
The wolf and the goat in the same lair
The fifth is the goat-herd, togather they fare
But each in its own way does and dare
Oh intelligent man! explain this situation rare.

This enigma (*mu'amma*) was proposed to the illiterate but renowned poet Nim of the town of Uthal in the district of Las Bela (18th century) and he explained it in verse. It means 'Man's Body'. The python is the selfish self, the nightingale the tongue which spells out the desire, the wolf is the Satan, the goat is the faith, and the goat-herd is the reason.

The current *mu'ammas* are compiled under Chapter IX, while those transmitted through tradition (*Rivayati Mu'ammaoon pl.*) are compiled under Chapter X.

**VII. THE GURU-CHELO.** These riddles are in the form of puzzling questions based on the concept of test questions supposed to have been posed by the *guru* (the guide) to his *Chelo* (the disciple). The origin and development of this class of riddles has the cultural background of the influence of the '*Hutt-Yogi*' or '*Yogi Panth*' (Yogi sect of the Nath Gurus in the 14th century or earlier. Machhandar Nath is said to be the founder of this sect. His disciple Gorakh Nath became famous throughout the sub-continent. These Yogis had their place of pilgrimage called 'Hinglaj' (in the present Las Bela district) on the bank of the Hingol river some 150 miles west of Karachi. They used to pass through Sind and the people of Sind became acquainted with them.

The *Chela* (the disciple) used to be trained by his teacher-guide, the Nath or the Guru. He used to put some test questions to him. Originally these questions must have pertained to the

Gul Hayat Institute

sectarian discipline, but this idea of test questions gave birth to this type of riddle which was developed by the professional Sindhi bards. For want of a better name, it is now called the 'Guru-Chelo'.

The *Guru-Chelo* denotes a puzzling question composed in double verse form (*doha*). Usually, it contains three propositions, the solutions of which invariably depend upon a single word. In this sense, it resembles a logogriph, though no addition, subtraction or transposition of letter is involved in the single word for the purpose of solutions. Rather the word, as such, is capable of giving three different meanings providing solutions appropriate to the three propositions.

Example:

Question: The owner does not recognize the goat, and the camel does not eat the *khabbar* leaves
The farmer does not scare away the birds, say why oh *Chela* please?

Answer: Oh Guru! (because) *boori* is not there,

(*a*) *Boori*, is the kind of goat with very small ears. Since his *boori* goat is not among the many goats shown to him, he does not recognize the one belonging to him.

(*b*) *Boori* means blossom of the *khabbar* tree. The camel eats the leaves of this tree when it blossoms and becomes sweeter. Since there is no *boori* (blossom), the camel does not eat it.

(*c*) *Boori* means the raw grain of the ears (of *bajhra* or *jawari* crops). The birds are not scared away until the ears begin to have the raw grains. Since the ears have no *boori* (raw grains). the farmer does not bother to scare away the birds.

The *Guru-Chelo* riddles are compiled under Chapter XI.

**VIII. PROPOSITION ROOTED IN CULTURE.** The last two chapter. XI and XII, pertain to the type of versified propositions, the solutions of which depend not so much on the exercise of intelligence as on acquaintance with the social mores and cultural valuse.

Gul Hayat Institute

The propositions under Chapter XII are in the 'numerical form'. For example:

Proposition: *One* fellow enjoys a sound sleep
*One* fellow enjoys a sound sleep

Solution: Yes, the *one* who has neither a wife nor a home to keep. He does enjoy a sound sleep.

Proposition: The *Two* are just alike
The *Two* are just alike

Solution: Yes, the young one of a goat and a neglected child These *Two* are just alike (*i.e.*, they know no discipline).

Proposition: Do not under-estimate the *Three*
Do not under-estimate the *Three*

Solution: The ruler, the fire and the flood water free
Do not under-estimate the *Three*.

These propositions are composed on numerals ranging from one to twenty, there being a number of propositions on each numeral.

Chapter XIII pertains to what may be called the 'qualitative or value propositions'. The questions involved are something like this: What are the good qualities of different things, animals, persons etc.? Which things or situations should not be relied upon? What characteristics make different things (animals, men etc.) meaningful, useful or beautiful? The propositions are in simple question form but the answers to them are to be in a rhymed form.

Gul Hayat Institute

Under the present survey, about 6000 riddles of the above categories were collected from all over the country, and after collation and critical evaluation, 1305 were finally selected for inclusion in this volume.

University of Sind
Hyderabad
August 10, 1965.

N.A. BALOCH,
Director, Folklore Project.

## CONTENTS


| | | Page |
|---|---|---|
| Chapter I | Simple Riddles ... ... ... | 3—17 |
| Chapter II | Versified Simple Riddles ... ... | 18—30 |
| Chapter III | Versified Complex Riddles... ... | 31—55 |
| Chapter IV | Riddles with Solutions in Tradi-... tional Doggerel Rhymes ... ... | 56—80 |
| Chapter V | *Dustag* Puzzles. ... ... ... | 81—88 |
| Chapter VI | Hemaree and Goorho (Metaphorical) Puzzles. | 89—125 |
| Chapter VII | *Ditthoon* or Situational Riddles ... | 126—137 |
| Chapter VIII | Transmitted Situational Riddles ... | 138—154 |
| Chapter IX | The Enigmas ... .... ... | 155—180 |
| Chapter X | Transmitted Enigmas ... .... | 181—210 |
| Chapter XI | The Guru-Chelo Puzzles ... ... | 211—240 |
| Chapter XII | Numeral Propositions ... ... | 241—269 |
| Chapter XIII | Qualitative Propositions .... ... | 270—287 |


Gul Hayat Institute

پروليو
معمائو

Gul Hayat Institute